
سوجهرو
سينگاريندڙ:
ايچ. ٽي. لئمبرڪ
ڊاڪٽر الانا
ڊاڪٽر البدوي
شيام ڪمار
ج.ع. منگهاڻي
ڊاڪٽر رسول ميمڻ
ممتاز مهر
ڊاڪٽر غفور ميمڻ
قربان بگٽي
فريده شفيع
سعيد ميمڻ
حليم جوش
ڊاڪٽر شير مهراڻي
پير عبيد راشدي
شوڪت لوهار
منظور ڪلهوڙو
ساڻي محبوب
حسيب ڪانهيو
نسرين الطاف
امر ساحل
مصطفىٰ انڙ
۽ ٻيا
171
ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي - ڪارنر

ABC Certified

سوجهرو

جون 2013

سال:15. شمارو:171. قيمت: 50 روپيا. ڏيساور ۾ ساليانو قيمت: 50 آمريڪي ڊالر

## ٽچ مي پليز...

ايموئيل ڪانٽ پنهنجي ٽن ڪتابن، پريڪٽيڪل ريزن، ڪرٽڪ آف پيور ريزن ۽ ڪرٽيڪل ڊسيشن ۾ عقل ڪي، Wisdom ۽ Reason جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي،هن عقل ڪي 'ٽماڙ عمارت' چيو آهي. 'پهرين ماڙي' ۾ رهندڙن ڪي هو، 'مردار بتن جو تهخانو' ڪوٺي ٿو. 'ٻي ماڙي' جي رهواسين لاءِ هو لکي ٿو، 'اهي ماڻهو، ڳڙڪين جي ميرانجهڙي شيشن مان زر زرڪرياينڊڙ پراسرار روشني پسن ٿا.' ۽ ٽين طبق ڪي هن هڪ 'اوچو گنبذ' ڪوٺيو آهي، جيڪو 'نيري نڀ جي سونهن ڪي ڇهي ٿو.'

'مردار بتن جي تهخاني' واري طبق بابت هو خيال ڏيکاري ٿو، 'فرد، بي انت گنجريل مامرن جي اڪلاءَ ڪان نه ته لنوائي سگهي ٿو. ۽ نه ئي ان حيثيت ۾ آهي، جو انهن جو نبيرو ڪري سگهي.'

جرمن فيلسوفن جيان ابهامَ (confussion) ڪانٽ جي اڌ ۾ آهي. ائين لڳندو آهي، ڄڻ هو ساڄو ڪن ڪابي هٿ سان ڪنهي رهيو آهي. ڪنهن نقاد ان لاءِ ائين به چيو، 'مبهم اصطلاحن جي ڊڪشنري ڪانٽ جي منڌل اظهار مان جڙي سگهي ٿي.' روسو، ڪانٽ جي عقلي دليلن بابت ته ائين به چيو، 'عقل وساريو ۽ جذبات تي ويساهه ڪيو.'

اصل ۾ ڪانٽ 'تمثيل' جي پيشڪش ۾ مبهم نه پر تجريديت پسند فيلسوف آهي.

ميٽافزيڪل جي هڪ ماهر ۽ ڪانٽ جي همعصر، مارڪس هرز، سندس مسودو پڙهندي چيو، 'مسودي جي پڄاڻي تي آءٌ شايد سونت مان نڪري وڃان.' ان جملي مان طنز بدران تعريفي ۽ تجريدي خوشي جو احساس ظاهر ٿئي ٿو.

فلسفي جو بنياد ئي 'قياس' تي آهي. قياس جي اهڙن ورن وڪڙن ۾ اُهاءُ نظر اچي ٿو. نج عقل واري تنقيد جي معنيٰ، تنقيد نه، پر نج عقل جي پرک آهي، جنهن ڪي وسيع پرسپيڪٽو ۾، اخلاقي استدلال چئبو. يعني، اهڙو عقل يا علم جنهنجو دارومدار فرد جي حواسن بدران، فرد جي 'سمجهه' تي ٻڌل هجي. هن جو چوڻ آهي، 'سمورو علم، حواسن ذريعي حاصل نه ٿو ٿئي . ڇاڪاڻ ته فرد جا حواس مڪمل ريت، صداقت جو ڪاٿو نٿا لڳائي سگهن. فرد، محدود يا لامحدود دنيا جي تصور جو ادراڪ ئي نه ٿو رکي. ڇاڪاڻ ته هو زمان(time) جي 'آغاز' ۽ 'انجام' جي ڄاڻ ڪان اڻڄاڻ آهي. ٻيو ته هو، ڪنهن اهڙي 'زمان' جو تصور به نه ٿو ڪري سگهي جنهنجو نه 'مُنڍُ' آهي ۽ نه ئي 'انت'.

حقيقي دنيا فرد جي پهچ ڪان ٻاهر آهي. پر فرد، 'اندر جي اک' سان دنيا ڪي ڏسي سگهي ٿو، جنهن ڪي 'لکت' ۾ اچڻ ڪانسواءِ به پڙهي ۽ سمجهي سگهجي ٿو.'

هن سوال اٿاريو، 'فرد، مادي (mater) ۽ ذاتي تجربي ڪانسواءِ، ذهن جي معرفت ڪنهن شيءِ تائين پهچڻ جي اميد ڪري سگهي ٿو؟' اهڙي سوال جي جواب ۾، هو پاڻ ئي دعويٰ ڪري ٿو، "فرد نه رڳو 'عقل جي واهپي' (unifying principal) سان، اثر قبول ڪري سگهي ٿو. ۽ تصورات جي خلقيندڙ طور به پرک ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته فرد پنهنجي حواسن ڪي، ادراڪ جو مطيع رکڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اک، ذهن ڪانسواءِ، نابينا آهي."

ڪانٽ جي لفظن ۾، 'شيءِ' پنهنجي ليکي جيئن ڏسجي ٿي، يا 'مظهر' (Image) ٻيئي ڌار شيون آهن. شوپنهار، ڪانٽ جي اهڙي ڳالهه ڪي قبول ڪندي چيو، "اسين ڪانٽ جا ٿورائتا آهيون جو هن 'حقيقي دنيا' ۽ Images جي دنيا ۾ فرق ظاهر ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته انسان ۽ فطرت، موت ۽ زندگي بابت فرد جو تصور حسي (Sensual) آهي، ان ۾ ادراڪ جو دخل ناهي."

ڪانٽ جي نظر ۾، حواسن جي تاثير پذيري ڪانسواءِ 'شيون' بي معنيٰ آهن، جن جي ڄاڻ ملڻ مشڪل آهي، ۽ اهائي ڳالهه 'روح' جي آزاد اداري (هو روح ڪي آزاد ادارو ڪوٺي ٿو) ۽ خدا بابت به فرد جي تصورات جي شاهدي ڏي ٿي. ڇاڪاڻ ته فرد جا حواس محدود آهن، انڪري 'حواسن' جي 'وجود' جو ثبوت ملڻ ممڪن ناهي.

ڪانٽ، هاڪاري نقطئہ نظر ڪي Positively (مثبت طريقي سان) ترڪ ڪرڻ جي تلقين ڪئي آهي. هو اصل ۾، 'بي يقيني' جي 'عقلي صحيفي' تي 'ويساهه' رکڻ وارو وڏو فلاسافر آهي. هو فرمانبرداري ۽ ماتحتي ڪي قبول ڪرڻ لاءِ بنهتيار ناهي. هن Critic of Practical Reason ۾ پنهنجي ذهن ۾ 'خدا' جي وجود ڪي نطشي جيان ختم ناهي ڪيو. چئي ٿو، 'فرد جي ڏيري صورتحال لاءِ خدا جو هجڻ اٽتر آهي.' پر هن Empirical Self ۽ Transcendental Self ۾ فرق روا ضرور رکيو آهي. 'مون ۾' ڪي 'معروض' ۽ 'مان' ڪي 'موضوع' ڪوٺي ٿو. هو Empirical Self (تجربي ذات) ڪي نفسي عوامل جو سلسلو چئي ٿو، جنهن ڪي علمي معروضات جو ڪارڻ ٻڌائي سگهجي ٿو. پر 'ماورائي ذات'، 'مان' جنهن ڪي هو موضوعي ڪوٺي ٿو، ان ڪي رڳو عقل سان نٿو پرکي سگهجي. هو چوي ٿو، 'انسان ڪي اهڙي موضوع جي ڄاڻ ئي ناهي. ۽ نه ئي اهڙي ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.'

هيگل، ڪانٽ جي مظهريت (Imagery) ۽ ماورايت (Noumena) جي وچ ۾ فرق روا رکڻ جي مخالفت ڪندي، ٻنهي جي وچ ۾ Abiding Spiritual Principle (روحاني هڪجهڙائي) لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪانٽ جي پيٽ ۾ هيگل جي، 'مظهريت' ميٽافزيڪل آهي، جنهن هيٺ هو، 'مطلق حقيقت' ۽ 'عقل' جي وچ ۾ هڪجهڙائي ڏيکاري ٿو. ۽ ان ڳالهه تي زور ڏي ٿو ته، "روح، مادي جو ضد آهي، جيڪو 'تصوريت' ڪي سپليمينٽ ڪندڙ ۽ انجو Substance يا Abstract آهي."

جڏهن ته ڪانٽ، 'مطلق ذات' ماورائيت ۽ عقل ڪي، حسي تصورات جي بنياد تي پرکڻ جو قائل آهي. هو چوي ٿو، 'خدا ڪي عقل ذريعي ڄاڻي نٿو سگهجي.'

**تاج بلوچ**

# سنڌي ٻولي قومي ٻولي

## وچور

### نقطئہ نظر:

شيخ اياز- منفرد قلمڪار — ڊاڪٽر الانا
اياز جي شاعري... — قربان بگٽي

### ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي ڪارنر:

حوض ۾ چنڊ.... — ج.ع.منگهاڻي
عاشق جي اڪيلائي.... — ڊاڪٽر غفور ميمڻ
ڊاڪٽر جي ياد ۾.... — فريده شفيع
بالله ريءَ پرين... — ڊاڪٽر شير مهراڻي
عاشق بدوي ۽ يادگار خط... — ممتاز مهر
ڪينارو... — مصطفيٰ انڙ

### سنڌ پيهر ڳر موڙيا:

حُر گوريلا جنگ(باب چوٿون)... — سائين رکيو

### آتم ڪٿا:

پاتم جهاتي جهان ۾... (27) — شيام ڪمار

### نئون ناول:

اسٽيل جا پنج گلاس... — ڊاڪٽر رسول ميمڻ

### ڪهاڻي:

ٽپي... — پير عبيد راشدي
بدلو... — حيسب ڪانهيو
مرمت ٿيل ڪهاڻيون... — شوڪت لوهار
مهورت... — منظور ڪلهوڙو
مقاطعو... — ساٿي محبوب
شهر... — گلزار

### نظم ۽ وائي:

سعيد ميمڻ ۽ امر ساحل.

### غزل:

ج.ع.منگهاڻي، نسرين الطاف، حليم جوش، ناز سِرڪي، گل محمد خاصخيلي، مختيار سهتو ۽ عمران انجم.

### جي مارن مونڊي موڪليا:

ناز سنائي، حنيف عاطر، سليم نور حسين، رضا لانگاهه، نصير سومرو ۽ پچن لال.

OFF: 0333_2013648
021_34019264_5
CELL: 0300_9288496
0313_9288496
0332_9288496
E-mail:tajbaloch2505@yahoo.com

مئنيجنگ ايڊيٽر: فراز بلوچ
ايڊيٽر: تاج بلوچ
سب ايڊيٽر: فهيم سولنگي
آرٽ ايڊيٽر: حامد ڪبيري

خريداريءَ جا اگهه:
رجسٽرڊ ٽپال: =/700 ساليانو
سادي ٽپال: =/600 ساليانو

آفيس ايڊريس:
بنگلونمبر:177، بلاڪ: 7 گل هائوسز
گلستان جوهر ڪراچي.
فون: 021_34019264_5

هي رسالو ايڊيٽر/پبلشر تاج بلوچ ذڪي سنز پرنٽرز آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچيءَ مان انور ذڪيءَ وٽان ڇپائي بنگلو نمبر: 177 بلاڪ 7 گل هائوسز گلستان جوهر ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.



# شيخ اياز

## هڪ منفرد قلمڪار



ڊاڪٽر غلام علي الانا

(ث)

انهن مثالن کان پوءِ، شيخ صاحب جي اها دعوا جيڪا ”شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار“ ڪتاب جي صفحي 64 تي ورجائي وئي آهي، سا هرگز قبول ڪري نٿي سگهجي، جنهن ۾ شيخ صاحب فرمايو آهي ته:

”مان اهو فخر سان چئي ٿو سگهان ته سنڌي غزل ۽ بيءَ شاعريءَ کي، ڌاري روايت مان مون ڪڍيو هو، ۽ اُن جون جڙون سنڌي شاعريءَ سان ملايون هيون.“

شيخ صاحب جي هن دعوا سان به اتفاق نٿو ڪري سگهجي ته:

”اها بي ڳالهه آهي ته مون غزلن، نظمن ۽ آزاد نظمن ۾ تشبيهون، استعارا، فني محرڪات، ٻوليءَ جا گوناگون تجربا سڀ سنڌي آندا. اها ڪا تعلي نه آهي ته مون فارسي ۽ اردو شاعريءَ جو مطالعو ڪري به سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي ۽ اردو لفظ گهٽ ۾ گهٽ ڪم آندا آهن، ۽ اُن جون جڙون شاهه لطيف سان ملايون آهن، پر مون فارسي بحر ۽ وزن جو نندي هوندي کان مطالعو ڪيو هو ۽ جي سنڌيءَ جا جغادري شاعر هئا، اُنهن کان به بحر ۽ وزن کي ڏهه ڀيرا وڌيڪ ڄاڻندو هوس. هوُ بار بار سٽ ۾ اکر حذف ڪندا هئا، مان ورلي ڪندو هوس.“

گويا شيخ صاحب پاڻ کي بحر ۽ وزن جي ڄاڻ ۾ آخوند گل، مير سانگي، مرزا قليچ بيگ، گدا، فاضل شاهه، ماتم ۽ آخوند قاسم کان به وڌيڪ ماهر سمجهيو آهي. اها دعوا پاڻ پڏائڻ واري دفعي ۾ داخل آهي.

(ج) مٿي ڊاڪٽر گنگارام گرگ جي ڏنل حوالي مان ثابت ڪيو ويو آهي، ته سنڌي ادب ۾ نواڻ، مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ ۽ ڪشنچند ’بيوس‘ آندي. مرزا قليچ بيگ مغربي ادب کان متاثر ٿي، سنڌي ٻوليءَ ۾ نظم جي شروعات ڪئي.

(ح) سنڌي ادب جي نقادن، هري درياني دلگير ۽ ويجهڙائيءَ ۾، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب ’شيخ اياز - هڪ مطالعو‘ ۾ لکيو آهي ته شيخ اياز، ڪشنچند بيوس جي تقليد ڪئي. اياز، جديد ادب يا ترقي پسند ادب جو هرگز باني نه آهي، پر هوُ ڪشنچند ’بيوس‘ جو پوئلڳ آهي. هن سلسلي ۾، گرامي صاحب واري ڪتاب جي مهاڳ ۾، مون صفحي 23 تي، محترم هري دلگير جي مضمون جو حوالو ڏنو هو، جيڪو ”سهڻي“ رسالي جي، شيخ اياز نمبر (ڀاڱو 2) ۾، صفحي 35 تي ڇپيو هو.

هري دلگير فرمايو آهي ته:

”اياز جي شاعريءَ لاءِ هڪ نئون پيچرو ڪشنچند ’بيوس‘ اڳي ئي ٺاهي ويو هو، جنهن تي هلي اياز هڪ شاهي سڙڪ ٺاهي ورتي، تڏهن خود اياز لکيو ته:

”جي اسان جي ادبي ارتقا ۾ بيوس جو وجود نه هجي ها، ته منهنجي شاعريءَ جو رنگ روپ ساڳيو نه هجي ها.“

(خ) حيرانيءَ جي ڳالهه آهي، ته شيخ صاحب اڳتي هلي پنهنجي انهيءَ بيان کان ڦري ويو آهي. انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر جوڻيجو، پنهنجي مذڪوره ڪتاب جي صفحي 174 تي، جديد شاعريءَ جي سلسلي ۾، شيخ اياز کي هوندراج ’دُکايل‘، ڪيئلداس ’فاني‘ ۽ ڪشنچند ’بيوس‘ جي آواز مان هڪ نئون آواز پيدا ڪندڙ شاعر بيان ڪري ٿو، پر شيخ صاحب کي جديد شاعريءَ جو باني هرگز نٿو سمجهي. ڊاڪٽر جوڻيجو صفحي 174 تي لکي ٿو:

”جديد سنڌي شاعريءَ جو جائزو وٺندي نقاد هوُندراج ’دُکايل‘، ڪشنچند ’بيوس‘ ۽ ڪيئلداس ’فانيءَ‘ جا نالا متفق طور ڪڻن ٿا. هنن ٽن جي شاعريءَ جي انداز ۽ اُسلوب ۾ به انفراديت آهي. شيخ اياز انهن آوازن مان هڪ نئون آواز پيدا ڪيو. ابتدا ۾ ٿورو ڪلام، پراڻي روايتي انداز جو به چيو، پر جلد اهو ڪيس بيٺل پاڻيءَ وانگر لڳو، تنهن ڪري نئين آواز سان پاڻ کي هم آهنگ ڪيائين، اُن ڪري ئي اياز جو آواز ڪلهه نئون هو ۽ اڄ به نئون آهي.“

ساڳيءَ ڳالهه کي ورجائيندي، ڊاڪٽر جوڻيجو، ساڳئي ڪتاب جي صفحي 185 تي لکي ٿو:

”اياز جي دور ۾ سوين اهڙا شخص شاعر سڏيا ويا، جيڪي هئا تڪبند! اياز به موجوده وڏن شاعرن جو اثر ورتو. ابتدا ۾ عروضي ڪلام جو اثر ورتائين ۽ فاعلا تن فاعلات جو استعمال ئي سندس ڪلام جي اوليت هئي. جلد هن سڪٽي وزن کي خيرباد چيو. هوندراج ’دکايل‘، ڪشنچند ’بيوس‘ ۽ ڪيئلداس ’فانيءَ‘ جي گس تي هلڻ بهتر سمجهيائين. موضوع به نوان ڪٽڻ لڳو، فرسوده گل وبلبل، شمع و پروانه جي ڳالهه کان هٽي ويو، مئخاني کي به ايراني رنگ ۾ نه، پر موکي ۽ مٿن جي وايو منڊل ۾ ڏنائين.“

## 11

(الف) مون مٿي عرض ڪيو آهي ته شيخ صاحب پنهنجي نثر ۾ پاڻ کي تمام گهڻو پڏايو آهي ۽ پنهنجن متقدمين ۽ همعصر شاعرن، اديبن، اسڪالرن ۽ محققن لاءِ هتڪ آميز لفظ استعمال ڪيا آهن. مثال طور ’شيخ اياز هڪ منفرد قلمڪار‘ ڪتاب ۾، اسان جي پروفيسر صاحبن، شيخ صاحب جا ڪيترائي اهڙا پئراگراف ورجايا آهن، جن ۾ هن پاڻ کي گهڻو پڏايو آهي. مذڪوره ڪتاب جي صفحي 66 ۽ 67 تي، شيخ صاحب جي لفظن کي هن طرح پيش ڪيو اٿن:

”جيتوڻيڪ مون گهڻو ڪري غزل ۾ پنهنجو تخلص ڪم آندو آهي، جيئن اردو ۽ فارسيءَ جي شاعرن ڪم آندو آهي. تخلص جو استعمال شاعر جي نشاندهي ته ڪري ٿو، پر مون کي اُن مان آپي پٽي جي بوءِ ايندي آهي، جي نه ڪيو وڃي ته چڱو.“

(ب) پنهنجن همعصر شاعرن لاءِ جيڪي هتڪ آميز لفظ، شيخ صاحب استعمال ڪيا آهن، اُهي مذڪوره ڪتاب جي صفحي 66 تي ورجايا ويا آهن. شيخ صاحب فرمائي ٿو:

”مون کي ياد ٿو اچي ته جڏهن مون ڪراچيءَ ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي، تڏهن پنهنجي دوست مرحوم جمال صديقيءَ سان گڏجي ڪراچيءَ مان ٺٽي هڪ ڪيس هلائڻ لاءِ ويو هيس. ابراهيم جويو، جو منهنجو ۽ جمال جو دوست هوندو هو، ٺٽي هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو. اسان ابراهيم جي گهر رهيا هئاسون. اِهي ٺٽي جون ٻه راتيون منهنجيءَ زندگيءَ تي اَٽمٽ ڇاپ ڇڏي وَيون. منهنجن شعرن مان اڄ تائين ٺٽي جي رابيل جي خوشبو ايندي آهي، ۽ مان جڏهن ڪوئي رابيل جهڙو مکڙو ڏسندو آهيان، ته ٽڙڪي ويندو آهيان. ٻئي ڏينهن ابراهيم ٻڌايو ته ٺٽي ۾ جمعيت الشعراء جو مشاعرو آهي، جتي ’واصف‘، ’خليل‘، ’نظامي‘ وغيره جغادري غزل گو شاعر آيا آهن ۽ مون اُتي انتظام ڪيو آهي، ته تون جديد شاعريءَ تي تقرير ڪرين...... سو مون جديد ادب تي ٻه ڪلاڪ تقرير ڪئي ۽ اُتي آيل سيني شاعرن کي ٻڌايو، ته هنن جهڙا غزل ته لکنو ۽ دهليءَ جو هر شاعر لکي سگهندو آهي. ۽ جي غزل اُتي طوائفون ڪوٺن تي ڳائينديون آهن، سي به سندن غزلن کان بهتر هوندا آهن. پوءِ مون ڪين ٻڌايو ته جديد

شاعري ڪيئن آهي؟ ٽئگور، اقبال وغيره جي شاعريءَ ۾ نظم جي ڪهڙي حيثيت آهي، ۽ حسرت، فاني، جگر، اصغر گونڊويءَ فراق ڪان اڳتي وڌيڪ فيض، ساحر، فڪر تؤنسوي وغيره ڪيئن غزل لکيو آهي؟ ڪجهه نون لکڻين مان يورپ جي ادب مان به حوالا ڏنا ۽ ٽئگور جي شاعريءَ مان به حوالا ڏنا. هُو منهنجي عمر ۽ جرئت ڏسي ۽ دونهاندار تقرير ٻڌي وائڙا ٿي ويا، ته انهيءَ عمر ۾ مون کي گستاخيءَ جي جرئت ڪيئن ٿي هئي؟ پوءِ ابراهيم جويي کي ڏسي چپ ٿي ويا، ڇو ته ڇڙو ابراهيم هيڊماستر ۽ خليل ڊاڪٽر هئا، باقي ڪلارڪ ڪڙا ۽ ماستر مڙا هيا، جڏهن ته نظامي سنڌ زميندار هوٽل جو مالڪ هو."

(ت) آءٌ شيخ صاحب جي هن راءِ تي ڪابه ٽيڪا ٽپڻي نه ڪندس، ڇو ته سنڌ جو هڪڙو مهان دانشور، ڊاڪٽر ابراهيم 'خليل'، نظاميءَ ۽ واصف جهڙن شاعرن کي شاعر نه مڃي، ۽ اُستادن لاءِ 'ماستر مڙا' جهڙا توهين آميز لفظ ڪم آڻي، تنهن اديب يا شاعر لاءِ ڇا چئجي؟ مغروريءَ ۽ تڪبر جي اها انتها آهي، شيخ صاحب جي انهن لفظن ۾.

(ث) شيخ صاحب پاڻ پڌائڻ ۽ تڪبر ۾ ايتري قدر ته گم هو جو پنهنجي دور جي سنڌي ادب کي "وڏوا جو مڙهه" ٿو سڏي، جڏهن ته اُن دور ۾ گوبند مالهيءَ، شيخ عبدالرزاق 'راز'، اياز قادريءَ، عبدالڪريم 'گدائيءَ'، اُستاد بخاريءَ، شمشير الحيدريءَ، محمد خان مجيديءَ، مولوي احمد ملاح، نياز همايونيءَ، بردي سنڌيءَ، تنوير عباسيءَ، مخدوم طالب المولىٰ، ابراهيم منشيءَ، سرويچ سجاوليءَ ۽ امداد حسينيءَ جهڙن اعلىٰ شاعرن سنڌ ۾ شاعري ٿي ڪئي. اهڙيءَ طرح نثر ۾ شيخ حفيظ، عبدالغفور انصاري، نسيم احمد ڪرل، جمال ابڙو، امر جليل، حميد سنڌي، ماهتاب محبوب، آغا سليم، عبدالقادر جوڻيجو، محمد ابراهيم جويو، جي - ايم سيد، پير علي محمد شاهه راشدي، سيد حسام الدين شاهه راشدي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد عطا حسين شاهه موسوي، سيد عبدالحسين شاهه موسوي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي ۽ ٻيا به ڪيترا ناول نگار، ڊراما نگار، ڪهاڻيڪار، محقق ۽ نثر جي ٻين صنفن تي لکندڙ سُخنور موجود هئا، جن پنهنجن پنهنجن ميدانن ۾ سنڌي ادب جي خدمت ڪري، دنيا ۾ اُن جو ڳاٽ اوچو ڪيو هو. الله ڄاڻي ڇو شيخ صاحب انهن سڀني اديبن ۽ شاعرن کي اديب تسليم نٿو ڪري؟

(ج) پنهنجن متقدمين شاعرن ۽ دانشورن کي به شيخ صاحب ڪجهه به نٿو سمجهي. انهن لاءِ هن ڪتاب ۾، صفحي 65 تي، شيخ صاحب جا ورجايل لفظ ملاحظه ڪريو:

"اهو وقت گذري ويو جڏهن سنڌي شاعريءَ مان ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ ايندي هئي. جڏهن لکنو ۽ دهليءَ جي پيتي روايت ڪان متاثر ٿي شاعر قافيه پيمائي ڪندا هئا، ۽ پنهنجو غزل پينوءَ جي پاند جيئن ڦهلائي داد جي طلب ڪندا هئا. اُنهن ۾ نه زندگيءَ جو شعور هو، نه ادب جي شناس ۽ انهيءَ اردو غزل جو صحيح ذوق، جنهن جون ٻه چار تشبيهون هنن لاءِ انهيءَ انڌي ڏيڏر جي ڪائنات ٿي چڪيون هيون، جو نه فقط زندگيءَ جي موج ۽ تلاطم ڪان بي خبر هو، پر پنهنجي کوهيءَ جي جرَ تي ڪنهن چنڊ ستاري جو پاڇو به نه ڏٺو هئائين. گذريل ڪافي عرصي جي شاعري اِهي ٽاڦوڙا آهن، جنهن جي چيڪ جون ڦينگون اڃا تائين حيدر آباد کان لاڙڪاڻي تائين اُڏامنديون نظر اينديون، ۽ جن کي اڃا تائين ڪجهه تڪبند شاعر ڇور وانگر چنبڙيا پيا آهن.

فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي روايت ۾ ڪائي مور جي ادا ڪانه هئي، جو اُن جي تقليد ڪئي وڃي ها، البته ڪجهه ڪانوَ، هُدهُد جا ڪنپ اٽڪائي، اُڏامندا نظر ايندا هئا. اُنهن مان به ڪجهه اُهي هئا جن جا سطحي جذبا هنن کي حالي، اڪبر الهه آبادي ۽ اقبال جي دروازي تي وٺي ويا ۽ هُو لڪير جا فقير، ڪجهه ادبي اوبر مان جهول ڀري آيا. انهيءَ ڪوڪلي شاعريءَ جي ڪرڙ ڏسي ڦُوليا نه سمايا. انهن ڪان اهو به وسري ويو ته اسان جي زبان ۽ ادب خود مالامال آهي، ۽ ڀٽائيءَ، سچل، ساميءَ جيڪو ذخيرو ڇڏيو آهي، سو ڪڏهن به کٽڻو نه آهي، ۽ فقط اهوئي اسان لاءِ فخر جو باعث آهي. هڪ طرف فارسي ۽ اردو شاعريءَ جي تتبع ۽ انڌي تقليد سنڌي شاعريءَ ۾ جمود پيدا ڪيو ۽ ٻئي طرف اسان جي ڪافي، بيت ۽ دوهيڙي ۾ نئين جذبي ۽ جدت جي نمايان ڪمي نظر آئي."

لهاذا، شيخ اياز صاحب جي هن پوري بيان مان ائين ٿو محسوس ٿئي، ته شيخ اياز جي نظر ۾ سانگيءَ، آخوند گل، گدا، فاضل شاهه، قليچ، خليفي قاسم، حمل فقير، نواب ولي محمد لغاريءَ، خليل، واصف، نظاميءَ، علي محمد قادريءَ ۽ ٻين متقدمين ۽ همعصر شاعرن جي شاعريءَ جي ڪابه حيثيت ڪانهي. اُنهن جي شاعري فضول آهي، بيڪار آهي ۽ اردو ۽ فارسي شاعريءَ جو نقل آهي. جيڪڏهن ائين آهي، ته پوءِ پاڻ مير عبدالحسين سانگيءَ جا غزل اردوءَ ۾ ڇو ترجمو ڪيائين، جيڪي سندس واڪاڻ لاءِ هن ڪتاب جي صفحي 84 تي ڏنا ويا آهن.

(ح) شيخ صاحب پنهنجن همعصر اسڪالرن ۽ محققن لاءِ به سٺا لفظ ڪم نه آندا آهن. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "شيخ اياز - هڪ مطالعو" ڪتاب جي پيش لفظ ۾ صفحي 14 تي لکي ٿو:

"شيخ اياز 'ڪتي ته پيجبو ٽڪ مسافر' ڪتاب جي صفحي 32 تي سنڌي اسڪالرن ۽ سنڌي پي. ايچ . ڊي وارن تي رمارڪ ڏنا. هُو لکي ٿو ته:

اهو ضروري نه آهي، ته مان سنڌيءَ جي اسڪالرن وانگر انهن ڪتابن جي لسٽ ڏيان، جن تان مون مواد ورتو آهي. گهڻو ڪري سنڌي اسڪالر هڪ ڪتاب پڙهي اُن تان مواد وٺندا آهن، ۽ اُن ڪتاب ۾ جن ڪتابن جو حوالو هوندو آهي، اُنهن ڪتابن جا نالا به اُن لسٽ ۾ پڻ شامل ڪري ڇڏيندا آهن."

شيخ صاحب جي هن رمارڪ کي، ڊاڪٽر جوڻيجي قبول نه ڪيو آهي، ۽ ساڳئي صفحي 14 تي لکي ٿو ته:

"حقيقت ۾ هي رمارڪ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ تي صادق به اچي وڃي ٿو، پر ڪتابن مان حوالا وٺڻ رڳو سنڌي اسڪالرن سان لاڳو نه آهي. سڄي دنيا تحقيق ۾ هن نظام کي قبول ڪيو آهي. حوالا نه وٺڻ ۽ ڪتاب نه ڏسڻ سبب غلطيون ٿين ٿيون. اُن جو شيخ اياز جي هن ئي ڪتاب ۾ مثال موجود آهي."

سنڌي اسڪالرن لاءِ شيخ صاحب ڪجهه اُڇاترا رمارڪ به ڏنا آهن. اُنهن جو حوالو ڏيندي، 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي'، ڪتاب جي صفحي 106 جي حوالي سان، ڊاڪٽر جوڻيجو پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ صفحي 166 تي لکي ٿو:

"ان سلسلي ۾ ميران سان ڪچهري ڪندي اُڇاترا (s arcastic) رمارڪ به ڏنا آهن. انهن مان ڪنهن رمارڪ ڪان پاڻ کي شاعر (شايد) آجو ڄاتو آهي. رمارڪ هي آهن:

- سنڌي اسڪالر هيڊ ڳڙيءَ جا پساري آهن، جن ۾ ڪائي ٿوم نه آهي.
- سنڌي شعر اهو ڪُتي جو پڇ آهي، جو ٻه سؤ سال نڙ ۾ رهيو آهي، ته به ڏنگوئي رهيو آهي.
- مون کي فقط هڪڙي سنڌي اسڪالر لاءِ عزت آهي.
- (ڪنهن لاءِ)
- مرزا قليچ بيگ لاءِ."

شيخ صاحب جي هن رمارڪ تي، ڊاڪٽر جوڻيجو پنهنجو رايو ڏيندي، صفحي 166 تي لکي ٿو:

"خود اعتمادي تسليم، پر سنڌي ادب لاءِ اهي رمارڪ ڏڪوئيندڙ آهن. سنڌي ادب جي شاگردن کي خبر آهي، ته سنڌ جا اديب، محقق ۽ شاعر گهٽائي آهن، جن جو معيار بلند آهي. ڪو 'اياز' کي 'گورڪي' چوي ته اُن کي جواب ۾ (خواب ۾) 'گورڪن' چئو! ڇو جو هُو وچايل بيت ۾ روايتون هٽ ڪري، زنجير جون ڪڙيون ملائي ٿو ڏي ته اهي تحريرون به مفيد آهن، ڇو جو ماضيءَ ۾ شعر لکيو نه ويو هو."

(خ) شيخ صاحب، پنهنجي لاءِ سنڌي اسڪالرن وانگر حوالي طور ڪتابن جي لسٽ ڏيڻ ڪان ان ڪري انڪاري آهي ۽ سنڌي اسڪالرن کي اهڙي لسٽ ڏيڻ تي تنقيد ٿو ڪري، جو جڏهن تاج محمد سمي، موهن ڪلپنا، ايم - ڪمل، اجهل، نند جويريءَ، غلام نبي مغل ۽ آدرش توڙي ٻين ڪيترن شيخ صاحب جي ڪلام ۾ شاعراڻين خامين تي تنقيد، ۽ تاج سمي، سهڻي رسالي جي نمبر 2 ۾ صفحي 113 تي، سندس خط ۾ جيڪي رايا ڏنا آهن، اُنهن جو اختصار پيش ڪريان ٿو، ته جيئن خبر پوي ته شيخ صاحب حوالا نه ڏيڻ جو بهانو ڇو بنايو آهي. هُو لکي ٿو:

"عبرت مئگزن ۾ شيخ اياز جي ٻاهرينءَ دنيا جي چوندِ ادب کي لڳايل 'ڪاٺ' بابت پڙهي مون کي نڪي حيرت ٿي ۽ نه وري ذهن جي اُفق تي ڪي سوال ئي اُڀريا، اهو انڪري جو مون اياز کي بار بار پئي پڙهيو آهي، جنهنڪري هر دفعي اياز ۾ مون کي ڳوناڻي ماحول، محاورن، لفظن ۽ ترڪيبن جي اڻاٺ محسوس ٿي آهي، جن جو اياز ڪنهن نه ڪنهن نموني پورائو پئي ڪيو آهي.

اياز جي اک شڪارين جي سنگت ۾ يا جابلو حسن جو سير سفر ڪندي گڏ به ڏٺو آهي ته سرهه به، پر اياز اُن ماحول جو حصو ٿي نه سگهيو آهي، جيئن انگريزي ۽ روس جي ڪن شاعرن اُن ماحول ۾ رهي ڪري يا نيپاج وٺي، ٻهراڙيءَ جي ڪن پڪين، خاص ڪردارن يا فطرت جي حسن تي شعر لکي، هُو پاڻ به امر بنجي ويا آهن ۽ پنهنجن تخليقن کي به امرتا بخشي آهي.

ڀٽائي ان ڏس ۾ اڃا به گهڻو اڳتي وڌي ويو آهي. ماحول ۽ مشاهدي جي ڪوٺ، جيڪا مون کي اياز ۾

نظر آئي آهي، ايڏي وڏي کوٽ آهي، جنهن جو تخليق جي دنيا ۾ ڪو علاج ڳولهي ڪڍڻ محال آهي. اياز کي شاباس آهي، جيڪو ڪيترن ئي طريقن سان پنهنجي شاعريءَ لاءِ خام مال (Raw material) جمع ڪندو رهيو آهي ۽ اجا سوڌو ڪندو رهي ٿو، جنهن ۾ انگريزي ڪتابن تان ترجما ڪري، تخليقون پنهنجي نالي ڇپائي پڌرو ڪرڻ به شامل آهي، ائين ڪو ڏاتو هٽ ۾ ڪٿي، رات جو پرائي کيت مان سنگن سوڌا ڪانا لٽي اچي، ڏاندن اڳيان ڪوڙ ڪري.

اهڙي طرح ادرش، عالمي ادب مان جيڪي ستون ڳولهي اچي اياز جي ڪتابن مان لڌيون آهن، سو هڪ وڏو ڪرشمو آهي. اهوئي سبب آهي جو مٿي مون 'سنگن سوڌا ڪانا' فقرو استعمال ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته اياز لفظ به لفظ ترجمو ڪري، پرائي ذهن، شعور ۽ ادراڪ جو پورهيو، پنهنجي نالي چيرايو آهي. اياز ايڏو ته سياڻو تخليقڪار آهي، جو جيڪڏهن ارمينائي ۽ ترڪي شاعري ۾ ادب جا برجستا ۽ مٿاهان قدر نه ڏسي ها ته هو اهڙين تخليقن کي هوند ڇُهي به ڪين ها. اياز جي هن ڪاريگريءَ ۾ سندس وڪالت جو به عمل دخل آهي. اهڙيءَ طرح پنهنجي مشاهدي، محاورن، لفظن جي معنائن، مطلبن ۽ پس منظر جي کوٽ جو پئي علاج معالج ڪيو آهي، ائين جيئن ڪو هاري، ڪلراٺي يا ڏنگاشي زمين ۾ جوئر جي اوڏ هٽي، سلن جي آبياري ڪري، پنهنجي پيدائش وڌائيندو رهي."

(د) شيخ اياز، سنڌيءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي ڊگريءَ لاءِ پيش ٿيل مقالن کي به سٺي نظر سان نٿو ڏسي. ان حقيقت جو اظهار، ڊاڪٽر جوٽيجي، "شيخ اياز - هڪ مطالعو" ڪتاب ۾، پيش لفظ ۾ صفحي 15 تي ڪيو آهي. جوٽيجو صاحب لکي ٿو:

"رائچند کي اُن ڪتاب (تاريخ ريگستان) تي پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ڏني وڃي ها. هي ڪتاب انهن سيني سنڌي ڪتابن کان سنو ۽ وڌيڪ محنت سان لکيل آهي، جن تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ڏني وئي آهي."

شيخ صاحب جي هن راءِ تي، ڊاڪٽر جوٽيجو، تنقيد ڪندي، پنهنجي ڪتاب جي پيش لفظ ۾ صفحي 15 تي لکي ٿو:

"حقيقت هيءَ آهي ته هر ڳالهه پنهنجي معيار تي پرکجي ٿي. اياز صاحب ٿيسز ڏٺيون ئي نه هيون. مون کي معلوم آهي ته ان وقت هڪ چوکرو اهڙو رمارڪ ڏيندو وتندو هو، ۽ هو ڪيس به اهو ميڄائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو."

شيخ اياز، سنڌ جي محققن کي حقارت آميز لفظن ۾ ياد ڪيو آهي. ڊاڪٽر جوٽيجو پنهنجي مذڪوره ڪتاب جي صفحي 115 تي لکي ٿو:

"اياز کي سنڌ جي محققن کان گهڻي شڪايت رهي. شايد ڪي هُن جي ڌيان ۾ هئا، جن جي ڪا به ڳالهه نٿي وڻيس، ۽ پنهنجي ناپسند ظاهر ڪندو آيو آهي. اها ڪتاب 'پٽڻ ٿو پور ڪري' ۾ انتها تي ڏسجي ٿي ۽ غير سنجيده پڻ. به ٽڪرا اهو واضح ڪن ٿا.

محقق ٿيڻ سولو نه آهي. تحقيق لاءِ نه فقط اهرمن جو آندو چيرڻو ٿو پوي پر يزدان جي ڳُجهيءَ ۾ به ليئو پائڻو پوي ٿو.

سنڌ ۾ هر ڳوريٽ محقق آهي،
هر مسائڻ جو چهرو محقق آهي،
هر ڪفن چور محقق آهي.

شايد محقق لفظ حقي مان نڪتو آهي، چو ته محقق ۾ به بڙ بڙ گهڻي هوندي آهي، ۽ پرائي ٽانڊي تي ٽيڱرجي دونهان ڪيندو آهي."

ڊاڪٽر جوٽيجي، شيخ صاحب جي هن راءِ تي، پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ صفحي 115 تي تنقيد ڪئي آهي. هُو لکي ٿو ته:

"هن ڌنڌي (تحقيق) ۾ ڪي ڳوريٽ هوندا. سنڌ کان ٻاهر به هوندا. منهنجي خيال ۾ اياز کي ڪن نقادن کان شڪايت رهي. انساني ڪمزوريءَ ڪري هن سخت لفظ لکيا."

سندس طبع ۾ جا شگفتگي هئي اها منفرد آهي."

## 12

(الف) پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته خود شيخ صاحب جا، سندس شاعريءَ جي پهرئين دور جا غزل به ته فارسي زده هئا، ۽ موضوع به فارسي شاعرن وارا ڪم آندا اٿس، جيڪي حوالي طور، هن ڪتاب ۾ صفحي 69 کان 74 تائين، فخر وچان ڏنا ويا آهن. اُنهن ۾ به گل ۽ بلبل، شراب ۽ مئه خاني ۽ شمع ۽ پرواني کان سواءِ، رومانيت جا ڪئين مثال ملن ٿا: مثال طور، صفحي 67 تي فرمايل آهي:

**اي اسيران شب پڌو مون کان**
**ڪنهن جي زلفن جو داستان هان مان،**
**دامن تر تي وڃ نه اي واعظ**
**چشم فطرت جو رازدان هان مان.**

صفحي 69 تي ڏنل هي به مثال، ملاحظ ڪريو:

**قدم قدم تي هجوم رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا،**
**ڪري ويو ڪير بارش مئه، خمار آلود ٿيا زمانا.**

اهڙيءَ طرح صفحي 69 تي ڏنل ٻيو مثال ڏسو:

**ڏنم آسمان و زمين، تون ڪٿي آنهن؟**
**ڪٿي آنهن منهنجا پرين، تون ڪٿي آنهن؟**

(ب) محقق صاحبان، وڏي فخر وچان لکن ٿا ته گل ۽ بلبل، مئه خانو ۽ شمع پرواني جو ذڪر اياز هن ريت ڪيو آهي (ص 69 ۽ ص 70):

**اي سراپا شباب ويجهو آءُ،**
**مثل شعر و شباب ويجهو آءُ،**
**ڪيترو وقت آ خدا معلوم،**
**هي جهان خراب ويجهو آءُ.**
**مرمرين جسم، احمرين اکڙيون،**
**هاءِ تنهنجو شباب، ويجهو آءُ.**
**شبنم آلود لب ڪٽي مون وٽ**
**مثل برگ گلاب، ويجهو آءُ.**
**سينئه ساز تي هٽي مضراب،**
**روح چنگ و رباب، ويجهو آ.**

**پابجولان آ رخش عمر روان،**
**تون به ٿي هم رڪاب، ويجهو آءُ.**
**ياد آيو اياز کي هو جسم،**
**اي شب ماهتاب ويجهو آءُ.**

(ت) شيخ صاحب جي غزلن جي انهن ٿورن مثالن مان ثابت ٿو ٿئي ته سندس بيان ۽ تنقيد ۾ ڪيترو نه تضاد آهي؟ حقيقت هيءَ آهي ته شيخ صاحب تي جن جن نقادن تنقيد ڪئي هئي سي ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جا دوست ۽ احباب هئا، انهيءَ ڪريءَ سندس تنقيد جا نشان به اُهي ئي شاعر هئا. جيڪي ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جا دوست ۽ احباب هئا، پر حقيقت هيءَ آهي ته هن پاڻ سانگي، ڳدا شاهه ۽ فاضل شاهه جي تقليد ڪئي آهي، ۽ سانگيءَ جي تقليد لاءِ پاڻ پڌايو به اٿس.

(ث) هن ئي ڪتاب ۾، صفحي 75 تي، ارجن 'شاد' جي حوالي سان محققن لکيو آهي ته:

"اياز نج سنڌي تلفظ، لب ۽ لهجي ۾ پنهنجو غزل پيش ڪندو ٿو اچي. ايتري قدر جو هن کي سنڌ ۾ شاهه لطيف کان پوءِ هڪ نئين شاعريءَ جو باني ڪري تسليم ڪيو ويو آهي. اياز دوهي ۽ غزل کي نئين جان عطا ڪئي آهي، بلڪ سندس هٿن ۾ اهي ٻئي صنفون ائين پيون لڳن، جڻ ڪ وجود آهن......

شيخ اياز جي شروعاتي غزلن ۾ پارسي ترڪيبن جو اثر نمايان آهي، پر جلدئي هن پنهنجي غزل جو رنگ مٽائي ڇڏيو ۽ حقيقت ۾ اُن ۾ هڪ قسم جو نئون انقلاب آڻي ڇڏيائين. ايتري قدر جو هن پارسي بحر وزن جي استعمال کي به گهٽائي ڇڏيو ۽ غزل ماترائن جي حساب موجب لکي ٿو:"

شيخ اياز بيشڪ دوهي، غزل ۽ وائيءَ کي نئين جان ڏني، پر ارجن 'شاد' صاحب جي اها دعوا هرگز قبول ڪري نٿي سگهجي ته لطيف کان پوءِ اياز ئي هڪ اهڙو شاعر پيدا ٿيو، جنهن کي نئين شاعريءَ جو باني تسليم ڪيو وڃي.

(ج) مون کي ارجن شاد صاحب جي هن راءِ تي به حيراني آهي ته "شيخ اياز، غزل ماترائن جي حساب موجب لکي ٿو". جيڪا صنف ماترائن جي وزن تي لکجي تنهن کي غزل ڪيئن چئبو؟ جيڪڏهن ماترائن جي وزن واريءَ صنف کي غزل چئبو ته پوءِ تنقيدي ادب جا اصول بدلائڻا پوندا. اهڙا اصول نه ڊاڪٽر الله داد ٻوهيي پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪيا آهن ۽ نه ئي وري گرامي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اهڙي دعوا ڪئي. هن دعوا جي دليل لاءِ محققن پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي 76 تي غزل جو هڪ مثال ڏنو آهي ۽ لکيو اٿن ته:

"جيئن ته شيخ اياز غزل جو سچو سنڌي ناٽ ڏيڻ چاهي ٿو، انڪري اُن مان اِهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو، ته هن شعوري طور سنڌيءَ جي ڪافي، وائي ۽ ڏوهيڙي جي گهاٽ جو نمونو اختيار ڪيو آهي."

مثال طور، پنهنجي هن دعوا جي دليل لاءِ جيڪو مثال ڏنو اٿن، اُهو هر لحاظ کان غزل نه آهي، جيئن ملاحظ ڪريو:

**پويون پهر، جدائي جاڳ**
**اُڀ ۾ چندرما جي آڳ**
**آس اُسُونهان، رڻ ۾ رات**
**گهايل گهوڙا، بيوس واڳ**
**پهتا نيٺ ڪلالن ڪُوءِ**
**پٽڪي پٽڪي مُنهنجا پاڳ**
**ولهه ۾ وينا چيڙ، اياز**
**پنيٺ ٻٽبا تنهنجا راڳ**

هاڻ نقاد فيصلو ڪن، ته هن مثال کي غزل ڪيئن چئبو؟ هيءُ گهاڙيٽو غزل جو هرگز نه آهي. غزل واريءَ صنف لاءِ نقادن کي اصول مقرر ڪيا آهن. سنڌي غزل

جي مضمون ۾ تہ سنڌ جي اُستاد شاعرن تبديلي آندي، پر غزل جي گهاڙيٽي ۾ هنن بہ ڪا قير قار ڪانہ ڪئي. لهاذا مٿيون مثال، غزل هرگز قبول نہ ڪبو. چاهي اسان جا ڊاڪٽر صاحبان ڇا بہ چون. هوُ تہ شيخ صاحب جا وڪيل بڻيل آهن. اُهي پنهنجي مؤڪل جي غلط دعوا کي صحيح چوڻ جي اجائي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

(ج) محققن هروڀرو اياز کي پڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اياز کي سنڌي ادب ۾ انقلاب آڻيندڙ شاعر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثال طور صفحي 76 تي لکن ٿا:

”اياز پارسي علامتن لاءِ پنهنجا سنڌي لفظ چونڊيا آهن، ۽ اُن ريت تغزل جي مفهوم ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو اٿس. هو غزل ۾ ساقيءَ جي بجاءِ ’ڪلال‘ لفظ ڪتب آڻي ٿو.“

پر اسان جا پروفيسر صحابان پنهنجيءَ راءِ تان ڦري وڃن ٿا ۽ لکن ٿا تہ:

”اهو نمونو پهريائين اسان کي سچل سرمست جي ڪلام ۾ ملي ٿو، پر اياز اُن جو وسيع پيماني تي استعمال ڪيو آهي،“

جيڪڏهن ائين آهي ۽ سچل ڪلال لفظ جو استعمال شيخ اياز کان اڳ ڪيو هو تہ پوءِ اياز کي انقلاب آڻيندڙ شاعر ڪيئن ٿو چئي سگهجي؟ منهنجي انهن دوستن کي گذارش آهي تہ سنڌي ادب جي تاريخ جا اجا بہ پويان پير کڻو، ۽ لطيف جو مطالعو ڪريو، يا انب گوپانگ صاحب جا لطيف وارا درس پڙهو ۽ ٻڌو. لطيف جي رسالي ۾ ڪين ’ڪلال‘ وارو لفظ موکي ۽ متارا واري سر ۾ ڪئين دفعا ڪم آندل نظر ايندو. اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي تز سنڌي لفظ، شاهہ لطيف رسالي ۾ ڪم آندل آهن. اياز تہ لطيف جي تقليد ڪئي آهي، انهيءَ ڪري اياز کي انقلاب آڻيندڙ شاعر سڏڻ بدران، اهي ۽ اهڙيون ٻيون صفتون لطيف سائينءَ ۽ سچل سرمست جي نالن اڳيان ڪم آڻجن، تہ چئبو تہ هن تنقيدي ۽ تحقيقي ڪتاب ۾ هو (نقاد) ڏُر نہ ٻڏيا آهن. محقق صاحبن، هن ڪتاب جي صفحي 71 تي شيخ صاحب جي مجموعي ’ڪلهي پاتم ڪينرو‘ جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

”اياز جي مجموعي ’ڪلهي پاتم ڪينرو‘ ۾ سندس غزل جا رنگ ئي اور آهن. سياست، ادب، جنگ جي باري ۾ رمارڪ ۽ رايا بہ ڏنا اٿس. مثلاً:

**”ناگاساڪي ڪافي ناهہ،**
**سڀ ڪجهہ ناس ڪندو نادان.“**

(خ) شيخ صاحب جتي پنهنجن متقدمين شاعرن کي تسليم نٿو ڪري، اُتي احمد چاڳلا، نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ، شيخ عبدالستار، سرائي اُميد عليءَ، خانچند درياڻيءَ، آسانند مامتورا، ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻيءَ، لالچند امر ڏني مل ۽ پرمانند ميوارام جهڙن برک ناول نويسن، ناٽڪ نويسن ۽ مضمون نگارن کي بہ ڪا اهميت نٿو ڏي. انهن سيني عالمن ۽ فاضلن لاءِ شيخ صاحب جي جيڪا سوچ آهي، اُن جي باري ۾ هن ڪتاب ۾ نقادن طرفان پنهنجي ايماندارانہ راءِ ڏيڻ ڪپندي هئي.

شيخ صاحب جتي سنڌي زبان جي پنهنجن متقدمين ۽ همعصر اديبن ۽ شاعرن کي، پنهنجي پيٽ ۾ تُڇ سمجهيو آهي، اُتي هن پشتو زبان جي وڏي ۽ قوم پرست شاعر خوشحال خان خٽڪ کي بہ بخشيو نہ آهي. مثال طور هن ڪتاب جي صفحي 134 تي، شيخ صاحب جي حوالي سان لکيو ويو آهي تہ:

”ٽانگي وارو پٺاڻ هو. مون هن کان پڇيو تہ شاعر خوشحال خان خٽڪ جو نالو ٻڌو اٿئِي؟ تہ وائڙو ٿي ويو ۽ مون کان پڇيائين تہ ڪٿي رهندو آهي؟ مون کي تعجب آيو تہ تعليم يافتہ پٺاڻ چوندا آهن تہ خوشحال خان خٽڪ اسان جو قومي شاعر آهي، پر هڪ عام پٺاڻ کي جو مالاڪنڊ جو رهاڪو آهي، اُن جي نالي جي بہ خبر نہ آهي! اُن جو سبب اهو آهي تہ خوشحال خان جي شاعريءَ ۾ اها غنائيت ۽ موسيقي نہ آهي، جا هن کي عوام ۾ مقبول ڪري سگهي.“ اُن لحاظ کان اسان جي سنڌڙيءَ جي سائينءَ لطيف جو مثال پاڪستان ڀر ۾ نہ آهي. سنڌ ۾ ڪهڙو ماڻهو آهي جنهن لطيف سائينءَ جو نانءُ نہ ٻڌو آهي.“

اياز صاحب جي حوالي سان اڳتي لکيل آهي تہ:

”مون پشتو اڪيڊميءَ جو شايع ڪيل خوشحال خان جو ڪلام پڙهيو آهي، ۽ معنوي ۽ غنائي لحاظ کان هن جي ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ ايترو فرق آهي، جيترو هڪ اڻ گهڙيل پٿر ۽ گوتم ٻڌ جي خوبصورت مجسمي ۾.“

پڙهندڙن جي لاءِ اطلاع عرض آهي تہ مون نہ صرف سرحد صوبي جو ڪجهہ حصو ڏٺو آهي، پر هزاره وارو حصو بہ گهميو آهيان. دراصل خوشحال خان کي گمنام رکڻ ۾ سرحد صوبي جي ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو بہ هٿ آهي. درسي ڪتابن ۾ ههڙي عظيم شاعر تي غدار ۽ ملڪ دشمن جهڙا الزام هڻي، هن کي پري ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ خوشحال خان مغل شهنشاهہ اورنگزيب خلاف جنگيون ڪيون هيون. خود شيخ صاحب بہ منهنجي هن دليل تي اڳ لکيو هو. شيخ جي حوالي سان، هن ڪتاب جي صفحي 135 تي ڄاڻايل آهي تہ:

”هن جي ڪلام ۾ جيڪو اُن سنگدل بادشاهہ اورنگزيب لاءِ نفرت جو شديد اظهار آهي، سو واقعي قابلِ داد آهي.“

دراصل اهوئي سبب آهي جو خوشحال خان جو ڪلام اڄ ڏينهن تائين سرحد صوبي جي ڪئريڪيولم بورڊ طرفان، نصاب ۾ داخل نہ ڪيو ويو آهي. مون کي ذاتي طور معلوم آهي تہ سرحد صوبي جو هر پشتو ڳالهائيندڙ، خوشحال خان کي پنهنجو قومي شاعر مڃي ٿو. ٽانگي وارو، جنهن جو شيخ صاحب ذڪر ڪيو آهي، اُهو ڇاڇي پٺاڻ هوندو، جن جي مادري زبان پشتو نہ، پر تنؤلي/ڇاڇي آهي. ٽئڪسيلا ۾ مالاڪنڊ جو پشتو ڳالهائيندڙ پٺاڻ ٽانگو هلائيندو هجي، اهو ممڪن ئي نہ آهي.

(د) مون هن کان اڳ اهو عرض ڪيو آهي تہ شيخ صاحب، پاڻ پڌائيندي، پنهنجن متقدمين توڙي همعصر شاعرن ۽ اديبن لاءِ سٺا لفظ ڪم نہ آندا آهن. هن پاڻ کي نثر توڙي نظم ۾، دنيا جو هڪ اعليٰ شاعر سمجهيو آهي، ايتريقدر جو هن شاهہ لطيف جهڙي سنڌ جي سداحيات شاعر ۽ مفڪر کي بہ شروع ۾ پاڻ کان گهٽ سمجهيو. انهيءَ سلسلي ۾، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾، صفحي 18 تي، پيش لفظ ۾، شيخ صاحب جي ڪتاب ’چنڊ ڳليون‘ جي مهاڳ جي صفحي 9 جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ:

”اياز جي تخليقن تي معيار جي لحاظ کان تحقيق جي شروعات ڪرڻ کپي. اياز هڪ ڪان وڏيڪ هنڌن تي لکيو آهي تہ: ’مون ايترا بيت ۽ سلوڪ لکيا آهن، جو شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جا سيئِي بيت ۽ سلوڪ ڪٺا ڪندؤ، تڏهن بہ تعداد منهنجي بيتن جو انهن سيني جيترو هوندو.“

ڊاڪٽر جوڻيجو اڳتي لکي ٿو تہ:

”هوڏانهن سنڌ جي باري ۾ ’سانجهي سمنڊ سپون‘ جي مهاڳ ۾ لکيائين: ڀٽائيءَ جي ساري رسالي ۾ فقط هڪ سٽ سنڌ جي باري ۾ آهي: ’سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار.“

جوڻيجو صاحب، شيخ صاحب سان اختلاف جو اظهار ڪندي، پيش لفظ جي صفحي 18 تي لکي ٿو تہ:

”شاهہ صاحب جي عظمت نہ اکرن ۾ اَڙيل آهي ۽ نہ سٽن ۾ ٻڌبي، پر هيءَ رڪارڊ جي ڳالهہ آهي، تہ انهيءَ هڪ سٽ سان گڏ، شاهہ جي رسالي ۾، سنڌ لاءِ ٻيون بہ سٽون آيل آهن. مثال طور، سُربلاول ۾:

**سنڌ، سورت هند هاڻ، جهڙس ڪونہ جهان ۾.**

۽ رامڪليءَ جي هڪ وائي:

**نہ سري نہ سنڌ ڪا، نڪا هند ههڙي.“**

جوڻيجو صاحب اڳتي صفحي 23 تي لکي ٿو:

”شيخ اياز هڪ وڏو شاعر آهي. معيار جي پرک ڪرڻ کپي، نہ بيتن ۽ سٽن جي ڪري ڪا ڳٽپ ڪمائتي ٿيندي.“

انهيءَ ساڳئي موضوع تي، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي اديب ۽ شاعر، قمر شهباز، سهڻي رسالي جي اياز نمبر 2 ۾ صفحي 13 تي لکيو آهي تہ:

”اياز تي شاعري ائين وسندي آهي، جيئن سانوڻ جي برسات ٿر مٿان اوهيرا ڪري برسي. سٽن ڏينهن اندر شاهہ جي رسالي کان ٻيڻو ڪلام چوڻ وارو اياز، پنهنجي تخليق جي ڪا بہ تحسين (credit) وٺڻ لاءِ هر گز تيار ناهي. چوي ٿو تہ: مون کي فقط ايتري ڄاڻ آهي تہ مون کي هر روز اڌ رات جو ننڊ مان ڪوئي جاڳائي ڇڏيندو آهي، ۽ مان قلم کڻي لکڻ ويهندو آهيان، ۽ پرهہ ڦُٽيءَ تائين لکندو آهيان. هڪ سٽ لکڻ کان اڳ ئي ٻي سٽ لکجڻ لاءِ بيتاب ملندي اٿم.“

قمر شهباز صاحب جي انهيءَ راءِ تي آءٌ ڪجهہ بہ نٿو چوان، پڙهندڙ پاڻ سوچين.

# 13

(الف) گرامي صاحب واري ڪتاب جي مهاڳ ۾ مون صفحي 32 تي، گرامي صاحب جي اُن نقطي تي لکيو آهي، جنهن ۾ گرامي صاحب اها ڳالهہ واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز جي بيت جو ذڪر ڪيو آهي. گرامي صاحب جو حوالو ڏيندي، مذڪور ڪتاب جي مهاڳ ۾ صفحي 32 تي ڄاڻايل آهي تہ:

”اياز متعلق اها بہ غلط فهمي پيدا ڪئي وئي آهي تہ هو لطيف ثاني هجڻ جو مدعي آهي. ان سلسلي ۾ اياز جو ترديدي خط بہ شايع ٿيو آهي. اُن سان گڏ لطيف کي مخاطب ٿي جي اياز بيت چيا آهن، اُنهن کي بہ نظرانداز ڪرڻ نہ جڳائي. لطيف کان ڪيترو متاثر ٿيو آهي، اُن لاءِ اياز لکي ٿو:

”وائيءَ جي هيٺين سٽ روح ۾ رقت جون لهرون اُڀاري رهي آهي:

(هلندڙ)

# اياز جي شاعري ۽ شخصيت...

**قربان علي بگٽي**

شيخ صاحب جي ڪجھ مريدن ۽ خليفن ڪيس چوڏهين صديءَ جو شاھ لطيف ڪوٺيو آهي. سبحان الله ! ’چراغ مرده ڪجا‘ اياز بہ پنهنجي اجائي تعريف ٻڌي ڦونڊجي ويندو هو. هو پاڻ کي ناظم حڪمت، نذرل ۽ سرمد جهڙين شخصيتن جي قطار ۾ شامل ڪري ٻين جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌي وهلور ويندو هو. ڪيس ’ثناءَ خودبخو ڪردن‘ جي عادت پئجي وئي، ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ جو مهاڳ ان لاءِ ڪافي ثابتي آهي. اياز جي شاعري جي پرک لاءِ نهايت ئي ضروري آهي تہ ’شاعري‘ جي توصيف لاءِ انگريزي ۽ مشرقي اديبن جا ڪجھ رايا پيش ڪجن.

## انگريزي شاعري

انگريزي لٽريچر پڙهڻ وارن کي معلوم آهي تہ سندن شاعري فقط ڇهہ سو سال پراڻي آهي. پهريون انگريز شاعر جوفري چاسر (Chaucer) آهي جو 1340ع ۾ پئدا ٿيو ۽ 1400ع ۾ وفات ڪيائين. چاسر کان اڳ شاعري جو ڪو پتو ڪونہ ٿو پئي. قدامت جي لحاظ کان شاعري جي ميدان ۾ شايد عربن جو مقابلو ڪري ئي نٿو سگهجي. عرب شاعري جو پتو اسلام جي ظهور کان بہ ڏيڍ سو سال اڳ ملي ٿو. پهريون عربي شاعر جنهن قصيدي جي ابتدا ڪئي اهو مهلهل بن ربيع هو، جو امراءَ القيس جو مامو هو. اموي دور جو مشهور شاعر فرزدق چوي ٿو، ’پهريون پهريون شاعر مهلهل هو. ’مهلهل الشعراءَ ذاک الاول آهي.‘ انگريزن جي شاعري ۽ سندن لٽريچر ڇهہ سو سال قديم آهي ان ڪري ڇهن سو سالن کان سندن اڳ جي قومي تاريخ معدوم آهي. انهن وٽ سواءِ ڏند ڪٿائن ۽ ڏُکن جي ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ آهي. ان ڪري سندن قومي تاريخ بہ پراڻي ۽ دلچسپ آهي. انگريزي ادب ۾ شاعري جي توصيف لاءِ مختلف اديبن جا رايا هيٺ ڏجن ٿا.

1. جارج ايلٽ (Eliot) مشهور خاتون اديبہ پنهنجي ناول (Middle March) شايع شده 1872ع شاعر متعلق چوي ٿي، “To be a Poet is to have a soul... in which knowledge passes instantaneously into feeling and feeling flashes back as a new organ of knowledge.”
2. هربرٽ اسپينسر (Spencer) شاعري کي بيان ڪندي چوي ٿو، “As a form of speech for better expression of emotional ideas.”
3. مئٿيو آرنالڊ (Arnold) شاعري جي معنيٰ وٺي ٿو، “Poetry at bottom a criticism of life.”
4. آرنالڊ جي مٿين جملي تي ٽي. ايس ايلٽ (Eliot) گرفت ڪئي آهي چوي ٿو، “Arnold might just as well have said that Christian worship is at bottom a criticism of Trinity.”
5. ڪرسٽافر فراءِ (Fry) شاعري بابت چوي ٿو، “Poetry is the language in which man explores his own amazement.”

۽ آخر ۾ ڪلائيو سانسم (Sansom) شاعري بابت چوي ٿو،

“Poetry is rhythmical form of words which expresses an imaginative emotional intellectual experience of the writers and expresses it such a way that it creates a similar experience in the mind of his reader.”

انگريزي شاعري بابت اوهان نامور اديبن جا رايا پڙهيا . منهنجي خيال ۾ مغربي شاعري جي مشرقي شاعرن سان ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي، ڇو جو انهن جا اقدار (Values) اسان کان بنهہ مختلف آهن. هن سلسلي ۾ پنجاب يونيورسٽي جو سابق وائيس چانسلر پروفيسر حميد انگريزي زبان جو وڏو ڄاڻو ۽ انشا پرداز هو. پاڻ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ انگريزي پڙهائيندو هو. مرحوم جي زباني آهي تہ هڪڙي ڏينهن مون پنهنجي هڪ انگريز دوست کي چيو، ’اوهان جي شاعري مون کي ايتري سمجهہ ۾ نٿي اچي.‘ سندس انگريز رفيق جواب ڏنو، ’چاڪاڻ تہ تون عيسائي نہ آهين.‘

اياز بہ مشرق جو شاعر آهي. ان ڪري سندس شاعري جي پرک لاءِ مشرقي زبانن جي اديبن ۽ فاضلن جي راءِ کي آڏو رکڻ کپي، جن فن شاعري متعلق عرق ريزي ڪري نهايت ئي املهہ لٽريچر فراهم ڪيو آهي. سڀ کان اڳ ۾ اچو تہ پنهنجي شاعري متعلق خود اياز جي راءِ پيش ڪجي. اياز ’ڪپر ٿو ڪن ڪري‘ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو،

”گهڙي جو پاڻي ڪاڙهي وانگر ٿو لڳي. ها پر وان گوگ (Von Gogh) وانگر گرمي منهنجي فن لاءِ وڏيڪ سازگار هوندي آهي. جنهن کي منهنجي شاعريءَ جي تخليقي ڪيفيت کي سمجهڻو هجي، ان لاءِ وان گوگ جي مصوريءَ جو اڀياس ضروري آهي.“ *(ص-4)*

شيخ اياز کان پڇجي، ’اوهان سنڌي شاعر آهيو. سنڌ مان سواءِ اوهان جي ٻئي ڪنهن وان گوگ جي مصوري جو اڀياس ڪيو آهي؟‘ معنيٰ تہ اوهان پنهنجي شاعري ۽ ان جي تخليقي ڪيفيت رڳو پاڻ سمجهو ٿا. اهو ئي سبب آهي تہ اوهان جي شاعري بابت سنڌ ۾ عام شڪايت آهي تہ اها سمجهہ کان ٻاهر آهي. اياز جي مقابلي ۾ شاهہ لطيف جيتوڻيڪ سترهين صدي جو شاعر آهي، پر ان جو ڪلام ماڻهو سمجهن ٿا. اهو عام فهم آهي ۽ اڄ تائين جهر جهانگي بہ پيا جهونگارين. سبب هي آهي تہ لطيف جي شاعرانہ ڪيفيت لاءِ اسان کي وان گوگ جهڙن مصورن جي اڀياس ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ آهي. اياز جي شاعري عام فهم نہ هئڻ ڪري عوامي نہ آهي ۽ عوامي نہ هجڻ ڪري انقلابي بہ نہ آهي.

اياز متعلق عام طرح مشهور آهي تہ ذهني طور هو جويي جي پئداوار آهي. سندس بيتن جي مجموعن جا مهاڳ اڪثر جويو صاحب پاڻ لکندو آهي. ❶ اياز جي مجموعي ’ڪي جو ٻيجل ٻوليو‘ جي مهاڳ ۾ سندس شاعري بابت جويو لکي ٿو، ”اياز پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ڪتابي ٻوليءَ مان ڪڍي عوامي ٻوليءَ سان مالا مال ڪري، ان کي ايڏي وسعت ۽ تازگي ڏني آهي جو سنڌي شاعري سمورا بند ڀڃي هڪ ڀيرو ٻيهر اڳتي وڌي آهي، ان مان نوان لفظ، نيون ترڪيبون ۽ نوان قافيہ هاڻي ڪٿا ئي نہ آهن ۽ ان جي فڪر ۽ جذبي جي اجهل پالوٽ هاڻي بيهڻي ئي نہ آهي.“ *(ص. 28)*

اياز جي شاعري بابت عوامي ٻوليءَ جو هي سرٽيفڪيٽ جويي صاحب جولاءِ 1970ع ۾ ڏنو. پر حيرت آهي جو ٽن سالن گذرڻ بعد جويو پاڻ اعتراف ڪري ٿو تہ اياز جي شاعري ساڳئي وقت ڪجھ عام ۽ مٿاڇري سمجهہ کان مٿي بہ آهي. اياز جي بيتن جو مجموعو ’وڄون وسڻ آيون‘ جو مهاڳ مسٽر جويي صاحب آگسٽ 1973ع ۾ لکيو آهي. اياز جي شاعري متعلق لکي ٿو، ”اياز جي شاعري پنهنجي بي ساختگيءَ ۽ ٻوليءَ جي سادگي سبب عام جي شاعري تہ آهي، پر ساڳئي وقت ڪجھ عام ۽ مٿاڇري سمجهہ کان مٿي بہ آهي.“ *(مهاڳ وڄون وسڻ آئيون)*

اياز جو ڪلام سمجهہ کان مٿي ان ڪري نہ آهي جو ان ۾ فلسفہ، منطق ۽ حڪمت جون ڳالهيون آهن، پر في الحقيقت، ان جون تشبيهون، استعارن ۽ جملن جون ترڪيبون سڀ غلط ۽ بي بنياد آهن. 1967ع ۾ منهنجي ملاقات شيخ حفيظ سان ’شهيد ممتاز علي ڪوڪر‘ جي ڪورٽ ۾ ٿي هئي. مارڪسزم متعلق گفتگو جو آغاز ٿيو ۽ اياز جي شاعري تي ان جو اختتام ٿيو.

حفيظ مون سان گهرو ٿي ويو هو. چوڻ لڳو تہ تو رجعت پسند ٿي ڪري بہ مارڪسزم جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو آهي ۽ هتي اسان جي وڏن ڪامريڊن جي معلومات بہ ناقص آهي. حفيظ کي پياري موڊ ۾ پسي مون ڪانئس اياز جي شاعري متعلق سوال ڪيو. جواب ڏنائين، ”اياز جي شاعري معنيٰ ’ڍٻي ۾ ٺڪريون‘ حفيظ جو تبصره مبني برحقيقت آهي. مون سان ڪراچي جي ڪن دوستن ڳالهہ

---

❶ شيخ صاحب جڏهن 1985 واري دل جي دؤري مان چڱو ڀلو ٿيو تڏهن هو محترم يوسف شاهين سوڏو، منهنجي اريڪا واري فليٽ تي شام ڌاري اچي پهتو. ۽ سڌ ڏيڪاريائين، ’اڄ مُڏَ پيار.‘ مون چيو، ’هلو، اچو مٿي اچو . سڀ ڪجھ موجود آهي. جيتري پيئڻ چاهيو ان کان بہ وڌيڪ موجود آهي.‘ پر هن ضد ڪيو، ’هتي نہ، اولڊ ڪلفٽن تي.‘ مون اقرار ڏيڪاريو. ۽ سڀ سامان هڪ بيگ ۾ وجهي اولڊ ڪلفٽن پهتاسين. اولڊ ڪلفٽن جا سمورا رنگ اونڌهہ ۾ لپٽيل هئا. ۽ اسان موڪي جي مَٽَ مٿان ڪِري پياسين. شيخ صاحب، مَڌ جي مستيءَ ۾، شعر، افساني ۽ ناول جي قدرن، اهميت ۽ افاديت سميت ’انقلابِ فرانس‘ ۾ نثري نظم جي اُهاءُ ۽ ان جي پسمنظر تي بصيرت افروز گفتگو ڪئي. ۽ نشا ٻيٽا ڪري ڇڏيا- پر جَهٽَ رکي مونکي چيائين، ’منهنجو هڪڙو ڪم ڪندين؟‘ چيم، ’حڪم ڪيو.‘ چيائين، ’ابراهيم جويو خلاف مُهَم هلائڻي آهي. ان کي ذليل ڪرڻو آهي.‘ پڇيم، ’هو تہ اوهان جو سَيڻَ آهي، ڪهڙو ڪارڻ آهي جو اوِهين ان خلاف مُهَم هلائڻ جي خواهش رکو ٿا؟‘ پَل ا پَل چُپ رهي چيائين، ’تاج، مون سان ناحق ڪيو اٿس. منهنجي ڏيءَ جيڪا سندس نُنهن آهي، ان تي تشدد ڪري هن جي آڱر ڀڃي ڇڏي اٿس.‘ آءٌ تپرس ۾ پئجي ويس. پر منهنجي ڳوناڻي ۽ روايتي قبيلائي ڏاهپ منهنجو سات ڏنو. مون چيو، ’شيخ صاحب، اوهين هڪبئي جا مائٽ آهيو. اڄ وڙهيا آهيو سڀاڻ پرچي پوندا. آئون اِن ڏس ۾ اوهان جي ڪابہ واهر نٿو ڪري سگهان.‘ چيائين، ’هو ايڏو بدطينت آهي، جو مون پنهنجن سمورن ڪتابن تي سمورا مهاڳ پاڻ لکي هن جي نالي تي ڇپرايا آهن. هو احسان فراموش آهي. پلا پلاسٽڪ جي نقلي ٻَڻيهي ۾ عقل ڏاڍو جو ڪو تصور آهي؟‘ مون ڪجھ نہ وراڻيو. ۽ خاموشي سان گهر موٽي آياسين. پائو يوسف شاهين حيات آهي. خدا ڪيس وڏي ڄمار ڏي. ان ڳالهہ جو عيني شاهد آهي. *(ت.ب)*

ڪئي ته هڪ پيري اياز سنڌ جي هڪ سياستدان وٽ پهچي ويو. اتي اياز ان سياستدان کي پنهنجا انقلابي گيت ٻڌائڻ لڳو. حاڪم اياز جو ڪلام ٻڌي ڪيس مخاطب ٿي چوڻ لڳو. 'اياز، شيرل باداهي به چڱو شاعر آهي.' غور ڪري ڏسبو ته هي سنڌي سياستدان اياز جي ڪلام کي سمجهي نه سگهيو ۽ هن وان گوگ جو مطالعو ئي ڪونه ڪيو هو. ان جي برعڪس شيرل باداهي ته عوامي شاعر ليکجڻ ۾ اچي ٿو.“ نندي هوندي مون هن جون ڪي ڪافيون ٻڌيون هيون جي مون کي اڃا تائين ياد آهن. جيئن:

**پنجون پنهنجا پراوا ٿيا**
**ڇهون چوٽ ڏين هر هر**
**ستون ساري زماني ۾ بدنام ٿيس گهر گهر**
**اٺون آگ اندر دل ۾ نائون نازڪ ويو ٻاري**
**ڏهون ڏڪڙا به شيرل لئي الله آهن خلقيا (وغيره)**

اياز جي شاعري ڪيترن ئي سببن ڪري ناقص آهي. ان جو شايد هي سبب آهي ته سندس اصلاح لاءِ ڪو ڪامل استاد يا رهبر ڪونه مليو. سائين جي ايم سيد صاحب پنهنجي ڪتاب 'جنب گذاريم جن سان' ۾ انڪشاف ڪيو آهي ته اياز پنهنجي شاعري جي اصلاح هڪ هندو شاعر فاني ڪنڊلداس کان ڪرائيندو هو. فاني هڪ اڻ سڃاتل شاعر آهي. اهڙي غير معروف شخص جي استادي ۾ اياز ڇا پرايو هوندو! ڪنڊلداس جو سنڌي شاعري ۾ به ڪو وڏو مقام نه آهي. استاد جو پاڇو شاگرد تي پوندو آهي. سڪندر بادشاهه وڏو عالم ۽ دٻدٻي وارو حاڪم هو. جنهن ڪئي فتحون ڪري اتان ڪتاب هٿ ڪري يونان ڪٺي ويندو هو. ۽ ابن خلدون جي تحقيق مطابق تمام يوناني علوم ايران کان منتقل ٿي آيا هئا. علامه صاحب لکي ٿو. 'سڪندر بادشاهه دارا کي قتل ڪري اتان ڪيترن ئي ڪتابن جو ذخيرو گڏ ڪري يونان ۾ ڪٺي آيو ۽ ان طرح يوناني علوم جو چرچو ٿيو.' سڪندر علم جو شائق ان ڪري هو جو هو ارسطو جهڙي شخص جو شاگرد هو، جنهن کي معلم اول ڪونجي ٿو. هوشيار، فاضل ۽ ماهر فن استادن جا شاگرد به چمڪن ٿا. شاعري جي فن ۾ اياز جو استاد فاني ڪنڊلداس جهڙو هڪ اناڙي آهي ته شاگرد تي به اهڙو اثر ٿيڻ لازمي آهي. اياز جي شاعري مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته هن غير مانوس، غلط محاوره ۽ غير شائسته زبان استعمال ڪئي آهي ۽ محققين اهڙي شاعر کي ناقص تسليم ڪيو آهي.“

## شاعري متعلق ابن خلدون جي راءِ

علامه ابن خلدون پنهنجي شاهڪار 'مقدمي' ۾ 'فن شعر ۽ ان جي تعليم جي طريقي بابت' وڏو عالمانه بحث ڪيو آهي. لکي ٿو. ”جيترو ٿي سگهي جملن ۾ ڏکين ترڪيبن کان پاڻ کي بچائجي. جملا اهڙي خوبصورتيءَ سان اڻجن جو الفاظ کان اڳ ۾ ان جي معنيٰ ذهن نشين ٿئي. هڪ شعر ۾ وڌ ۾ وڌ معنيٰ وجهڻ کان به پاسو ڪرڻ گهرجي. ان طرح سمجهڻ ۾ هڪ قسم جي پيچيدگي پيدا ٿئي ٿي. پسنديده ۽ عمده شعر اهو آهي، جنهن جا الفاظ ان جي معنيٰ مطابق هجن، ۽ معنيٰ جي پوريءَ طرح ترجماني ڪري سگهن. جيڪڏهن ڪنهن شعر ۾ الفاظ کان زياده معنيٰ آهي ته ان جو شمار 'حشو' ۾ ٿيندو ۽ معنيٰ ڳولڻ لاءِ ذهن کي تڪليف ڏيڻي پوندي ۽ ذوق بلاغت جي ميناج کان محروم رهجي ويندو. شعر ان وقت آسان ٿئي ٿو. جڏهن ان جي معنيٰ ان جي الفاظ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ذهن ۾ چڙهي. شاعر کي غير مانوس ۽ واهيي ۾ نه ايندڙ الفاظ کان بچڻ کپي ۽ اهڙن لفظن کان به جي معنيٰ جي صحيح ترجماني کان قاصر هجن. اهڙيءَ طرح بازاري ۽ مبتذل الفاظ کان به پرهيز ڪرڻ ضروري آهي. ان کي هرگز هرگز استعمال نه ڪري. ڇاڪاڻ ته هن قسم جا الفاظ قصيده کي بلاغت جي درجي کان ڪيرائين ٿا ۽ قصيده جي شريفانه حيثيت باقي نٿي رهي ۽ قريباً ان جي افادي حيثيت ختم ٿي وڃي ٿي.“ *(مقدمه ابن خلدون حصه 2 صفحه 48547 مترجم مولانا راغب رحماني)*

شاعري جي فن بابت اوهان دنيا جي هڪ عظيم ترين فاضل جي راءِ پڙهي. هاڻ ابن خلدون جي جملن کي غور سان پڙهي ڏسيل معيارن تي اياز جو شعر پرکي ڏسو. صاف معلوم ٿيندو ته اياز ان تمام اوصاف کان خالي آهي. اياز چوي ٿو،

**موت اسان جو پاڇو آهي**
**ڪارونجهر آ ڪاڇو آهي**
**منڇر آهي مياٽي آهي**
**سانوڻ جي سومهياٽي آهي.**

غور ڪري ڏسبو ته اياز جون تشبيهون غلط ۽ سڄو شعر معنيٰ کان خالي ۽ ٻولي بازاري. موت ڪيئن اسان جو پاڇو، ڪارونجهر يا ڪاڇو منڇر يا مياٽي آهي؟ انهن اسمن جي موت سان ڪهڙي نسبت آهي. بيشڪ الفاظ ته آهن پر انهن جي معنيٰ جو سراغ ڪيئن لڳائجي؟ ابن خلدون جهڙو محقق اسان کي ٻڌائي ٿو ته شعر ان وقت آسان ٿئي ٿو. جڏهن ان جي معنيٰ الفاظ ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي ذهن تي چڙهي. اياز ۽ ان جا عقيدت مند خوش ٿا ٿين ته متين شعر ۾ هن موت جو فلسفو بيان ڪيو آهي. مان هتي اياز جي هڪ همخيال اردو شاعر چڪبست جو موت متعلق هڪ شعر نقل ڪيان ٿو. موازنو ڪري ڏسبو ته اردو شاعر جو پنهنجي فڪر جي لحاظ سان شعر ڪيڏو نه بلند ۽ معنيٰ خيز آهي چڪبست چوي ٿو،

*زندگی کیا ہے عناصر میں ظہور ترتیب*
*موت کیا ہے انھی اجزاء کا پریشان ہونا۔*

اياز هڪڙي هنڌ چوي ٿو،

**جي تو آ ڪوراڙ ڏني ڪا، هي به ڏنو تو ان جا ليڪا**
**مٽيءَ تي جو وقت رهن ٿا، سپ ساسي تن کان چرڪن ٿا.**

شعر تي غور ڪري ڏسبو ته اياز جي قوت مشاهده ڪمزور آهي. نانگن جي جنس مان سپ کان وڌيڪ خطرناڪ ڪاريهر نانگ آهي ۽ نه ڪوراڙ نانگ، جيئن شاعر اسان کي ٻڌائي ٿو. پر جي ڪوراڙ نانگ ئي پوائنٽو آهي ته اياز وضاحت ڪري ته مٽيءَ تي رهڻ وقت انهن ڪوراڙن کان سپ ساسي ڪيئن چرڪن ٿا؟ مثلاً نور به هڪ ساسي آهي، ڇا هو نانگ کان چرڪندو آهي؟ اياز کي خبر هئڻ کپي نور جهڙو ساسي نانگ جو ويري آهي. ڪارو نانگ نور کي ڏسندو آهي ته ساهه ڇڏي ويندو اٿس. نور جهڙو ساسي هميشه نانگ تي غالب پوندو آهي. ثابت ٿيو ته اياز جي شاعري حقائق کان هٽيل، بي ترتيب ۽ سطحي آهي. ڪيس علماءِ ادب ۽ فاضلن جي لکڻ موجب وڏو شاعر شمار ڪري نٿو سگهجي.

اياز چوي ٿو،

**هاءِ اکين وٽ ڏورا تنهنجا،**
**هي هي نيڻ ڪٽورا تنهنجا**
**جن ۾ ٻوند نه ڪائي، سانجهي آئي.**

نيڻ جي تشبيهه ڪٽوري سان ڪيڏو نه اڻ وڻندڙ آهي ۽ سانجهي آئي جي ترڪيب ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي؟ اِي مخاطب تنهنجي اکين ۾ ٻوند نه ڪائي سانجهي آئي، ڪيڏو نه بي ربطو آهي. اياز ٻولي ٿو،

**ڪنهن سان، پريت لڳائيءِ پڳلي**
**جو اڄ راس نه آيئي پڳلي.**

جويو صاحب چوي ٿو ته اياز پنهنجي شاعري ۾ نيٺ سنڌي لفظ ڏنا آهن. پڳلي سنڌي لفظ آهي؟

**مون جو پريو پاڇهه سان، ڪالهه اڇايل پڪ،**
**ڏين تو وهه جو ڏڪ، ان ڪارڻ تون ڪوٽ ۾.**

اڇايل پڪ جو اصطلاح بي معنيٰ آهي، توهان ان کي پاڇهه سان ڪيئن پريو؟

علامه ابن خلدون شعر گوئي جي اصول ۽ فن بابت آخر ۾ ابن رشيق جو هڪ املهه نظم نقل ڪيو آهي. ان کي پڙهي اياز جي شاعري اکين اڳيان ڦري ٿي. نظم جو اطلاق سو سيڪڙو اياز جي شاعري تي ٿيندو. ان جو ترجمو نقل ڪجي ٿو.

”الله شاعري کي غارت ڪري، جنهن جي بدولت اسان کي قسمين قسمين جاهلن سان واسطو پيو آهي. هي جاهل زودفهم ۽ آسان شعر تي مشڪل شعرن کي ترجيح ڏين ٿا ۽ ناممڪن کي نيڪ ۽ خسيس ڪلام کي هڪ قيمتي شيءِ سمجهن ٿا. هو صحيح اشعار کان ناواقف آهن ۽ جهالت جي ڪري پنهنجي جهالت کي سمجهن نٿا. شعر اهو آهي جو منظم ۽ مناسب هجي، جيتوڻيڪ انواع جي لحاظ کان اهو قسمين قسمين هوندو آهي. شعر اهو آهي جو مطلب جي ادائگي جي انتها کي پهچي. گويا الفاظ هن جو چهرو بڻجن ۽ انهن الفاظ تي سوار ٿيندڙ معنيٰ هن جون اکيون هجن. اهو (شعر) مقصد ۾ آرزوئن جي مطابق هجي، جنهن جي حسن کان پڙهڻ وارا به حسين لڳن. بهترين شعر اهو آهي جنهن کي منظم ڪرڻ بعد تنقيدي نگاهه سان ڏٺو وڃي. اگرچه اهو واضح ۽ روشن چو نه هجي. ۽ آخر ۾

**فاذا قيل اطمع الناس طراً**
**و اذاريم اعجز المعجزينا**

”جڏهن اهڙا شعر چئجن ته ماڻهو هي سمجهن ته اسان به اهڙا شعر چئي سگهون ٿا. پر جڏهن چوڻ جي ڪوشش ڪن ته چئي نه سگهن.“

*(مقدمه ابن خلدون حصه 2، صه 49-548)*

هي آهن شعر گوئي جا اصول جي ماهرين فن بيان ڪيا آهن. اياز جو شعر پڙهي ٻڌندڙن کي اهڙي ڪا به تمنا پيدا نٿي ٿئي ته ڪاش هو به اهڙو شعر چون. لطيف جي شاعري ان معيار مطابق آهي. ترقي پسند حلقن ۾ اياز کان علاوه ٻيا اهڙا آهن، جن جي شعر ۾ لطافت آهي. انهن جا محاوره صحيح آهن ۽ حتي الامڪان غير مانوس ۽ بازاري زبان جي استعمال کان گريز ڪندا آهن. مثلاً عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني ۽ ذوالفقار راشدي جي شاعري. ترقي پسندن وٽ انهن غريبن جي پروپئگنڊا نه آهي. اياز پئسي ڏوڪر وارو آهي ۽ وڏي ڳالهه ته جويي صاحب، سراج ميمڻ ۽ پير حسام الدين راشدي جو دوست آهي. ان ڪري پريس ۾ هن کي شهرت ملي ٿي. دودي سومري جي ڪهاڻي ونو. اياز 'ڪي جو ٻيجل ٻوليو' ۾ هي منظوم ڪهاڻي لکي آهي. هڪ ٻئي ترقي پسند شاعر جناب نياز همايوني به هيءَ آڪاڻي نظم ۾ لکي آهي ۽ 'ساٽيهه جي ساک' نالي هڪ ڪتابي شڪل ۾ شايع ٿي آهي، پڙهي ڏسو ته اياز جي مقابلي ۾ نياز جي ڪاوش ڪيڏي نه بلند ۽ شاعريءَ جي عروج تي آهي. اياز جي شاعريءَ جي خوب پروپئگنڊا ڪئي وئي آهي. ان ڪري ضروري آهي ته علامه ابن خلدون کان سوا ٻين مشاهير جا رايا نقل ڪريون. ان نموني سان ئي پڙهندڙن جا ذهن صاف ٿيندا ۽ حقيقت کي سمجهي سگهندا.

## فن شاعري متعلق ڊاڪٽر گربخشاڻي جي راءِ

حضرت لاڪيٽي لطيف جي رسالہ جو شارح ڊاڪٽر هوتچند ولد مولچند گربخشاڻي هڪ وڏو اديب ۽ نقاد ٿي گذريو آهي. آنجهاني ڊاڪٽر صاحب فارسي زبان ۾ پي. ايڇ ڊي هو ۽ سن 1946ع ۾ وفات ڪيائين. فارسي، سنڌي، انگريزي ٻولين تي عبور رکڻ ڪري فن شاعري

متعلق بہ وڏي معلومات هوندي هئس. شعر متعلق هي فاضل شخص لکي ٿو،

"شاعر ۾ نہ فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هئڻ گهرجي، مگر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هئڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شاعري جي صفت چئجي ٿو. شاعر ان صفت جي وسيلي پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾، اهڙيءَ سليس مگر رنگين عبارت ۾، اهڙن نون ويسن ۽ وزنن ۾ ۽ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي اختيار ڪئجهو وڃن، ۽ اها نقش ڪيل تصوير سندن اکين اڳيان پئي ڦري. ازان سواءِ وزن ۽ قافيہ جو هجڻ پڻ ضروري آهي، جنهن جي ذريعي شاعر جو ڪلام وڌيڪ لذيذ ۽ لطيف ٿئي ٿو. پر ڪلام اهڙو هئڻ گهرجي، جو ماڻهن جي دلين تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري. انهيءَ لاءِ ڪن ٻين خاصيتن جو شاعر ۾ هئڻ واجب آهي، جن جي دوران شعر جو حسن هيڪاري نکريو نروار ٿيو پوي. اها ڪامل شاعر جي آخرين منزل آهي. اهي خاصيتون آهن: فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش.

"فصيح ڪلام اهو آهي، جنهن ۾ هر هڪ لفظ اهڙو ڪم آيل هجي، جنهن جي اُچار ڪرڻ ۾ زبان کي ڪابہ تڪليف يا هٽڪ نہ ٿئي. اهو نمونو نہ فقط ڪڏهن ڪڏهن، مگر هميشہ شاعر جي ڪلام ۾ اختيار ڪيل هجي، نہ تہ سندس ڪلام کي فصيح نہ چئبو. بلاغت اها آهي، جو ڪلام وقت ۽ حال جي مطابق هجي. انسان ۾ طرح طرح جا پور ۽ جذبا اٿن ٿا. ڪڏهن غم ۽ غصو، ڪڏهن ڪل ۽ خوشي، ڪڏهن ڳڻتي ۽ فڪر، ڪڏهن مستي ۽ مدهوشي، ڪڏهن عشق ۽ محبت، ڪڏهن بي تابي ۽ بيقراري وغيره وغيره. شاعر کي اهي سڀئي حالتون اهڙيءَ صفائيءَ ۽ درستيءَ سان مختصر، مگر مائيدار لفظن ۾ بيان ڪرڻ گهرجن، جو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جو ڌيان کيپي وڃي ۽ سندس سحر نگاريءَ تي موهت ٿي پون.

"سلاست جي معنيٰ آهي تہ ڪلام ۾ اهڙا لفظ ڪم آيل هجن جي روز مره ماڻهو استعمال ڪن ٿا، ۽ استعاره، تشبيهون، ۽ ٻيون ڪلامي صنعتون اهڙيون سادليون ۽ سوليون هجن، جو ماڻهو هڪدم پروڙي سگهن. ۽ هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي فهم ۽ لياقت آهر ان مان لطف ۽ مزو حاصل ڪري سگهي. سڀ ڪان سهڻو شعر انهيءَ کي چئبو، جو جڏهن ڪو ماڻهو ان کي پڙهي يا ٻڌي، تہ از خود ائين چوي تہ سچ آهي، ۽ ان جي سلاست ۽ سادگيءَ کي ڏسي، دل ۾ اچيس تہ اهڙو ڪلام آءٌ پڻ چئي سگهان ٿو مگر جڏهن جوڙ جي ڪوشش ڪري، تہ وايون بتال ٿي وڃنس. ابن رشيق قيرواني پنهنجي ڪتاب 'العمده' ۾ اهڙي شعر بابت هيئن ٿو چوي،

**فاذا قيل اطمع الناس طرا، واذا ريم اعجز المعجزينا**

"جدت جي هيءَ مراد آهي تہ شاعر کي گهرجي، تہ مضمون اهڙا علحده علحده اختيار ڪري، جن تي ٻين شاعرن طبع آزمائي نہ ڪئي هجي، يا جيڪڏهن ڪئي هجين، تہ بہ ان کي اهڙي طرز ۽ نموني ۾ ادا ڪري جو ائين معلوم نہ ٿئي تہ ڪنهن جو نقل يا تتبع ڪيو اٿس. ازانسواءِ پنهنجو مطلب اهڙن نون نون طريقن سان بيان ڪري، ۽ هڪڙي خيال ڪان ٻئي خيال ڏي وڃڻ ۾ اهڙي ڪاريگري ڪتب آڻي، جو پڙهندڙ جو ڌيان ٿڪي نہ وڃي ۽ جملن ۾ اهڙو جوش ۽ اثر هجي، جو پائنجي تہ اهي لفظ ۽ جملا سندس اندر مان اڌما ڏيئي نڪتا آهن."

*(شاهہ جو رسالو جلد پهريون ڇاپو ٻيون صفحہ 79 کان 81 تائين از: ڊاڪٽر گربخشاڻي آر- ايچ- احمد حيدرآباد)*

ڊاڪٽر گربخشاڻي صاحب جي خيال مطابق اياز جي شاعري انهن لازوال اصولن ۽ معيارن تي هر گز پوري نٿي اچي. اياز وٽ شاعري جي صنعت اڻ لڀ آهي ۽ سندس ڪلام فصاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش ڪان خالي آهي. اياز جي شاعري ۾ وزن ۽ قافيہ جو ڪو خيال نٿو ڪيو وڃي. اياز چوي ٿو،

**هلو ڙي هوتا! وڙهندا هلو ويڙهہ ۾**
**ٻرن ۾ ٻوتا، مٿان روڪيو رات جو!**

ڪيڏو نہ بي سرو ڪلام آهي. رات جو ٻرن ۾ ٻوتا روڪڻ ڪيڏو نہ بي معنيٰ شعر آهي. اهڙو ڪلام ڪيئن ٿو ماڻهن جي دلين تي بجليءَ جهڙو اثر پيدا ڪري؟ اياز جو هڪ بند آهي، 'جيسين ٻڏي اپ ۾ وهائو تارو' سنڌيءَ ۾ ائين ڪونہ چوندا تہ تارو اپ ۾ ٻڏي ويو. چوندا آهن تہ تارو لهي ويو. سج لٿو يا چنڊ غروب ٿيو. ان کي سنواري ڪونہ ٿو. ياد ڪرڻ گهرجي تہ شاعر ٻولي کي لفظن سان مالا مال ڪندا آهن، بگاڙيندا هرگز نہ آهن. هڪ شاعر جي ڪلام مان ئي ٻولي سکبي آهي. انگريزي، اردو، سنڌي، عربي وغيره ٻوليون سکڻ چاهيو تہ شيڪسپيئر، غالب، لطيف ۽ امرالقيس کي پڙهو. خود قرآن مجيد جي مفسرين عربي الفاظ جي معنائن معلوم ڪرڻ لاءِ ايام جاهليت جي وڏن وڏن شاعرن جي ڪلام کي سند طور پيش ڪيو آهي جو جو ٻولي شاعرن جي ڪلام مان سکبي آهي. اياز سنڌي جا غلط محاوره ۽ اصطلاح ڪم آڻي، هن ٻوليءَ جي ستياناس ڪئي آهي. اهڙو شخص ڪيئن ٿو ڪامل شاعر ٿي سگهي؟ اياز چوي ٿو،

**هت پل تہ چني پيو مرون ماڻهوءَ ماس**
**آهي تنهنجي اوجهہ ۾ افريقا جو قياس.**

سنڌي ۾ چوندا آهن تہ دل ۾ قياس ڪر، اوجهہ ۾ قياد ڪرڻ اهڙو محاوره آهي جو اياز ئي استعمال ڪري سگهي ٿو.

**تون چئين مَ ڪچان**
**تون چئين مَ لچان**
**پر تو ڪان هڪڙي ڳالهہ پڇان**
**تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين**
**اعلان هزارين مان نہ رڳو.**

سوال آهي 'اعلان هزارين' جو 'مان نہ رڳو' سان ڪهڙو واسطو آهي. هيءَ طرح سنڌي زبان جي هڪ ٻئي شاعر مولانا عبدالغفور همايوني مرحوم (تخلص مفتون) پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪئي آهي جتان اياز چورائي آهي پر پاڻ غلط استعمال ڪئي اٿس. مولانا مرحوم (وفات 1968ع) فرمائي ٿو،

**تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڌا، زندان هزارين مان نہ رڳو.**
**تنهنجي شاهي دسترخوان مٿي مهمان هزارين مان نہ رڳو.**
**چا جن و ملائڪ حور و پري، دربان هزارين مان نہ رڳو.**

ڏسو تہ ڪلام ڪيڏو نہ شاعرانہ خوبين سان معمور آهي ۽ اياز جي هي مصرع 'تو ڪان هڪڙي ڳالهہ پڇان اعلان هزارين مان نہ رڳو.' غلط، بسو ۽ اڻ وڻندڙ آهي. اياز پنهنجي شعر ۾ اظهار جي آزادي لاءِ تڙپي ٿو ۽ مخاطب کي چوي ٿو تہ مون ڪان ڪڇڻ لڇڻ جي اجازت بہ سلب ڪئي وئي آهي. غالب بہ ساڳي شڪايت ڪري ٿو. ڏسو تہ اياز جي مقابلي ۾ غالب جو شعر ڪيڏو نہ فصيحانہ ۽ دل ۾ چبندڙ آهي،

ابنِ مریم ہوا کرے کوئی
میری دکھ کی دوا کرے کوئی
بات پر واں زبان کٹتی ہے
وہ کہیں اور سنا کرے کوئی۔
(غالب)

## فن شعر بابت علامہ آءِ آءِ قاضي جي راءِ

سنڌ يونيورسٽي جي سابق وائيس چانسلر علامہ آءِ آءِ قاضي جو هڪ ڪتاب (Casual Peeps at Sophia) نالي سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪرايو آهي. هن ڪتاب جي صفحہ 63 تي علامہ صاحب شاعري متعلق مجيل معيار بيان ڪيا آهن. انهن کي پڙهي تسليم ڪرڻو پوندو تہ اياز جي شاعري انهن معيارن ۽ ڏسيل ڪسوٽين تي هر گز پوري نٿي اچي.

## اياز ۽ سارتري

'ڪپر ٿو ڪن ڪري' جي صفحہ 172 تي اياز مشهور فرينچ فلسفي ۽ ناول نويس ژانپال سارتري Jean Paul (Sartre) کي خطاب ڪري چوي ٿو،

**مان سوچان ٿو سارتري! اوچو سو انسان**
**ٻيهي جيڪو ٻاهہ سان، ڪري پاڻ سنان**
**گرو تنهنجو گيان، رڳو مٽيون لوڪ کي.**

ڪنهن تاريخي شخصيت کي شعر ۾ بيان ڪرڻ جي اها مراد آهي تہ هن جي صحيح تصوير بمع افڪار و نظريات جي آڏو اچي. سارتري بابت اياز جا چيل شعر پڙهي پڙهندڙن کي هن جي شخصيت ۽ نظريہ بابت ڪا ڄاڻ حاصل ڪانہ ٿي ٿئي. اسان مان سيني کي خبر آهي تہ سارتري عهد جديد جو وڏو فلاسفر ۽ ليکڪ آهي جو جون 1905ع ۾ پيرس ۾ جنم ورتو. هن ڪيترائي ڪتاب ۽ ناول لکيا آهن. کيس 1964ع ۾ لٽريچر جو نوبل پرائيز بہ مليو، جنهن جي وٺڻ ڪان هن انڪار ڪيو هو. پاڻ صدر جانسن خلاف ويٽنام ٽربيونل ۾ برٽرنڊرسل سان گڏ ميمبر بہ هو. سارتري 'زيست جي فلسفي' (existentialism) جي پرچار ڪري مشهور آهي. هن ان فلسفہ جي تشريح لاءِ 1943ع ۾ (being and nothingness) هڪ ڪتاب لکيو هو. زيست جي فلسفہ جو اصل پايو وجهندڙ ڊنمارڪ جو فلسفي ڪرڪيگارڊ (kierkegaard) هو، جو 1813ع ۾ پيدا ٿيو ۽ 1855ع ۾ وفات ڪيائين. ڪرڪيگارڊ ڪٽر مذهبي خيالن جو هو. پر بعد ۾ هن شخص مارٽن هيڊيگر (marin heidegger) زور وٺايو. سارتري تہ پنهنجي حياتي زيست جي فلاسافي کي مقبول بنائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي ۽ ان کي دهريت ۽ الحاد جي بنيادن تي هلايائين جيتوڻيڪ اصل فلسفہ جو محرڪ پڪو مذهبي ماڻهو هو.

اياز جي شعر پڙهڻ سان سارتري ۽ سندس فلاسافي بابت ماڻهو لاعلمي ۾ رهي ٿو. اياز جي مقابلي ۾ برصغير جي ٻين ڪيترن ئي شاعرن شخصيتن متعلق شعر چيا آهن. انهن شعرن کي پڙهي شخصيتن ۽ سندن نظريات متعلق مڪمل تعارف حاصل ٿئي ٿو ۽ شاعر کي داد ڏيڻ ڪان سواءِ رهي نٿو سگهجي. مثلاً علامہ اقبال مرحوم ڪارل مارڪس متعلق فارسي ۾ چوي ٿو،

**صاحب سرمايہ از نسل خليل**
**يعني آن پيغمبر بي جبرئيل**
**زانڪ حق در باطل او مضمر است**
**قلب او مومن دماغش ڪافر است.**

مارڪس جي متعلق ٻي هنڌ چوي ٿو،

**دين آن پيغمبر ناحق شناس**
**برمساوات شکم دارد اساس.**

انصاف ڪري ڏسو تہ مارڪس جي شخصيت ۽ ان جي نظريہ بابت ڪيڏي نہ سچي تصوير آڏو اچي ٿي. اهڙيءَ طرح لينن 'خدا کي حضور' واري شعر ۾ ڊاڪٽر اقبال روسي انقلاب جي باني وي. آءِ. لينن جي شخصيت ۽ سندس فڪر جو صحيح نقشو چٽيو آهي ۽ اياز وانگر ڏڪا ڪونہ هنيا آهن. *(هلندڙ)*

# فرد جي وجودي حقيقت...



حجت عباسي

19 هين صدي جي عظيم نفسيات دان سگمنڊ فرائيڊ جي موجب، 'انسان جي وجودي حقيقت انهيءَ جي ذهني صورتحال سان ڳنڍيل آهي.' سندس نقطۂ نظر موجب ID (اَدِ) جبلت Ego انا ۽ Super Ego (فوق الانا) جي ٽنهي مرحلن مان انساني شخصيت جڙي راس ٿئي ٿي. سندس چوڻ موجب، ID انسان جي اندر پيدائشي طور تي موجود انهيءَ جبلي قوت جو نالو آهي جيڪا زندگيءَ جي حياتياتي عمل کي جاري رکڻ لاءِ خود روانيت جي يعني Auto-Dynamism جي صورت ۾ حياتياتي سرچشمو بڻجي ٿي، جيڪا مختلف ضرورتن جي آڌار تي خواهشن کي جنم ڏي ٿي. اها جبلت هر انسان کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي ٿي، جنهن کي فرائيڊ ID جو نالو ڏنو آهي.

ٻيو Ego يعني انا فرائيڊ موجب اهڙي ذهني عمل جو نالو آهي. جيڪو حقيقتن کان عام عقل جي فعال رشتي کي پيدا ڪري ٿو. ۽ گهڻو ڪري شعوري عملن جي تڪميل ڪري ٿو.

ٽيون Super Ego يعني، 'فوق الانا' فرائيڊ موجب انساني وجود جو اخلاقي جزو آهي، جنهن سان فرد جا اخلاقي معيار متعين ٿين ٿا، جن جو تعلق انساني ضمير سان واڳيل آهي.

فرائيڊ موجب جڏهن ID جي جبلت جي انڌي قوت جڏهن ڪنهن فرد جي اندر جي بک جي روپ کي خواهش طور آڏو آڻي ٿي، تڏهن Ego اُن خواهش کي عملي صورت ڏيڻ ۽ ضرورت جي پورائي لاءِ عام عقل جي فعال رشتي کي پيدا ڪري ٿو. ۽ جڏهن ڪنهن محفل ۾ ڪاڏي جي ميز ڏانهن ڪنهن جا هٿ بيساختگيءَ سان اَدِ ۽ اِيگو جي گڏيل اثر هيٺ وڌن ٿا تڏهن 'فوق الانا' پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏئي ٿو. اها 'فوق الانا' اندر ۾ اِن خيال کي جنم ڏئي ٿي ته اِهو اخلاقي معيار جي خلاف آهي ۽ ضمير کان ڪريل حرڪت آهي ڇو جو ٻيا اڃا ڪاڏي جي ميز تي نه پهتا آهن. اهڙيءَ طرح اِهو ID ۽ Ego جي زيرِاثر وڌيل هَٿَ پوئتي هٽڻ لڳن ٿا. ۽ هڪ نوعيت جي اَخلاقي دٻاءَ هيٺ ٻين مهمانن جي اچڻ جو اوسيئڙو ڪن ٿا.

هڪ ٻيو مارڪسي ۽ جدلياتي نقطۂ نگاهه به آهي جنهن موجب انسان ٻين جاندارن جيان اندروني موروثي خصلتن Genotype کي متعين ڪندڙ معروضي خصلتن Phenotype جو مرڪب بڻجي ٿو. هن نقطۂ نظر موجب هر جاندار کي جياپي جا اندروني طور جينياتي اعتبار کان اهڙا اوزار مليل آهن جهڙي طرح انهيءَ جاندار هستي پنهنجي معروضي صورتحال سان ڇڪتاڻ دوران فطري چونڊ جي عمل ذريعي پاڻ مٿان لاڳو ٿيل شرطن کي حل ڪندي اهڙائي حواس ۽ اوزار ماحول جي مطابقت سان حاصل ڪيا. مطلب ته انهن جسماني اوزارن ذريعي معاشي جدوجهد جهڙا حواس حاصل ٿيو وڃن، جيڪي حواس اؤسر ماڻي غير ڪرنگهيدار جاندارن کان ڪرنگهيدار جاندارن ۽ ڪرنگهيدار جاندارن کان ٿڃاون جاندارن يعني Mammals ۾ پنجن حواسن جي صورت ۾ سهيڙجيو وڃن ٿا. انسان به اعليٰ قسم جي جاندار مٿملن جي هڪ نسل مان آهي. پر انسان ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ، ۽ ڇُهڻ جي پنجن حواسن کان هڪ واڌو حواس يعني ادراڪ (پنهنجو آپو، Self يا مان) يعني (I am) به ماڻي ورتي ٿو، جنهن کي ڇهين حِس جو نالو ڏنو ويو آهي.

سوال ٿو پئدا ٿئي ته اِهو انسان جو آپو يا مان هن جي اندر هميشه کان هو يا تاريخ جي ڪنهن خاص مرحلي تي هن اِهو 'آپو يا مان' خارجي حالتن جي اثر هيٺ حاصل ڪيو؟

بقول جان لاڪ جي ته هر دور جو انسان ڪوري ڪاغذ جيان جنمي ٿو- ۽ معاشرتي اقدارن موجب ٿيل پنهنجي تربيت مطابق بڻجي پوي ٿو. انهيءَ جو واضح ثبوت اِهو آهي ته جيڪڏهن اڄ به انسان جي ٻار کي پيدائشي طور جيڪو به ماحول ميسر ٿيندو. اهو ٻار انهيءَ رنگ ۾ رنگجي ويندو. سندس چهرو ته انساني هوندو. پر سندس احساسن، جذبن ۽ تصورن جو جوهر جانوراڻا هوندو (ميسر ماحول مطابق).

پنجن حواسن کانسواءِ انسان جي آپي جي غير موجودگي فرد جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي وڃي ٿي. ڇاڪاڻ ته انساني انا، انساني وايومنڊل جو اُپراسو آهي. فرد کي جيڪا انساني 'خودي' يا 'انا' سان آشنائي جو تعلق انساني رشتن منجهان جوڙي ٿو. ۽ انساني رشتا ڪنهن نه ڪنهن پيداواري طريقي سان جڙيل هوندا آهن. ۽ هر قسم جو پيداواري طريقو پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن مخصوص قسم جي پيداواري اوزارن ۽ آلاتن جو جيئرو جاڳندو مظهر هوندو آهي- تنهنڪري هر معاشرتي هستي يا وجود جي 'انا' يا 'خودي' به مختلف سماجي مظهرن مان پنهنجي مخصوص معاشرتي صورت جو اظهار آهي.

اِهوئي ڪارڻ آهي جو فرانسيسيماديت پسندن چيو، 'انسان پنهنجن احساسن، جذبن ۽ تصورن سميت پنهنجي مخصوص معاشرتي ماحول جي پيداوار آهي.' ان جو مقصد اهو آهي، 'انسان يا فرد جي شخصي انا ڪنهن نه ڪنهن معاشرتي شعور يا ڪُلي معاشرتي انا جو مظهر آهي.'

جڏهن معاشرتي وجود مادري سماج ۾ رهي پيو ته اُن جو معاشرتي شعور به مادري سماج جهڙو ئي هوندو. غلام داراڻي سماج ۾ غلامداراڻو، جاگيرداراڻي سماج ۾ جاگيرداراڻو ۽ سرمائيداراڻي سماج ۾ سرمائيداراڻو وجود ۽ خودڪاريت تي مشتمل سماج (ڪميونسٽ سماج) ۾ پنهنجي دور جي تضادن مطابق هوندو.

تنهنڪري هن چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته انسان جي ذاتي 'انا' يا 'تشخص' انهيءَ جي ذات جو خالص اظهار ناهي هوندو. پر فرد جو آزاد سڃاڻ معاشرتي رشتن جي وچ مان ان مهل جڙندي آهي جڏهن فرد معاشرتي شعور جي جبر مان آزادي ماڻي وٺندو آهي. مطلب ته جڏهن فرد معاشرتي شعور جو ادراڪ حاصل ڪري ٿو ته اُن وقت هو اڌ آزادي حاصل ڪري ٿو. ۽ انهيءَ ادراڪ تي عملي قابليت حاصل ڪرڻ جي صلاحيت دوران مڪمل آزادي حاصل ڪري ٿو. يعني انسان جهڙي معاشرتي سرگرميءَ ۾ وسيع ڀرو وٺي ٿو. سندس مان يا ذات به اهڙو ئي ڏيکاءُ ڏئي ٿي.

انسان جي انهن ڇهن حواسن کان مٿي هڪ ستون حواس به آهي جنهن تاريخ جي هر دؤر ۾ عام ماڻهن کان مٿانهين سوچ رکندڙ فيلسوفن، مفڪرن، سائنسدانن ۽ ڏاهن ماڻهن کي جنم ڏنو، جنهن کي 'ڏاهپ' يا 'فوقالحواسياتي' تجريدي عمل چئون ٿا، جيڪو حواسن کان ماورا صداقتن تائين پهچڻ جي رسائي جو حامل آهي. مثال طور، ٻڙيءَ '0' جو تصور انساني پنجن حواسن کان ويندي ذات جي ڇهين حواس کان به مٿانهون درجو رکي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٻُڙي نه صرف لامحدوديت جي نمائنده آهي پر ڪنهن به عدد جي اڳيان لڳائڻ سان اُن کي نو ڀيرا توسيع ڏئي سگهجي ٿي، جيڪا خاص حالت ۾ قدر ۽ قيمت کان به وانجهيل هوندي آهي. هڪ کان ويندي نون تائين عدد ٻڙيءَ سان ملي پوري ڪائنات جي سمورن عددن کي ونڊ-ڪٽ، جوڙ ۽ ضرب ڪري سگهندي آهي.

جارج برڪلي خيال پرستي کي تقويت ڏيندي سوال اُٿاريو هو، 'هن لامحدود ڪائنات کي فرد جو محدود ذهن ڪيئن سمجهي سگهي ٿو؟' پر برڪلي جي انهيءَ ڇهين حواس مان اُٿاريل سوال جو جواب ڏاهپ واري ستين حِس هن ريت ڏنو، 'هن لا محدود ڪائنات کي محدود قانونن ۽ پئمانن جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿو.'

ساڳيءَ طرح سائنسدان، فلسفي ۽ ڏاها قانونن سان سرشار فڪري اُڏام ذريعي ماضي، حال ۽ مستقبل جي حقيقتن جو ادراڪ حاصل ڪن ٿا. اهو ئي سبب هو، جو البرٽ آئن اسٽائن زمين جي 'ڪشش ثقل' جي اثر هيٺ سج جي روشنيءَ جي 'خم' جي پيشنگوئي ڪئي، جيڪا سچي ثابت ٿي.

بنهه اهڙيءَ ريت 'آرڪميڊيز'، 'اُڇل' جي قانون کي ٽَبَ جي اندر ڳولهي لڌو. جنهن شين کي 'هيڏي هوڏي ڪرڻ Displacement' جي قانون تي جهازن جي تيراڪي کان ويندي ايرو ڊائنامڪس جا قانون جوڙيا.

ساڳيءَ ريت سموري انساني تاريخ جي اندر تخليقن، ايجادن ۽ انڪشافن جو ادراڪ انسان جي ستين حِس يعني 'قانونن جي ذريعي اعليٰ تجريدي صلاحيت تي مشتمل رهيو آهي.' جنهن کي محسوسات جي انتهائي اعليٰ صورت Super Sensitivity of feelings چيو وڃي ٿو. ■



# حوض ۾ چنڊ...

ج. ع. منگهاڻي

هيرا، موتي، جواهر، ٻڌاسين، ڏٺاسين، واپراياسين، جيڪي دنيا جي راجائن/ مهاراجائن جي تختن، تاجن ۽ وڏ ماڻهپي جا معيار رهيا آهن، اهي املهه ناياب هيرا ۽ آبدار موتي. اهي عزتون، معتبرايون ۽ سڀ مٿاهان مقام ڏيارڻ ۾ انهن جون خوبيون، خاصيتون ۽ قيمتون رهيون آهن. جن سببن ڪري هو اڳ ۽ اڄ شاهن ۽ شهنشاهن جي تختن ۽ تاجن جي سونهن ۽ زينت بنجدا پيا اچن.

اهي مڙئي خوبيون جڏهن ڪنهن ماڻهو ۾ اچي وڃن ٿيون ته اهو ماڻهو به اهڙو ئي هيرو ۽ آبدار موتيءَ جو داڻو بڻجي پوندو آهي.

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي پڻ اهڙين ئي خوبين ۽ خاصيتن جو مالڪ املهه هيرو ۽ اڻلڀ ماڻڪ جو مڻيو هو.

جيجل سنڌ هر دور ۾ ڪوهه هيرن، جواهرن ۽ موتين جهڙو ٻچو ڄڻي دنيا اڳيان جرڪا ڪرائي اوچي ڳاٽ سان ڦلهارجي بيهي رهندي آهي. پوءِ الائي ڇو ۽ ڪيئن؟ سنڌ سان ائين ٿيندو رهيو آهي،

لمڪو جيون لاڪيٽي جو
جرڪا سارو جڳ ڪري ويو
(منگهاڻي)

'لمڪو' معنيٰ هڪ جهلڪ اها به لمحي جي ڪنهن حصي ۾ گذري وڃي ۽ ماڻهو انهيءَ کي واضع طور ڏسي به نه سگهي. (ته اهو اُهاءُ ۽ روشني ڇا جي هئي؟ پرکڻ ته پري رهيو.)

جڻ ته اهڙن روشن داڻن کي ڪو ڏپ هوندو آهي ته ميري جهان ۾ ميرا نه ٿي وڃن. انگريز پڻ چوندا آهن، 'Heroes die early'

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي پڻ ائين ئي ماڻهن کان لنوائيندو ۽ لهرائيندو هو ۽ پنهنجو قيمتي وقت بچائي پنهنجي تخليقي ڪمن کي نبيرڻ لاءِ پيو جتن ڪندو هو.

هو ڏاهو، عالم ۽ ٻوليات هو. (انگريزي، عربي، اردو، سنڌي، فارسي، فرينچ، بلوچي ۽ ٿوري گهڻي پشتو پڻ ڄاڻندو هو.) هو ڪهاڻيڪار، شاعر، مضمون نگار، مترجم، ڪالم نگار، سياح، لطيف جو ڄاڻو، ستارن ۽ سيارن جي علم سان گڏ، علم نجوم، استخارن ۽ غيبي علم ڄاڻندڙ ۽ ٽيلي پيٿي جو ماهر هو.

هو هڪ روزاني اردو اخبار ۾ 'معلوم نا معلوم' جي سري هيٺ هفتيوار ڪالم پڻ لکندو هو. (جنهن ۾ سندس جملي 49 ڪالم ڇپيا). سندس هر ڪالم اڻڇهيل ۽ انوکو هوندو هو جنهن جو موضوع بيشڪ نه نئون نه هوندو هو پر سندس ٽريٽمينٽ ۽ سياءُ نت نئون نرالو ۽ ڇرڪائيندڙ ۽ سندس علم ۽ دانش جي دلالت ڪندي نظر ايندو هو.

سندس ڪالمن ۾ تصوف، روحانيت، ستارن، پٿرن، هيرن ۽ موتين جا ماڻهن جي زندگين تي پوندڙ سٺا توڙي خراب اثر ڏسيل هوندا هئا. پنهنجي سفرنامي 'ڪشباش' ۾ هو لکي ٿو،

"جڏهن صوماليه ڏانهن ويندي جدي ۾ ٽن ڪلاڪن جو ٽرانزٽ هو، اتي هڪ سعودي اچي چوي ٿو، 'آئون سعودي ڪسٽم ۾ آهيان تنهنجي منڊي وٺي وئي آهي آئون اها خريد ڪرڻ چاهيان ٿو.' جواب ڏنم، 'منڊي ويڪائو ناهي، اها مون پنهنجي ذاتي برج موجب 'حجرالقمر' ٻڌي مان نهرائي آهي.' -"

علم نجوم ۽ استخارن بابت ڄاڻ ڏيڻ، سکيا ۽ اهميت ٻڌائڻ، ايڪسرسائيز ذريعي مختلف بيمارين بلڪ لاعلاج بيمارين جي علاج جا طريقا سيکارڻ ۽ ماڻهن جي گهٽ نظر ۽ وڃايل حافظن بابت علم ۽ سکيا وسيلي واپسي جا ڪرشما ۽ معجزا ڪري ڏيکارڻ سندس صلاحيتن ۾ شامل هئا. سندس مشورن تي عمل ڪري ڪيترائي ماڻهو پنهنجن اهنجن مان آجا ٿي سندس مريد، معتقد، خليفا ۽ خدمتگذار ٿي ويا.

سندس ڪالم 'معلوم نامعلوم' ايڏو ته مقبول ٿي ويو جو سڄي ملڪ توڙي ڏيساور مان ڪيس اي ميل ۽ فون ڪالن اينديون هيون جن ۾ ماڻهو ساڻس پنهنجا مسئلا شيئر ڪري انهن جا حل معلوم ڪندا هئا.

هو وڏو ڄاڻو ۽ ماهر مترجم هو. سندس ترجمو ڪيل ڪتابن تي اصل جو گمان ته ٿيندو ئي آهي. پر سندس ڏنل شرحون ۽ فوٽ نوٽ به ڪمال جا هوندا آهن.

مثال طور سندس حسين بن منصور حلاج جو ڪتاب 'طواسين' آهي. ڊاڪٽر صاحب توڙي جو پاڻ عربي توڙي فارسي ٻولين جو ماهر هو جن ۾ 'طواسين' لکيل آهي. ۽ هن ان جو ترجمو پنهنجي مادري ٻولي سنڌي ۾ ڪرڻ تي گهريو ۽ ڪيو. پر ان هوندي به ڊاڪٽر صاحب منصور حلاج بابت لکيل هر تحرير پڙهڻ پئي چاهي. هن فرينچ ڏاهي لوئي ماسينيون (1883_1962 جنهن پنهنجي پوري زندگي حلاج تي تحقيق ڪندي گذاري ڇڏي) جو فرانسيسي ۾ ٻن جلدن تي ٻڌل ڪتاب، "LA PASSION D'AL HASAYN IBN MANSOUR AL-HALLAJE. VOL.2, PARIS 1922."

پڙهيو. انڪانسواءِ هن هر ان تحرير جو مطالعو ڪيو جيڪا منصور حلاج بابت لکيل هئي. جنهن لاءِ ڪتاب جي مهاڳ 'سڙيا مٽي سچ...' ۾ لکي ٿو،

"اسان 'طواسين' جو سنڌي ترجمو ڊائريڪٽ عربي ۽ فارسي مان ڪيو آهي. عربي ۽ فارسي مسودن مان ڪي عبارتون ۽ سٽون عربي ۾ ڪٽل آهن ته ڪي فارسي ۾. ڪجھ عربي جون ڪٽل سٽون فارسي ۾ آهن ته وري فارسيءَ واريون ڪٽل سٽون عربي ۾ موجود آهن. انڪري مترجم کي عربي توڙي فارسي ٻنهي مان ترجمو ڪرڻو پيو. خود عاشيه عبدالرحمان به ائين ئي ڪيو آهي. مونکي عاشيه جو انگريزي ترجمو پنهنجي سنڌي ترجمي ۽ تشريح ڪانپوءِ هٿ آيو. اسان پوءِ ان کي پنهنجي ترجمي سان ڀيٽ ڪري ڏٺو."

يعني هو ترجمو ڪرڻ مهل ايڏو خبردار ۽ حساس هو. ڊاڪٽر صاحب ان ڪتاب ۽ ڪتاب جي مصنف بابت هر هڪ ڳالهه ڄاڻڻ پئي چاهي.

ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ وڏو ڪارنامو آهي. پر اهم ۽ غير معمولي اها شرح آهي جيڪا هن ڪتاب 'طواسين' جي ڪئي آهي. جنهن ۾ هن تصوف بابت پنهنجي ڄاڻ جا واهڙ وهائي ڇڏيا آهن.

قرآن، حديث، محمود شبستري، حافظ شيرازي، رومي، مهر علي شاهه، غالب، ابن عربي، شاهه ڪريم، قاضي قاضن ۽ سڀ کان وڏي حيرت جهڙي ڳالهه حضرت شاهه عبداللطيفؒ جي بيتن کي هنڌ هنڌ تي مثالن ۽ سمجهاڻي طور آندو آهي.

ڪتاب طواسين جي باب ٽئين 'طواسين الصفا' (پاڪائي) ۾ هن پاڪائي جا چاليهه مقام ٻڌايا آهن جيڪا سندس علم ۽ ڏاهپ جي تمام وڏي وڪالت آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ادب | فضيلت | Manners |
| رهب | هيبت | awe |
| نصب | ٿڪ | Fatigue |
| طلب | گهرج | Search |
| عجب | اچرج | Wonder |
| عطب | ناس ٿيڻ | perishing |
| طرب | شادماني | joy |
| شرهت | هيڄ | avidity |
| نزهت | ته تائين رسڻ | Probity |
| صدق | سچائي | sincerity |
| رفق | سات | camaraderie |
| عتق | ڇوٽڪارو | emancipation |
| تسويح | سير و سفر | travel |
| ترويح | راحت، داٻو | Rest |
| تميز | سڃاڻ | discernment |
| شهود | ديدار | Witnessing |
| وجود | هستي | existence |
| عد | ڳڻپ | Enumeration |
| ڪد | جاکوڙ | effort |
| رد | موٽائڻ | restitution |
| امتداد | اينگهائڻ | dilation |
| اعتداد | تياري | Preparation |
| انفراد | هيڪائي | isolation |
| انقياد | قيد | captivity |
| مراد | ماڳ | Objective |
| حضور | حاضري | presence |
| رياضت | تپسيا | exercise |
| حياطت | گهيرو | circumspection |
| افتقاد | افسوس | regret |
| اصطلاد | جهل | resistance |
| تدبر | ويچار | consideration |
| تحير | تپرس | perplexity |
| تفڪر | سوچ | contemplation |
| تجر | صبر | Patience |



| | | |
|---|---|---|
| تعبر | تعبير | interpretation |
| رفض | ناقبولي | non-acceptance |
| نقض | نڪته چيني | strong criticism |
| رعايت | پسڻ | observation |
| هدايت | مرشد ڪرڻ | Initiation |
| بدايت | منڍ | beginning |

پويون مقام صفا ۽ صفوت وارن جو آهي. هر ماڳ جا پنهنجا پنهنجا علم ۽ مفهوم آهن جن مان ڪي آسانيءَ سان سمجهي سگهجن ٿا ته ڪن جو سمجهڻ عام ذهن لاءِ محال آهي.

پانڌيڙو رڻ پٽ ۾ پير پائي ان ڪي پار ڪري ٿو. هو سڀ سمجهي ٿو ڏونگر هجي يا پٽ. پر ڪٿي به سهنج ، سک يا سولائي ناهي.

**دوک دهليا جت، گورا هلن نه گس ۾**
**چو سال ئي نه چلٽا، ٿي تنگ نهاري تت**
**سودي انين سيد چئي، پوءِ پانچارين پرت**
**ان اڙانگي پنڌ جي، ڪا نيشن پوءِ نرت**
**سسئي وڏي ست، جا اهڙي پر پنڌ ڪري**
*(سر ديسي.3)*

**فلما قضي موسيٰ الاجل**
*(قصص 28:29)*

جڏهن موسيٰ پنهنجو مدو پورو ڪيو، پنهنجو اهل چڏي حقيقت جو اهل ٿيو ته هو 'نظر' بدران 'خبر' تي راضي ٿيو ته جيئن هن جي ۽ خير الابشر (نبي ﷺ) جي وچ ۾ ننڍ وڏائي جو تفاوت برقرار رهي. ان لاءِ موسيٰ چيو،

**لعلي اتيڪم منها بخبر**

"شايد مان اوهان لاءِ ڪا خبر آڻيان." *(نمل 10.20)*

جڏهن رهبر هادي خبر تي راضي آهي ته پوءِ چو نه پوئلڳ به اها پوئيواري ڪري.

ڊاڪٽر صاحب 'طاسين' جي باب ڇهين ۾ ابليس جي باري هيءَ شرح لکي ٿو،

"ابليس/شيطان، The prince of darkness, Diablo برائي جي بادشاهه ابليس جو اصل نالو حارث بن مُره آهي. هو جن Demon آهي."

ڊاڪٽر صاحب شيطان جي شرح تمام گهڻي طويل ڪئي آهي، جنهن ڪي هن مقالي ۾ نٿو لاهي سگهجي. آئون لطيف جي حوالي سان چونديس ته ڊاڪٽر بدوي صاحب پنهنجي علم ڪي لطيف جي بيتن سان سنوارڻ ۽ سينگارڻ چاهيو آهي. لکي ٿو، 'ابليس جي عاشقي ۽ توحيد پرستي ڪي (صوفي شاعر) وڏو مان ڏيندا آهن.'

**عاشق عَزازِيل، ٻيا مڙيئي سَڌڙِيا؛**
**منجهان سِڪَ سَبِيلَ، لعنتِي لال ٿيو.**

جيئن متي چيو اٿمَ. سچ به اهوئي آهي. دل تي چوي ته سندس سموري شرح هتي پيش ڪيان. پر اهو ممڪن ناهي، ڇاڪاڻ ته مونکي ڊاڪٽر صاحب جي ٻين اڻ مئيل (اڻماپيل) ۽ اڻڳڻين خوبين ۽ خصلتن ڏانهن ورڻو پوندو. جن ۾ پڻ علم، علم ۽ رڳو علم آهي.

انهن علم ۾ موسيقي، گائيڪي، مصوري، ايڪٽنگ، مختلف آوازن ۾ مختلف ٻولين جا لهجا ۽ تلفظ... ڇا ڇا نه خوبيون، علم ۽ ڄاڻ هئي ان اڪيلي ماڻهو ۾.

هو ڪلڻو ملڻو، خوش اخلاق، خوش مزاج، حساس ۽ لفظن جو گهرو اثر وٺندڙ خوبين جو مجموعو هڪ منفرد ۽ مڪمل انسان هو. جنهن تي سڄي انسان ذات بنان ڪنهن ڳڻڳوت جي فخر ڪري سگهي ٿي.

ڪتاب، 'طواسين' جو ناشر ڊاڪٽر عبدالجبار لغاري لکي ٿو، "سنڌ جي جارج پنجين يعني سردار محمد بخش احمداڻي بدوي جي پوٽي عاشق حسين عرف 'عاشق اعظم' ۽ هاڻي ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي (اصل شڪارپوري پوءِ ٽنڊو آدموي ۽ هاڻي ڪراچوي) پنهنجي ڏاڏي سدا ملوڪ(تخلص) جي نقش قدم تي هلندي، هو اگر انتهائي ڏاهو ۽ حسين و جميل هو ته هي انتهائي جينيس ۽ وقت جي دنياوي هر علم، ادب توڙي سائنس، تصوف توڙي ويدانيت ۾ ٻين ڪيترين ئي علمي ڳالهين جو ڄاڻو ۽ وڏو ذهين_سندس تڪيه ڪلام 'ٽارچر' ڪيترن ئي لاءِ خاص طور تي ٽارچر بنيل آهي.

ڇاڪاڻ ته گهڻي مطالعي وارو ماڻهو آسانيءَ سان ڪنهن به ڪچ بحث کي چپ ڪرائي ڇڏيندو آهي. هر شخص جو ايترو مطالعو ناهي هوندو ۽ نه ئي هر شخص منطق جو ڄاڻو هوندو آهي. هي ڊاڪٽر (ايم بي بي ايس ڪئپٽن ريٽائرڊ) جيڪو پاڪستان آرمي ڪانپوءِ ليبيا ۽ ٻين ڪيترن ئي آفريڪي ملڪن ۾ خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو ۽ اتان جي رنگن، ڪلچر، تهذيب بلڪ ملڪ ملڪ جي ٻولي ۽ ادب جو ڳوڙهو مطالعو ڪندڙ سٺي مشاهدي وارو تجربيڪار، ليڪاري ۽ حافظ آهي.

ڪتاب، 'طواسين' جي پيش لفظ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو،

"حلاج بابت قلم کڻڻ ۽ ڪتاب لکڻ جي مشڪل ناهي ته آسان به ناهي. ڪٿان ڪتاب ڪٿجي ۽ ڪٿي ڇڏجي! هن تصنيف ۾ اها آساني آهي جو ان جو موضوع هڪ ڪتاب آهي. جنهن بابت ڊاڪٽر عاشق البدوي پاڻ لکيو آهي، 'هو هن ڪتاب جو مترجم ۽ شارح آهي.' ترجمي لاءِ هن صاحب اصل ڪتاب جا فارسي، عربي ۽ اردو ۾ ڪيل ترجما سامهون رکيا آهن. ويندي فرينچ مستشرق ميسينو جو حلاج بابت لکيل ڪتاب سندس پهچ ۾ هو."

"جيسيتائين ڊاڪٽر بدوي جي شارح هئڻ جو تعلق آهي ته چئي سگهجي ٿو ته هن صاحب جي ڪوشش معياري آهي. پاڻ ڄاڻايو اٿس ته هو نه رڳو مترجم آهي بلڪ هو اسرارن جو شارح پڻ آهي. خاص طرح هن ستين صدي هجري جي هڪ صوفي درويش محمود شبستري جي مثنوي 'گلشن راز' جا حوالا آندا آهن. جيڪي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ کان جامع آهن. سنڌ ۾ علم وارن جي لاءِ ۽ خاص طور تي تصوف جي طالب علمن ۽ حلاج بابت مطالعو ڪندڙن لاءِ ڊاڪٽر عاشق بدوي سنڌ جي صوفيا ڪرام جا بيت شاهدي طور آندا آهن. هن مان سندس پنهنجي تقابلي مطالعي جو اصلي معيار سامهون اچي ٿو."

ڪتاب، 'طواسين' جي مهاڳ، 'سڙيا متي سچ...' ۾ ڊاڪٽر بدوي صاحب علم جا واهڙ وهائي ڇڏيا آهن. بلڪ سمنڊ اٿلائي ڇڏيا آهن. مختلف موقعن تي جنهن انداز سان هن شاهه سائين جا بيت ڪتب آندا آهن اهو هڪ ڏار علم آهي. هتي علم جي اٿليل سمنڊ مان آئون صرف هڪ ڦڙي جو ذڪر ڪيان ٿي، هو لکي ٿو،

"حضرت عيسيٰ عليه السلام ڪانپوءِ منصور حلاج واحد شخصيت آهي جيڪا وچ اوپر دنيا ڪان هن تر ۾ آئي."

وتائي فقير جي ماءُ وانگر وڙيس ته ماني پچائي وڙيس ته پٽ چاڙهي، ڪجهه ڪنير جي هٿ ۾ آهي ته ڪجهه مٽيءَ جي چيڪاڻ ۾ به آهي. تيئن هر طالب ۽ صادق جي سياءَ جو به پنهنجو رنگ آهي. سياءَ سياءَ جو فرق آهي.

عاقل صادق سقراط، شيڪران Hemlock جي وِهه جي وٽيءَ مان سرڪيون ڀريندي وهسندي ۽ پسار ڪندي مڙسيءَ جو مظاهرو ڪيو.

**عاشَق زهر پياڪَ، وِهُ ڏِسِي وِهُسَنِ گهڻو؛**
**ڪڙي ۽ قاتَلَ جا، هميشه هيراڪَ؛**
**لڳين لنؤ، لَطِيفُ چئي، فَنا ڪيا فِراقَ؛**
**توڙي ڇِڪَنِ چاڪَ، ته به آهَ نه سَلِن عامَ ڪي.**
*(سر ڪلياڻ)*

عاشق صادق منصور جو به پنهنجو اسلوب هو.

**عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪَنسِ ڳِيرُو؛**
**جِيَ جُسي ۽ جانِ جِي، ٻيجي جو هيڪاندِ؛**
**سِسِي نيزي پاندِ، اُڇل ته اَڏ ٿئي.**
*(يمن ڪلياڻ)*

اهو ته ٽڪرو آهي سندس مهاڳ جو. ۽ لطيف جي ڄاڻ ۽ سندس ڳالهه جي امتزاج جو هڪ مثال - نه ته سڄو علم ۽ معلومات جو خزانو آهي. هيرن جي کاڻ آهي. ڊاڪٽر بدوي صاحب 'مان ڪير آهيان؟' جي سري هيٺ ڪرايل پنهنجي تعارف ۾ پڻ حيران ڪندڙ ڳالهيون ڪري ويو آهي،

"مان ڪير آهيان؟"

"ٽيهارو سال اڳ هڪ جهوني مريضه اسانجي ڪلينڪ تي آئي ۽ پهريون سوال ڪيائين، 'ڊاگدار صاحب تون پاڻ ڪير آهين؟'-"

ڏاڍو ڏکيو سوال هو، جنهن اسانکي ڇرڪائي ڇڏيو.

"مائي وڏي اها ڳالهه ڇڏ، تلڪليف ٻڌاءِ ۽ دوا وٺ جو ڏات ڪي ناهي ذات."

"نه ابا ٻڌاءِ پاڻ ڪير آهين؟"

"امڙ اسان پاڻ مونجهاري ۾ آهيون ته اسان ڪير آهيون؟"

پر پوڙهي مائي ڏاڍي پڪي هئي.

"ابا، آخر ته تنهنجي ڪا ذات هوندي؟"

اسان ڪيس جواب ڏنو، "کهڙي پڇو ٿيون ذات سرتيون، آئون گولي آهيان ٻانهي آهيان."

"ابا، پوڳ نه ڪر منهنجي سوال جو جباب ڏي."

اسان هن ڪي جو ڪائڻ لاءِ چيو، "پوءِ پلا ٻڌ سڀ ڪان اوچي ذات منهنجي آهي."

"ابا، سيد آهين؟" ائين چئي مائي ويچاري پيرن تي ڪري پئي.

اسان به وچڙيل ويچارا.

**ڪيم مهاڙ ملير ڏي متي ڪوٽ چڙهي**
**نت نهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي**
**نڱي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي**
**ويڙهيچن وري، ڪر نه لڌي ڪڏهين.**
*(سر عمر مارئي)*

واقعي به اهو اهم ۽ بنيادي سوال آهي ته مان ڪير آهيان؟

ڏاهن موجب ان سوال جو جواب پنهنجي پاڻ، پنهنجي ڄاڻ، عرفانِ ذات ۽ آتم گيان ۾ آهي.

'انا' يا 'مان' بابت ڄاڻن ۽ اڻڄاڻن جا رايا مختلف آهن.



اهميت ڏيندا آهن، سچ تہ چوان رچ ڪي جي سويڊش ۾ ترجمو ڪيو وڃي تہ ان کي نوبل پرائيز حاصل ڪرڻ کان دنيا جي ڪا بہ طاقت نہ روڪي سگهندي.'

هو جڏهن ڳالهائيندو هو تہ آئون رڳو ٻڌندي هيس. پر جڏهن آئون لطيف تي ڳالهائيندي هيس تہ هو ماٺ ٿي ويندو هو. ۽ چوندو هو، 'شاهہ تي رڳو تون ڳالهاءِ آئون رڳو ٻڌندس.'

هڪ ڀيري مونکان پڇيائين، 'لڌو تارو ڪهڙو آهي؟'

مون ڪيس چيو، 'لڏي تاري جو ذڪر لطيف بہ ڪيو آهي؟' چيائين ها، 'مون اهو بيت پڙهيو آهي' چيم، 'ٻڌايو؟' چيائين، 'تون ٻڌاءِ.' چيم، 'نہ توهان ٻڌايو؟' چيائين، 'ڇو؟' چيم، 'ٻڌڻ ٿي چاهيان.' تڏهن وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي چوڻ لڳو، 'لطيف جي معاملي ۾ آئون تو کي استاد سمجهندو آهيان. تنهنجا لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ وارا ٻئي ڪتاب مون پڙهيا آهن.'

مون حيران ۽ شرمنده ٿي ڪيس چيو، 'نہ نہ آئون استاد ناهيان ڳالھ ڪي تاريو نہ بيت ٻڌايو.'

پوءِ تہ هو جيڪو عالم هو، بيپرواهہ، بيباڪ ۽ ٻي ريا هو، جنهن جي سرشت ۾ ئي متاثر ٿيڻ نہ هو. اهو بيت ٻڌائڻ لڳو.

**تارا تِيلِيءَ روءِ، لڌا لالن اڀرين**
**جهڙي تَو صبوح، تهڙي صافي سڄڻين**

جڏهن هن، 'تِيلِيءَ روءِ...' چيو هو تہ آئون ڇرڪي پئي هيس، پر پاڻ سَنيالي چيم، 'معنيٰ ڪيو، شرح ڪيو.'

ٽهڪ ڏئي چيائين، 'تلفظ صحيح آهي؟' چيم، 'پهريان سڄي بيت جي معنيٰ ۽ تفسير ٻڌايو.' پوءِ تہ اچي ٿهڪن ۾ ڇٽو ۽ چيائين، 'ضرور درست نہ پڙهيو هوندم، ضرور تلفظ غلط هوندو... آئون پوءِ بہ جيئن سمجهيو آهيان تيئن معنيٰ ضرور ٻڌائيندس، اي تارا جيئن تون تيلي وانگر ٻڙڪو ڏيئي ٻرين ٿو...' ۽ پوءِ اڳتي معنيٰ ٻڌائيندي منجهي ٻيهي رهيو...۽ مون ڪيس چيو، 'بيت، تِيلِيءَ روءِ... نہ بلڪ تَيلي روءِ (ميرنجهڙو) آهي.' ظاهر آهي پوءِ سڄي بيت جي معنيٰ ٺهڪي آئي تہ پاڻ حيران ۽ خوش ٿيو. ۽ پوءِ لڏي تاري جي وقت جو تعين ٿيو تہ لطيف چيو آهي تہ لڌو تارو پهريان ميرانجهڙو يا غير واضع هوندو آهي (شايد فاصلي جي ڪري) پر سج اڀرڻ کان ٿورو اڳ هو گهٽو روشن ٿي ويندو آهي (ضرور زمين جي چڪر جي ڪري ويجهو ٿيندو هوندو) ۽ سج جي اڀرڻ تي ٻين تارن وانگر سج جي روشني سبب گم ٿي ويندو آهي.'

وري چيائين، 'لڏي کي انگريزيءَ ۾ ڇا چئبو آهي؟' چيم، 'آئون ڄاڻان ٿي تہ ٻين انيڪ علمن وانگر اوهان ستارن جي پڻ ڄاڻ جا عالم آهيو. تنهن هوندي بہ جواب ڏيندس، مريخ، Mars يا وڏيڪ شڪ ۾ زهره Venus چئبو آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي جي وچ ۾ زمين هوندي آهي. هونئن تہ ٻيا ستارا بہ روشن هوندا آهن پر صبح وارن تارن ۾ اهي اچن ٿا.' (مون شڪ وارو جواب ڏنو)

پاڻ مخالفت ڪندي چيائين، 'نہ اهي ٻئي ناهن. بلڪ ڪينوپس لڌو آهي.' چيم، 'مون شڪ جي ڳالھ ڪئي آهي پڪ جي نہ. اوهان ڪيئن ٿا پڪ سان چئو؟' چيائين، 'توهان صحيح ٿا چئو آئون توهان جي ڳالھ رد نٿو ڪيان مان ڪجھ ڏينهن ۾ ڪراچيءَ کان ٻاهر پيو وڃان متان اتان ڪا تسلي ٿئي.' چيم، 'ها پڇٽا نہ منجهٽا... مونکي پنهنجي ڳالھ تي زور ناهي.'

حيدرآباد مان فون ڪيائين، 'فاضلاڻي جو نالو ٻڌو اٿئي؟' چيم، 'هڪڙو تہ حسين شاهہ فاضلاڻي آهي، جنهن پهرين سنڌي فلم عمر مارئي ناهي هئي، جنهن جو هيرو بہ هو پاڻ هو...ان ڪانپوءِ 'پرديسي...'"

ٽهڪ ڏيندي چيائين، 'ڪنهن ڳالھ کان تہ ٻي خبر بہ هج' (مونکي جڻ اعزاز مليو) چيائين، 'ها اهوئي فاضلاڻي، اهو منهنجو دوست آهي، هينئر آئون سنڌس ئي اوطاق تي ويٺو آهيان. هتي 'لڏي' تاري بابت هڪ جهوني ڏس پتا ڏنا آهن پر آئين اجان بہ ڳولها ڪندس."

پوءِ هو ڪمن سانگي ٿندي آدم سميت ڪجھ ٻين علائقن ۾ ويو. ۽ ڊاڪٽر منظور ميمڻ سان گڏجي ڪنهن اين جي او طرفان لڳايل مفت طبي ڪئمپن ۾ پڻ ويندو رهيو. هو جتي جتي بہ ويو اتان لڏي تاري بابت معلومات ٿي ورتائين پر ڪٿي بہ مطمئن نہ ٿيو. نہ ئي لڏي تاري جي ٿي جند ڇڏيائين.

مون ڪيس شير مهراڻي جو نمبر ڏنو ۽ شير مهراڻي کي سڄي صورتحال کان آگاهہ ڪري ڊاڪٽر صاحب جو نمبر ڏنو. ٻنهي پاڻ ۾ ڳالهايو، مليا ۽ لڏي جا لاهہ ڪڍي ڇڏيائون. (منهنجي جند ڇٽي.) آخر ۾ ٻنهي طئي ڪيو تہ لڌو 'سيرئس/سائرس' آهي. ڊاڪٽر بدوي مونکي نہ ٻڌايو هو تہ 'لڌو' 'سيرئس' آهي. باقي شير مهراڻي مونکي ٻڌايو هو 'ڊاڪٽر صاحب شروع ۾ لڏي لاءِ 'ڪينوپس' ٿي چيو ۽ مون 'سيرئس/سائرس' ۽ منهنجو دليل اهو هو تہ لڌو بہ ٻئو تارو آهي ۽ سيرئس پڻ ٻئو تارو آهي، ۽ دنيا جو روشن ترين تارو پڻ سيرئس ئي آهي ڊاڪٽر صاحب چيو ٿي تہ سيرئس دنيا جو روشن ترين تارو تہ آهي پر اسٽرونامي موجب سنڌ ۾ ڪينوپس سيرئس کان وڌيڪ روشن نظر ايندو آهي. آغا يعقوب (جنهن شاهہ جي رسالي جو انگريزي ترجمو ڪيو آهي) پڻ لڏي کي ڪينوپس چيو آهي. پر آخر ۾ ڊاڪٽر بدوي صاحب مڃي ورتو هو تہ لڌو سيرئس ئي آهي. ٻئي اسٽار رات جي پوئين پهر (ٽين کان ٻجي وڳي تائين) وڌيڪ روشن ٿي ويندا آهن. (نيت ڄاڻي شير مهراڻي جي ڊاڪٽر صاحب تہ آهي ئي ڪونہ)

جڏهن تہ منهنجو شڪ اڃا برقرار آهي. ڇو تہ سيرئس تہ ٻئو تارو آهي، پر لڏي لاءِ ڪا حتمي راءِ ناهي تہ ڪو لڌو پڻ ٻئو تارو آهي. منهنجو شڪ اڃا انڪري بہ مضبوط آهي جو ٻلاتي لطيف بہ لڏي کي ٻئو تارو ڪري مخاطب ناهي ڪيو. بلڪ سنگل يا اڪيلو تارو ئي ڪري مخاطب ٿيو آهي.

**تارا تِيلِيءَ روءِ، لڌا لالن اڀرين**
**جهڙي تَو صبوح، تهڙي صافي سڄڻين**

اهڙو ئي هو ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب علم ۽ ڄاڻ جو پياسو. پاڻ توڙي جو علم جو سمنڊ هو تڏهن بہ جي ڪٿان علم جي ڪا بوند ٿي مليس تہ اها سپ وانگر جهٽي پنهنجي اجري اندر ۾ سانڍي موتي ڪري ٿي ڇڏيائين.

**سپ سمنڊين سپجي، ابر آساروس**
**ٻاڙو پيئي نہ ٻپڙي، مٺو منهن لڳوس**
**ماٽڪ ٿي مڙيوس، جيئن تنگ ڪڍيائين تار ۾.**

هن ۾ ڪو بہ هٺ، وڏائي يا تڪبر نہ هو. ماڻهو سمجهندا هئا تہ هو ڪين اهميت نٿو ڏئي. جڏهن تہ هن وٽ پنهنجي ذات پنهنجي جند ۽ پنهنجي جيءَ جان جي بہ ڪا اهميت نہ هئي. جنهن ڳالھ جي خبر سنڌس وئي پڄاڻان/ فاني جهان ڇڏڻ کانپوءِ پئي آهي. تہ هو ڪهڙين حالتن ۾ ڪيئن رهندو هو ۽ ڪيئن دنيا ڇڏي هليو ويو؟

**فاني ني فاني، دنيا دم نہ هڪڙو**

سواءِ علم جي ٻي ڪنهن بہ شيءَ جي وٽس ڪا بہ اهميت ۽ وقعت نہ هئي. هو ٻي علم ۽ ٻي ڄاڻ ماڻهن کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ائين جيئن منهنجو وڏو ادا پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش بڪڪ چوندو آهي، 'جسماني مريض قابل برداشت آهي پر ذهني مريض کان الله پناهہ ڏئي.' ۽ شايد ڊاڪٽر بدوي پڻ ذهني مريضن کان پري ڀڄندو ۽ ٿهندو هو.

سنڌس ڪيل ترجما بيمثال آهن. هن دنيا جي چوند ڪهاڻين جا سنڌي ۾ ترجما ڪري ڪتاب ڇپايو هو. جنهن ڪتاب کي پڙهڻ لاءِ مونکي اڪثر چوندو هو. جڏهن آئون ڪيس چوندي هيس، 'اهو ڪتاب ڪيئن پڙهاڻ مونوٽ تہ آهي ئي ڪونہ؟' ڪلي چوندو هو، 'واقعي بہ ڪيئن پڙهندينءَ ان ڪتاب جي ڪاپي مونوٽ بہ ڪانهي.' پر پوءِ هن جي تحرير جي سک سنڌس ڪتاب 'چمڙي جون بيماريون' پڙهي لاٿي. جيڪو هن پاڻ مونڏي موڪليو. هو هڪ ايم بي بي ايس ڊاڪٽر ۽ اسڪن اسپيشلسٽ هو سنڌس ڪتاب ۾ چمڙي جي بيمارين ۽ انهن کان بچاءَ لاءِ وڏي معلومات ڏنل آهي. جن جي وسيلي ماڻهو اڳوات انهن بيمارين کان بچي سگهي ٿو. ۽ جي بيمار آهي تہ ان جو درست علاج ڪرائي سگهي ٿو. چمڙي جي بيمارين کان علاوه چمڙي جي سونهن، سوڀيا، جسم جي هر حصي ننهن کان وٺي وارن تائين جي سار سنڀال جا طريقا ٻڌايل آهن. ۽ ميڪ اپ ڪرڻ سينگار ۽ سنوار جا پڻ ڏانءَ ڏسيل آهن. اهي بہ ادبي چاشني سان ڀريل. اهڙي تہ سوهڻي ۽ سولي ٻولي ۾ آهن جيڪا ڊاڪٽر صاحب جي سڃاڻپ آهي.

تازو سنڌس هڪ ترجمو ٿيل ڪهاڻي، 'ڪينارو' سوجهرو ۾ ڇپي آهي. (جنهن کي آئون ناوليٽ/ طويل افسانو چونديس) پڻ اعليٰ ترجمو آهي.

ڪينارو امريڪي پائليٽ ۽ ليکڪ رچرڊ باخ جي ڪهاڻي Jonathan livings ton seagull (جوناٿن جيڪو اسانجي روح ۾ رهي ٿو) جو سنڌي ترجمو آهي. جنهن کي متن سبب عارفاڻي ڪهاڻي لکيو وڃي ٿو. باخ جو اهو ڪتاب بيسٽ سيلر رهيو. جيڪو سنڌس ٻين ڪتابن، 'اسٽرينجر تہ دي گرائونڊ باءِ پلين' ۽ 'نٿنگ باءِ چانس' کان وڌيڪ مقبول ٿيو.

'ڪينارو' اصل ۾ ڪنهن بہ ڏيهہ، قوم ۽ مذهب اندر هڪ سالڪ جي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ جوناٿن نالي هڪ پکي اڏام جي اتاهين وسيلي ڪامليت ماڻڻ چاهي ٿو.

ڪتاب جو متن اڏام جي روحانيت يا تصوف جو ادراڪ ڏئي ٿو. ڪتاب جا ڪيترائي ڇاپا آيا ۽ ان جون لکين ڪاپيون وڪرو ٿيون اسان وٽ 1973ع جو پنجون ڇاپو ميسر آهي. جيڪو لنڊن جي مشهور اداري نورنس ٽورن پريس پاران ڇپايو ويو آهي.

ڊاڪٽر بدوي صاحب 'ڪينارو' وارو ترجمو ايڏو تہ تز ۽ ڪلاسيڪل سنڌي ٻولي ۾ ڪيو آهي جو ڪٿي بہ ان تي ترجمي جو گمان نٿو ٿئي. لڳي ائين ٿو ڄڻ تہ اها



ڪهاڻي اصل سنڌي ۾ ئي لکيل آهي.

سندس ترجمي ڪي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي. ايٽريقدر جو نوجوان شاعر مصطفيٰ انڙ پنهنجي نظم وسيلي انهيءَ ڪهاڻي کي منظوم پيٽنا ڏني آهي.

ڊاڪٽر صاحب هڪ سٺو شاعر پڻ هو. هڪ ڀيري مونکي پنهنجو هڪ نظم ايس ايم ايس ڪيائين.

**گل سان خطاب**

”اي گل
تون پنهنجي جاءِ تي ڏس ڪيترو پيارو لڳين ٿو
الا، ڏاڍو وڻين ٿو
مان تونکي پٽي مهٽي اچلائڻ نٿو چاهيان
اها تنهنجي توهين ٿو سمجهان
تون مرڪي مشڪي ڏسين ٿو
آئون ٽران، چمڪان ۽
گد گد ٿيان ٿو
پر جي ڏار ٻه ٿياسون
جدايون جي مقدر ٿيون
ته اي جانان
اهي لمحا
اهي سڀ روح جا رشتا
سڀئي سونهن جا سپنڊ
سگهنڊ يا پل
سدائين ساڻ ئي هوندا
هر هڪ جنم جي هر هڪ راهه تي
سي پيار جا ساکي ٻٽيا رهندا...“

فون ڪري پڇيائين، ”نظم ڪيئن لڳو؟“

چيم، ”لاجواب! پر گل جي پاران جواب لکڻو پوندو.“

چيائين، ”تون لک.“

چيم، ”تنهنجا جذبا ڏسڻ ٿي چاهيان.“ وڏو ٽهڪ ڏيئي چيائين، ”ٺيڪ آهي لکان ٿو.“

**ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي**

## وريام

تاروٽي جوت هيٺ
چٻرن جا سڏ
تڏين جا ترڙاٽ
ٻي منهان ڊپ
اروپ پاڇولا
سرٻاٽ
وڻن وچان
اونداهي سرنگ
منڌُ ئي منڌُ
سج نه چنڊُ
چوڏس چوڏاري
ٻاٽ اونداهي
ڪاري ڪوجهي رات
ٻوڙن ۾ سُر سُر
پويان
ٻلي پير آواز
پڄندي منهن تي
چانگ جو چڙڪو
پاڙ ڪان ٿاٻو
پٽ تي ڦهڪو
دل جا ڌڌڪا
منڊڪايل چال
خوف جي
برفاني ڪفن ۾
ويڙهيل ويچارو
ڪياڙي پويان
ڪنهن جي
ساهه جو ڦوڪارو
وريام!
توکي ڏاڍي دير ٿي
وئي... ■

پوءِ واقعي به لکي ڏيائين ۽ موڪليائين.

**گل جو جواب**

ٻڌ اي پريم جا راڪا
آئون ڏس مڙيل ڪنڊن جي وچ ۾
پاڻ کي سورهن سينگارن سان سنواري
روز انهيءَ آس ۾ مهٽي اکيون
مشڪي اٿان ٿو
اڄ ضرور اڄ
اهو راڪو
انوکو پريم پوڄاري
بنا پرواهه جي پنهنجي نهايت خوبصورت هٿن جي
ڪنهن حفاظت، خوف، الڪي جي ته،
اهي وحشي ڪنڊن جي رهڻ سان زخمي ۽ رتوڇاڻ ٿي پوندا
اڇي مونکي انهن راڪس ڪنڊن
جي قيد مان مڪتي ڏياريندو
۽ حسين گداز چپن سان لائي
منهنجي سرهاڻ پنهنجي
اندر جي اونهاين ۾ اتاريندو
۽ دل جي عميق ۾ حفاظت سان
رکي مونکي امرتا جي اتاهين تائين پهچائيندو
۽ منهنجي نازڪ نفيس بدن کي هو،
پنهنجي ويڪري ڇاتي ۽ مضبوط ٻانهن ۾ لڪائيندو
۽ پنهنجي ٻي ڏيپي شخصيت سان
مونکي پناهه جو احساس ڏياريندو
انهيءَ ئي آس ۾ هر روز مان
ڪومائجي
پٽي پٽي ۽ پن پن ٿي ڇڻي
ڪنڊن جي پيرن ۾ ڪري پوندو آهيان
پر...
تنهنجي قدمن جي سندر سريلي چاپ
مان هر روز ئي پيو ٻڌندو آهيان
۽ روز پيو ڳرندو آهيان
پر تون اڃا پيي ڏور
مونکان ڪيترو آهين!

اهڙي اڻمول هيري، موتيءَ جهڙي ماڻهوءَ جو ائين اوچتو ئي اوچتو وڇوڙو (اهو پڻ غير فطري ۽ غير طبعي انداز ۾) سچ ته ايندو وڏو گهاءُ آهي جيڪو سچي زندگي هر حساس ۽ علم سان واسطو رکندڙن جي اندر ۾ چڪندو رهندو.

ٿي سگهي ٿو ته سندس علم، سندس ڇپيل ڪتاب ۽ اڻڇپيل ڪتاب ڇپجي(؟) ان گهري گهاءَ تي علم ۽ ڄاڻ جا ڪي ڦهار ڪي ۽ سندس يادون نيون ۽ تازيون ڪندا رهن.

**سو پنيٺ ڪيئن ٿري، جنهنجو سورينڌڙ سپرين...**

جڏهن ته هن مهل جا اهيئي تاثرات آهن ته،

**ويو ٻاروچو نڪري، هاڏي ڪريان ڪيئن**
**سج الٿي سينئن، سٿون ڏينديس سج ۾**
*(شاهه)*

لطيف جو هي بيت هر اهڙي مهل ياد ايندو اٿم جڏهن پاڻ کي بيوس سمجهڻ لڳندي آهيان. ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب جو وڇوڙو به علم جي اڃايلن لاءِ بيوسيءَ جو وڏو حملو آهي. ■



**پروفائيل**

## ڊاڪٽر عاشق البدوي

ڄمر: 30 جون 1947ع شڪارپور
وفات: 15 آگسٽ 2012ع ڪراچي(پر اسرار)
تعليم: ايم بي بي ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو
ٻوليون: انگريزي، فرينچ، فارسي، عربي، اردو، سنڌي، سرائيڪي، هندي، پنجابي، بلوچي ۽ ڪجهه ڪجهه پشتو.
مطالعو: اٽڪل سمورا قديم توڙي جديد علم
مهارت: صوفيت، عارفاڻو ڪلام، سري علم ۽ قديم اسڪرپٽ
ميمبر: مينسا انٽرنيشنل لنڊن ۽ ايمڊا انٽرنيشنل جاپان
سروسز: پاڪستان آرمي بحيثيت ڪيپٽئن ڊاڪٽر، سي ايم ايڇ سيالڪوٽ، سي ايم ايڇ راولا ڪوٽ ليبيا آرمي، تقرري جو هنڌ عقبه بن نافع ايئر فورس اسپتال طرابلس، ليبيا.
پي آءَ اي ۾ بطور مينيجر ڪو آرڊينيٽر، پي آءِ اي ميگا اسپتال ڪامپليڪس.
رضاڪاريون: صوماليه ۽ جبوتي ۾ گڏيل قومن جي اداري جي طرفان مختلف رضائن تي ڪيل ڪم.
سياحت: آفريڪي ڪنڊ ۽ عرب ملڪ.
ڇپيل ڪتاب: چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون، پدم پبليڪيشن 1982ع- ڇمڙي جون بيماريون، پدم پبليڪيشن 1987ع- تصوف جون تجليون، فتح الله گولن، ترجمو، سنڌيڪا اڪيڊمي 2011ع- طواسين، حسين بن منصور حلاج، ترجمو، شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد 2009ع- رهبر ڊائيجسٽ، ”نانگ نمبر“- منصور سيمينار سووينئر.
ڇپيل مضمون: مختلف موضون تي سنڌي، انگريزي ۽ اردو ۾ لکيل سوين مضمون ۽ مقالا.
ڪالم: معلوم نامعلوم ”جي سري هيٺ روزاني اردو اخبار ايڪسپريس ۾ ڇپيل 49 ڪالم.
اڻڇپيل ڪتاب: فصوص الحڪم (ابن عربي)سنڌي ترجمو ۽ شرح- شجرت الڪون (ابن عربي) سنڌي ترجمو ۽ شرح- گلشن راز (محمود شبستري) سنڌي ترجمو ۽ شرح- لوائح (عبالرحمٰن جامي)سنڌي ترجمو ۽ شرح- لائوصو (سنڌي ترجمو)- ڪنفيوشس (سنڌي ترجمو)- دي سيڪريٽ آف گولڊن فلاور، رچرڊ وليم (سنڌي ترجمو)- دي بوڪ آف جيانگ سو (سنڌي ترجمو)- دي اسٽوري آف چائنيز فلاسفي (سنڌي ترجمو)- دي مسٽڪ پوئٽس آف سنڌ، (انگريزي)- جوناٿن لونگ سيگال، رچرڊ باخ (ڪينارو جي نالي سان ترجمو ڪيل، ماهوار سوجهري ۾ ڇپيل)
اسڪرپٽ رائيٽر: ٽيلي فلم ”پاڻي مٿي جهوپڙا“، سنڌي ٽي وي
ليڪچر: تصوف ۽ سريت تي ليڪچر، ٿيا سافيڪل سوسائٽي ڪراچي- انسٽيٽيوٽ آف آرٽس اينڊ ڪلچر ڪراچي- داتا گنج بخش دربار لاهور.
سوشل ورڪ: فائونڊر چيرمين انخ فائونڊيشن- اڳوڻو جنرل سيڪريٽري، اينٽي نارڪوٽڪس فورم اسلام آباد (350 اين جي اوز جو گڏيل فورم).
انعام: تمغه جنگ 1971ع.

*(ع.ع. منگهاڻي)*



# ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي ياد ۾...



فريده شفيع

مون ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي شخصيت تي لکڻ جي لاءِ قلم تہ کنيو آهي پر آءُ نٿي ڄاڻان تہ مان سندس شخصيت ۽ فن سان انصاف بہ ڪري سگهنديس الائي نہ . مونکي ڊاڪٽر صاحب جي وڇوڙي جو شديد صدمو آهي ۽ ان صدمي جو اظهار آئون پاڻيان تي تہ انڪان وڌيڪ مناسب ڀيو نہ ٿيندو تہ مان پنهنجو درد ۽ ڏک ٻين سان ونڊيان. چوندا آهن تہ ٻين سان پنهجو ڏک ونڊڻ سان ڏک گهٽبو آهي.

انسان جون سوچون تہ سندس ذهن جي پيداوار هونديون آهن، پر سندس جذبا دل جي اڏند ڪٺولي تي ئي لاڏ پيا ڪندا آهن. دل جيڪا ڏسڻ ۾ تہ گوشت جو ننڍڙو زرڙو آهي پر ان ۾ اهڙا ڪيترائي طوفان سمايل هوندا آهن جو اٿلن تہ سوين سوناميون اچي وڃن. ۽ ماڻهو شعوري طور بہ دل ۾ آيل طوفانن سان نبرڻ چاهيندو آهي، پر سندس لاشعور ان ويڙهہ ۾ سندس دل جي پاسي پڙ ڪڏي بيهي رهندو آهي. شعور ۽ لاشعور جي ان ويڙهاند ۾ اڪثر تحت الشعور ئي ڪٽيندو آهي. منهنجي شعور توڙي لاشعور ۾ هڪ ئي شخصيت آباد آهي ۽ اها آهي ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي. جيڪا ڪڏهن دل جي طوفانن سان گڏ وهندي رهي ٿي تہ ڪڏهن ٻاجهہ جي ٻيڙي ٻڌجي مونکي ڪناري تي رسائي ٿي. پوئين سال روزن واري مهيني ۾ ظاهري طور هميشہ جي لاءِ وڇڙي ويل شخص حقيقت ۾ منهنجي روح ۾ ائين تحليل ٿي چڪو آهي جو مان هر وقت سندس چپن مان ڇڙندڙ لازوال مرڪ بہ محسوس ڪيان ٿي تہ سندس گداز لهجي جي نرمي بہ منهنجي روح کي سرشار ڪندي رهي ٿي. پر افسوس آهي جو سندس مرڪون ورهائڻ واري عادت کي سندس پنهنجا بہ نہ سمجهي سگهيا تہ هو پاڻ ڪيتري بيچيني جو شڪار هو. بلڪل ان فنڪار وانگر جيڪو هڪ ڏينهن نفسيات جي ڊاڪٽر وٽ ويو ۽ اعتراف ڪيائين تہ مان ڊپريشن جو شڪار آهيان. ڊاڪٽر کيس ضروري دوائون ڏيندي صلاح ڏيندي چيو هو،

”ٻڌو آهي تہ اڄڪلهہ شهر ۾ ڪوئي چرچي باز آيو آهي جيڪو سنا چرچا ٻڌائي ماڻهن کي کلائي کلائي کيرو ٿو ڪري ڇڏي، تون بہ شام مهل ان وٽ تفريح خاطر وڃجانءِ دل لڳي ويندءِ.“

مريض وراڻيو، ”سائين مان اهوئي چرچا ڪندڙ آهيان .“

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي بہ شايد ايئن ئي هو.

سندس يادون منهنجي دل ۽ روح کي وڪوڙينديون ٿيون اچن پر سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هيءَ تحرير ڪٿان شروع ۽ ڪٿي ختم ڪيان.

**داستان ٻڌجي تہ ٻڌايو ڪٿي**
**مونکي ڪجهہ واقعا ياد آهن.**

جيئن ڪڏهن ڪڏهن ورهين جون يادون هڪ لمحي ۾ لهي اينديون آهن بلڪل ائين ئي ڪي يادون ورهين تائين ياد رهنديون آهن.

مونسان ڪجهہ ائين ئي آهي. ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جون يادون مونسان ائين سلهاڙجي ويون آهن. جو ڪا بہ محفل هجي توڙي تنهائي، ڪنهنجو بہ ڪو لطيف جملو مونکي هڪدم ڊاڪٽر صاحب جي ياد ڏياريندو آهي.

**ڪٿان نہ ڪٿان هر ڇهرو تو جهڙو پانيان ٿي**
**تو کي ڪانہ وساري سگهنديس اهڙو پانيان ٿي**

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي سان منهنجو رابطو اچانڪ ئي ٿيو هو. 2012 جي جون جو مهينو هو، آئون ڪجهہ اهم ڪاغذن پٽن جي وڃائجي وڃڻ ۽ هڪ سني دوست جي اوچتي لاڏاڻي سبب ڪجهہ ڏينهن کان گهڻي پريشان هيس. هڪ صبح جو پنهنجي گهر ۾ ويني ائين ئي پئي اخبار جا صفحا اٿلايم تہ اوچتو منهنجي نظر ’معلوم نامعلوم‘ جي سري هيٺ لکيل اخباري ڪالم تي پئي. ڪالم جي عنوان مونکي ڪالم پڙهڻ تي اڪسايو. هڪ نظر ڪالم نگار جي نالي ۽ تصوير تي ڊوڙي وئي. ڪالم پڙهڻ شروع ڪيم تہ تحريري جي انداز ۽ لطيف جملن مونکي تہ جهڙو ڪلائي وڌو. هڪ جملوي تہ ماڳهين ٺهڪ ڏياري ڇڏيا. ’هو ترڪڻ تان ڏاڪيو تہ ڏاڪندو ئي ويو.‘ (هو ڏاڪڻ تان ترڪيو تہ ترڪندو ئي ويو) واهہ ڇا انداز هو ظرافت جو. مونکي ڪالم تمام گهڻو متاثر ڪيو. مون ايڪسپريس اخبار (جنهن ۾ ڪالم ڇپيل هو) جي آفيس فون ڪري ڪالم نگار ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جو نمبر ورتو. ۽ هڪدم سندس نمبر ملايو. اڳيان ڳرو ۽ ڳنڀير آواز آيو، ’هيلو‘، مونکان بي اختيار جملو نڪري ويو، ’هو ترڪڻ تان ڏاڪيو تہ ڏاڪندو ئي ويو.‘

هڪ وڏو ٺهڪ منهنجي روح کي لوڏي ويو، ۽ آواز آيو، ”بيبي تون آهين ڪير؟ ڇا ڪندي آهين؟ پڙهيل لکيل ٿي لڳين...“

مون پاڻ سڃاڻيو ۽ ساڻس ڳالهائيندي. ڳالهائيندي ڳالهائيندي مون کي پتو ئي ڪون پيو تہ پهرئين ڳالهہ ٻولهہ ۾ ئي مون پنهنجي اندر جو سمورو احوال کيس ٻڌائي ڇڏيو. پريشاني جو سبب بہ ٻڌايو، هن ڪجهہ تفصيل مونکان ورتا. جيڪي مون کيس ٻڌايا. هن چيو،

”تنهنجو اسٽار قوس آهي، منهنجو بہ ساڳيو ئي اسٽار آهي. منهنجي ڄم جي تاريخ سومر ڏينهن 30 هين جون 1947ع صبح صادق جو ڇهہ وڳا آهي. پر آئون جنم ڏينهن ناهيان ملهائيندو.“ هڪ ڀرپور آواز ۾ هن ’الله‘ چيو ۽ چيائين تہ سڀاڻي صبح جو ڏهين يارهين ڌاري فون ڪري پڇجو.

منهنجي لاءِ وقت ڄڻ تہ بيهي رهيو هو. وقت گذرڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو. سوچيم ڪو ڪتاب ڪڍي پڙهان، پر ڪتاب جا لفظ بہ ڊوڙندي محسوس ٿيا. ٿي وي ڏسي ڪجهہ وقت ڪٽيم، جيئن تيئن ڪري نيٺ فون ڪرڻ جو ٽائيم آيو. مون ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي کي فون ڪيو تہ چيائين،

”توهان تہ وقت جا بہ پابند آهيو، پر ها توهان وٽ ڪتاب آهن؟“

مون سوچيو ڪتابن جو منهنجي مسئلي سان ڪهڙو لاڳاپو. هڪدم چيائين،

”تنهنجو مسئلو ڪتابن ۾ ئي تہ بند آهي.“

مان حيران رهجي ويس تہ هن ڪيئن منهنجي دل جي ڳالهہ پروڙي ورتي؟ حيران تہ ان وقت ٿيس جڏهن اهي ڪاغذ پٽ مونکي پنهنجن ڪتابن مان مليا. ڇا تہ علم هو هن وٽ. مان سندس علم ۽ ڄاڻ جي معترف ۽ چاهيندڙ ٻڌجي ويس. هن سان ڳالهائيندي مونکي مزو اچڻ لڳو. هڪ دفعي ڪائنس پڇيم،

”توهان تہ ڊاڪٽر آهيو، مريضن جو علاج بہ ڪندا هوندا؟“

”انهن مريضن جو علاج جيڪي لاعلاج ٻڌجي چڪا هوندا آهن.“

”پوءِ تہ منهنجو علاج توهانکي ئي ڪرڻو پوندو.“

”پر مونکي تہ نٿو لڳي تہ تو کي ڪنهن علاج جي



ساڄي کان ذوالفقار ڀٽي، تاج بلوچ ۽ ڊاڪٽر بلوي هڪ يادگار موقعي تي گڏ



ضرورت آهي، تون تہ چاڪ چڱي ڀلي آهين.“

”ها پر مونکي هڪ خطرناڪ بيماري آهي.“

هن وڏو ٽهڪ ڏنو،

”ها تو کي شرارت جي بيماري آهي ۽ انجو علاج ضروري آهي. پنهنجي باري ۾ پيرائتي ڳالھ ٻڌائي تہ ڇا ڪندي آهين، پر لڳي ٿو تہ گهڻو ڪري واندي هوندي آهين ۽ ڪتاب پڙهندي رهندي آهين. لکندي بہ آهين يا نہ ڳالهائڻ تہ تنهنجو واھ جو آهي.“

هو هڪ ئي ساهي ۾ الائي ڪيترا سوال ڪري ويو، ۽ آخر ۾ پرسوز آواز ۾ ’الله‘ چيائين.

مون ڪائنس واندڪائي جو وقت پڇيو تہ جيئن سڪون سان ساڻس ڳالهائي سگهان، هن چيو، ’رات جو 11 ڪان پوءِ ئي هو واندو هوندو آهيان.‘ ساڻس رات جو ڳالهائڻ ٿيندو رهيو ۽ آئون ڪيس پنهنجن مسئلن ڪان آگاھ ڪندي رهيس ۽ هو انهن جا حل ٻڌائيندو ويو، مون پنهنجي ڊپريشن جو ڪيس ٻڌايو تہ هن صلاح ڏيندي چيو،

”اهي مونجهارا تنهنجي عقلي اختراع جو نتيجو آهن، اهي جيڪڏهن وڌي ويا تہ ماڻهو نفسياتي مونجهارن ۾ وڪوڙجي سگهي ٿو، تنهنجي لاءِ بهتر آهي تہ تون ڏهاڙي ذهن خالي ڪري جيڪو سمجھ ۾ اچئي اهو هڪ صفحي تي لکندي ڪر، جلد ئي تون پاڻ کي پوپٽن جيترو هلڪو محسوس ڪرڻ لڳندينءَ.“

حقيقت ۾ ائين ئي ٿيو. ڪجھ ئي ڏينهن ۾ ڪتان جي پريشاني ڪتان جو مونجهارو، سڀ هوا ٿي ويو. اصل ۾ اڪيلائين ۾ ويهي جڏهن انسان پنهنجا وهاڻا پسائي ٿو تہ ان جي اندر ڪرب پاسا ورائي اٿي پوندو آهي. ۽ ماڻهو درد جي اٿر هيٺ پروڻ ٿي ويندو آهي. پر جڏهن وهاڻي جي جاءِ تي ڪنهنجو ڪلهو ملي ٿو وڃي تہ آٿتن جي وڏي وٿ ماڻهو کي اڪيلائين جي عذاب مان ٻاهر ڪڍيو ڇڏي. سچ پڇو تہ آئون ائين محسوس ڪرڻ لڳس جهڙو ڪر آئون اڪيلي نہ هجان.

اسان جي ڳالهين جا سلسلا وڌندا ويا. اسان رات جو 11 وڳي ڳالهائڻ شروع ڪندا هئاسين تہ ڳالهين جو اهو سلسلو جنهن ۾ دنيا جهان جا بحث شامل هوندا هئا. وڏي اُسر تائين هلندو رهندو هو، آخر ۾ ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب چوندو هو،

”هاڻي منهنجا ڪن گرم ۽ اکيون نم ٿيڻ لڳيون آهن فون بند ٿا ڪيون، خدا حافظ.“

هڪ ڀيري ڊاڪٽر صاحب مونکي مصر جي ڪنهن شاعره جو ڪو غزل ٻڌايو هو، ڇا تہ لفظ هئا ۽ ڇا تہ لفظن جي ادائيگي. ڪاش مان اهو غزل ريڪارڊ ڪري وٺان ها.

اسانجون ڳالهيون بہ اٽڪٽ تہ بحث بہ اٽڪٽ ٿيندا هئا. منهنجا سوال ۽ ڊاڪٽر صاحب جا جواب، موضوع ۾ ڪڏهن شاعري، ڪڏهن فلسفو، ڪڏهن موسيقي تہ ڪڏهن تصوف، ڪڏهن فلمن جا ڊائيلاگ تہ ڪڏهن پسند جي ڪتابن مان ٽڪرا، ابن عربي جهڙي ڳنڀير فيلسوف تي آئون ڪيس اٿارٽي سمجهندي هيس. ڪيڏا نہ عظيم ۽ حسين لفظ هئا جيڪي ڊاڪٽر صاحب جي واتان مون ٻڌا. هو لاشڪ علم جو سمنڊ هو، سندس باوقار شخصيت، حليم طبيعت، نرم لهجو، ۽ بي انتها ذهانت ۽ وڻندڙ شرارت جو ميلاپ، ۽ گفتگو جي آخر ۾ درديلي آواز ۾ چيل سندس، ’الله‘ مونکي هيڪاري ڏڪائي ڇڏيندو هو.

30هين جون 2012ع تي مون ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب کي فون ڪيو، ’هيپي برٿ ڊي ٽُيو.‘، هن ’ٿينڪ يو‘ چيو ۽ مون ڪيس شڪريا ادائي سان گڏ اها شاعري ٻڌائي جيڪا مون سندس جي لاءِ ئي لکي هئي.

’اها شاعري تو لکي آهي؟‘

هن حيرت ۽ خوشيءَ جي مليل لهجي ۾ مونکان پڇيو،

”ها مون ئي لکي آهي.“

هن هڪ دفعو ٻيهر منهنجا ٿورا مڃيا.

”انڪان اڳ مون ڪڏهن بہ سالگرھ جو ڏهاڙو نا هي ملهايو.“ هن چيو، پر مون ڪائنس ڪيڪ جو مطالبو ڪيو. ’هن چيو ها ضرور.‘

مون شام جو پنهنجي پائٽي هٿان ڪجھ تحفا ڊاڪٽر صاحب ڏانهن ڏياري موڪليا، هن ٿورا مڃيندي چيو، ’ايڏو خرچ ڇو ڪيو اٿو؟‘

”اهو خرچ ڪاٿي عقيدت آهي.“ مون ڪيس چيو.

”ڳالهيون ناهڻ تہ ڪو توکان سکي. ها تنهنجو ڪيڪ اوڌر رهيو.“

پنجين جولائي 2012ع تي اسانجي پهرين ملاقات ريجنٽ پلازا ۾ هڪ سينما تي طئي ٿي. مان تہ ڪيس سڃاڻي سگهان ها، پر مون ڪيس پنهنجو حليو ٻڌايو،

”رنگ ڪارو، ڏند وڏا، مٿي تي ڪي ٿورڙا وار، توهان ڊڄندا تہ نہ مان ڏسڻ ۾ صفا ڏائڻ لڳندي آهيان.“ مون شرارت ڪندي ڪيس ڊيڄاريو،

”تون بي فڪر ٿي هلي اچ، مونکي ڏائڻن کي سوگهو ڪرڻ ايندو آهي.“

مان ٺيڪ طئي ٿيل وقت تي پهتس، منهنجون نگاهون ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب کي ڳولهڻ لڳيون، پريان ڪنڊ وٽ هڪ شخص سگريٽ پيئندي نظر آيو. با وقار، رعبدار، پاتالن مان ڳجھ لهي ڇاڻڻ جي لائق اکيون، پينٽ شرٽ پاتل، سانوري رنگ سان قداور ۽ ٺهندڙ شخصيت، مون ڪيس سڃاڻي ورتو. پرسان وڃي ڪيس چيم،

”هاءِ هينڊسم آئم هيئر.“

هو مڙيو هڪ لمحي لاءِ مٿي کان پيرن تائين مونکي ڏٺائين، مان تہ هيڪاري ڊڄي ويس. سگريٽ وسائيندي هن مسڪرائي چيو،

”ڏائڻ کي تہ مون ايندي مهل ئي سڃاڻي ورتو هو، پر ان کي قابو ڪرڻ لاءِ منتر پئي پڙهيم.“

سندس وڏو ٽهڪ منهنجي روح ۾ لهي اندر جي آنڌ مانڌ کي ختم ڪري ويو. اسان سينيما ۾ وڃي ويٺا سين. مون ڪيس ويجهڙائي کان گهوري ڏٺو،

سانورو رنگ، ويڪري ڇاتي، اوچي پيشاني، ۽ پيشاني تي ڪرنڊڙ وارن جو ڇڳو. خوبصورت ۽ ڳالهائيندڙ اکيون جن ۾ شرارت لڪل هئي، مضبوط بدن، لياڪيندڙ نقش، چپن تي محسوس ٿيندڙ مسڪراهٽ، ڪنن وٽان وارن تي سفيدي آيل، اڌ سفيد مڇون، مرداڻي چال، مجموعي طور سندس شخصيت هڪ باوقار مرد جهڙي هئي، جنهن جي اکين ۾ شرارت بہ هئي تہ بيڊپو رعب پڻ هو.

فون تي ڳالهين دوران ڊاڪٽر صاحب پنهنجو ڳالهيون ٻڌائيندو هو، جڏهن هو ليبيا جي آرمي ۾ هو ۽ جبوتي ۾ مقرر ڪيو ويو هو. هو چوندو هو، ’جڏهن هو جبوتي ۾ هوندو هو تہ سندس چال اور هئي.‘ ٽهڪ ڏئي چوندو هو، ”ڪڀي هم خوبصورت ٿي.“ مون ڪيس ٽنگ ڪندي سواليہ انداز ۾ چيو هو،

”واقعي تون خوبصورت هئين؟“

”مڃين يا نہ پر حقيقت اها آهي تہ آءٌ خوبصورت هئس.“

”پوءِ آئون تنهنجو نالو هينڊسم ٿي رکان.“

هن جواب ۾ وڏو ٽهڪ ڏنو.

آئون ڪيس آخر تائين هينڊسم ڪري مخاطب ڪندي هيس. جيڪو هن ڪڏهن بہ مائينڊ نہ ڪيو.

سينيما ۾ ڪهڙي فلم هئي؟ مونکي ياد ناهي، آئون تہ ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب جي ڳالهين جي سحر ۾ ئي رهيس. ريجنٽ پلازا مان نڪري اسان پنڊ ئي پنڊ سروسز ڪلب آياسين، جتي هن پنهنجي هڪ دوست سان ملرايو، نالو ياد نٿو اچي. شايد فلسفي ۾ پي ايچ ڊي ڪيل هئس. قابل ماڻهو هو. هن اسان جي ڪافي خاطر تواضع ڪئي. پوءِ اسان ٽئي، پريس ڪلب آياسين جتي زيب اذڪار جي ڪتاب جو مهورت ٿيڻو هو. ڊاڪٽر صاحب جيئن ئي اتي پهتو ڪو ڪيس نوڙي پيو هٿ ڏئي تہ ڪو سندس هٿ پيو چمي، مون ڪيس هورڙيان چيو، ”توهان پير مرشد آهيو ڇا؟“

”آئون تہ ڄائي ڄم کان ئي پير آهيان جو پير (سومر) جي ڏينهن ڄائو هوس.“ هن وڏو ٽهڪ ڏنو.

بحرحال ان ڏينهن ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي صاحب منهنجي تہ تن توڙي من ۾ پيڪڙا هڻي ڇڏيا هئا. يا ائين چوان تہ ڊاڪٽر صاحب هن ڏائڻ کي سوگهو ڪري ورتو هو. فون تي طويل ڳالهيون ٿينديون هيون، آئون سنڌ ايڪسپريس اخبار ۾ شايع ٿيندڙ ڪالمن تي تنقيد ڪندي هيس ۽ ڪيس چيڙائيندي هيس. هن منهنجي ڪا بہ ڳالھ ڪڏهن بہ دل ۾ نہ ڪئي.

آخر 8 جولائي جو منحوس ڏينهن آيو، مون ايس ايم ايس ڪري ڪائنس پڇيو، ”هاءِ هينڊسم ڪاٿي آهيو؟“

جواب آيو، ”گهر آهيان پر طبيعت ٺيڪ ناهي.“

مون هڪدم ڪال ملائي. هن ٻڌايو،

”بس تان لهندي ايڪسيڊنٽ ٿي پيو. ڪڀي ٻانهن تي ڌڪ لڳو آهي. اسپتال ويو هيس. ابتدائي دوا درمل ڪانپوءِ اسپتال وارن چيو تہ هڪ ٻن ڏينهن ۾ اچجو، شايد آپريشن ڪرڻو پوي.“

مان اتاولي ٿي ويس ۽ چيم مان هن وقت جو هن وقت توهان کي ڏسڻ ٿي چاهيان. صاف منع ڪندي چيائون تہ هڪ ٻن ڏينهن ۾ شايد اسپتال ۾ داخل ٿيان اتي اچجانءِ. مون روئڻهار ڪي ٿيندي چيو پر هاڻي ڇو نہ؟، جواب ڏنائون

”نہ، مان هاڻي آرام ٿو ڪيان سڀاڻي ڳالهائيندا سين.“

سندن رويو ڏاڍو رکو هو. مون محسوس ڪيو تہ هو شايد پنهنجي رهڻ جي هنڌ بابت نٿو ٻڌائڻ گهري. بعد ۾ ڊاڪٽر صاحب ٻڌايو تہ ها هو نٿو چاهي تہ هن جي رهڻ جي هنڌ جي ڪنهن کي بہ خبر پوي. ڇاڪاڻ تہ سندس ڪي دشمن آهن جيڪي ڪيس ختم ڪرڻ چاهين ٿا. احتياط طور هو پنهنجي ايڊريس ڪنهن کي بہ ناهي ٻڌائيندو. هو واپسي تي هميشہ رستا مٽي مٽي ايندو



آهي ته متان ڪو سندس پيڇو ڪندو هجي. گهڻو چوڻ ڪانپوءِ به هن مونکي نه ٻڌايو ته آخر اهي ڪير آهن؟ پر مون محسوس ڪيو ته اهي هن جا پنهنجا ئي هئا. چاڪاڻ ته ٽنڊو آدم ۾ محل جهڙو گهر هوندي به هو ڪراچي ۾ اڪيلو رهيل هو. هن اشارتن ٻڌايو هو ته سندس 10 ايڪڙ زرعي زمين تي ڪو جهيڙو هلندڙ آهي. ۽ هو پوين 10 12 سالن کان ڪراچي ۾ ئي رهيل آهي. هن پنهنجي نجي زندگي بابت وڌيڪ ڪجهه به نه ٻڌايو ۽ نه ئي مون ان بابت ڪجهه پڇڻ جي همت ڪئي. ها پر ايترو سو ڄاڻي وئي هيس ته ڊاڪٽر صاحب جي نجي زندگي هڪ الميو هو.

**چوندو رهيو جو شهر ۾ گڏجي رهو پرين**
**سو شخص خود قريب کان تنها لڳو پرين**

يارهين جولائي تي منهنجي ملاقات ڊاڪٽر عاشق بدوي صاحب سان سول اسپتال جي وارڊ ۾ ٿي. اهو ڪو وارڊ هو. مونکي وارڊ کان وڌيڪ ڪچري دان پئي لڳو. هر طرف چنگهندڙ مريضن ۽ پون پون ڪندڙ مکين جا انبوهه!! منهنجو ته ساهه پئي منجهيو. حالت ڏسي مونکي روئڻ پئي آيو ته هو آٿت ڏيندو رهيو. مون سوچيو اي خدا هي ڪهڙو انسان آهي... ڊاڪٽر آهي... ڪچري جهڙي وارڊ ۾ پرسڪون... ٻين غريب ۽ غليظ مريضن کي لطيفا ٻڌائي پيو وندرائي ۽ پاڻ به وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي رهيو آهي. دل ۾ آيو ته زور زور سان روئان. هيءُ ڊاڪٽر آهي! مان ته جهڙو مرڻ جهڙي ٿي وئي هيس.

**هتي ٿا ماڻهو چون توکي مسيحا ليڪن**
**هڪ شخص ويو گذاري توکي ڏسڻ ڪانپوءِ**

مان اسپتال کان گهر پهتس، مونکي ڪجهه نٿي وڻيو، مان ان ڏينهن ڏاڍو رني هيس. ڊاڪٽر بدوي جي هٿ تي پلاسٽر چڙهيل هو. مون محسوس ڪيو هو هن ڪيترن ڏينهن کان ڪپڙا به نه مٽايا هئا. ڪيس جيڪي ڪپڙا پاتل هئا اهي پيلاڻ مائل ٿي چڪا هئا. ٻي ڏينهن مون ڊاڪٽر صاحب لاءِ ڪجهه ڪاڏا پچايا ۽ ڪجهه ڪپڙا، هڪ چپل ۽ ٻيو ضروري سامان کڻي اسپتال ويس. مان ٽرالي صاف ڪري سامان ان تي رکيو ۽ ڪجهه شيون سندس ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيون. مون ڊاڪٽر صاحب کي چيو ته توهان وارڊ بواءِ کي چئي وهنجي ڪپڙا مٽائي ونجو. هو ٿوري دير چپ رهيو. زور سان 'الله' چيائين. ۽ مسڪرائيندي مونکي چيائون،

"ڪائڻ جي لاءِ ڇا آندو اٿئي؟ مونکي بک لڳي آهي."

مون ڪاڏو ڪڍي سندس سامهون رکيو جيڪو هن شوق سان ڪاڌو ۽ مونکان پڇيائين، "ڪاڌو تو پاڻ پچايو آهي؟ يا ٻاهران کان ٺهرايو اٿئي؟"

مون فخر سان چيو ڪاڌو مون پاڻ ئي پچايو آهي. ڊاڪٽر صاحب منهنجي ڪاڌي جي گهڻي تعريف ڪئي، مونکي سندس تعريف جو انداز تمام گهڻو پيارو لڳو، دل چوي پئي ته ڪيس روز ڪاڌو ٺاهي کارايان. پر اهو ڪاڌو آئون صرف ڪيس ٽيسيٽائين کارائي سگهيس جيسيٽائين هو اسپتال ۾ هو. هو هر ڀيري مون ڏانهن ٿورائتين نظرن سان ڏسندو رهيو. ۽ خدمت کان منع ڪندو رهندو هو. سندس اهو انداز مونکي لڄارو ڪري ڇڏيندو هو. مان ڪيس چوندي هيس ته سندس ڪم ڪندي مونکي فرحت محسوس ٿيندي آهي. ۽ توهان کي منهنجي خوشي جو حق کسڻ نه کپي. هو مسڪرائي چپ ٿي ويو. ۽ "الله" چئي دعا جي لاءِ هٿ کنيا. مونکي خبر ناهي ته ان وقت هن ڇا گهريو؟

مون وارڊ بواءِ کي تاڪيد ڪئي ته هو منهنجي غير موجودگي ۾ ڊاڪٽر صاحب جو خيال رکي. مون چانهن جا جون پڙيون (ساشا) آندا هئا ۽ وارڊ بواءِ کي چيو ته ڊاڪٽر صاحب کي جنهن وقت به گهرج محسوس ٿئي ڪيس چانهن ٺاهي ڏي.

شايد چوٿين آگسٽ تي آپريشن ٿيڻو هو. پر جيئن ته ڊاڪٽر صاحب جي ٿونٽ جي هڏي ٽٽي چڪي هئي انڪري ڊاڪٽرن جي مشوري موجب 25 هزارن ۾ مصنوعي جوڙ خريد ڪري لڳائڻو پوندو. جنهن لاءِ پئسن جي گهرج هئي. ڊاڪٽر صاحب جي دوستن خاص طور ڊاڪٽر اسلم علاج جي سلسلي ۾ سندس ڪافي مالي سهائتا ڪئي ۽ اهو جوڙ پڻ ڊاڪٽر اسلم ئي خريد ڪرايو. ڊاڪٽر بدوي ڪيس فرشتو ڪري ڪوٺيندو هو. مونسان پڻ جڏهن سندس تعارف ڪرايائون، 'هي فرشتو آهي، منهنجا الاهي مونجهارا اهوئي حل ڪندو آهي، الله ڪيس خوش رکي.'

ڊاڪٽر اسلم هڪ سنو طبي ماهر آهي جيڪو عرصي کان سويراج اسپتال ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. هو اڪثر ڊاڪٽر بدوي سان گڏ فري ڪئمپون لڳائيندو رهيو. ٻوڏ دوران هنن لڳ ڀڳ هڪ لک غريب ماڻهن جا مفت آپريشن ڪيا هئا. ۽ ڪين دوائون پڻ مفت فراهم ڪيون.

آپريشن ڪانپوءِ ڊاڪٽر صاحب جي طبيعت هڪدم بگڙي وئي. ڪيس آ سي يو ۾ داخل ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب جو ساهه نه پئي وريو. مان هڪ ڏينهن اسپتال ۾ئي ٽڪي پيس. آپريشن ڪانپوءِ ڊاڪٽر صاحب کي جنهن وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو اهو ڪجهه بهتر هو. مون هڪ ڏينهن زبردستي سندس وار ڏورايا، ڪيس باڊي اسپري لڳايو ته سندس طبيعت ۾ رعنائي آئي. هن جو چهرو تازو توانو ٿي پيو. هن ٿورائتي انداز ۾ زبان کولڻ ٿي چاهي ته مون ڏانهس دڙڪي واري انداز ۾ ڏٺو، هن مسڪرائي زور سان چيو، 'الله' مون سندس نهن لاٿا، وارن کي ڦٽي ڏني، پرفيوم لڳايو. هو پُربهار ٿي ويو ۽ چانهن جي فرمائش ڪيائين. جيڪا مون ڪيس پنهنجي هٿن سان ٺاهي پياري. مان سندس ڪپڙا ڌورائڻ لاءِ گهر کڻي آئي هيس. طبيعت سڌرڻ ڪانپوءِ ڪيس اسپتال مان ڊسچارج ڪيو ويو. مون محسوس ڪيو ته ڊاڪٽر صاحب جا دوست ساڻس ڏاڍو مخلص هيا. جيڪڏهن هو چاهي ها ته سندس هڪ اشاري تي سندس دوست الائي ته ڇا ڇا ڪري ڇڏين ها. پر ڊاڪٽر صاحب ته هو قلندر صفت ماڻهو، هن کي ڪنهن جي اڳيان هٿ ڊگهيرڻ پسند هو نه ڪو ڪيس ڪنهن شيءَ جي غرض هئي. اسپتال مان ڊسچارج ٿيڻ ڪانپوءِ مونکي فون ڪيائين، 'مان ڪمري تي آهيان پر مون وٽ پائڻ لائي ڪپڙا ئي ناهن. سڀ تون کڻي وئي آهين.' مون ڪيس چيو ته ڪپڙا ته ڌوپي ويا آهن پر ڪاٿي موڪليان؟"

"هوٽل جبيس تي موڪلجو، سياڻي اين جي او جي گڏجاڻي به آهي اتي." (ڊاڪٽر صاحب هڪ اين جي او ٻڌائي هئي جنهن جو هو پاڻ چيرمين هو ۽ مونکي ان جي نون فائونڊر ميمبرن ۾ شامل ڪيو هئائين پر افسوس جو اها اين جي او رجسٽرڊ نه ٿي سگهي.) مان سندس ڪپڙا کڻي هوٽل تي پهتس اسان جي گڏجاڻي لڳ ڀڳ سڄو ڏينهن جاري رهي. اها اسانجي آخري ملاقات هئي. ٻي ڏينهن تي هن فون تي ٻڌايو، 'سندس ڀاءُ راشد ۽ سندس ٻه ڏيئرون وٽس آيل آهن. هو انهن کي گهمائڻ وٺي ويو هو.'

مون کي ٻڌايائين، "اسان سڄو ڏينهن گهميا آهيون گهڻو ڪجهه ڪاڌو پيتو به آهي هاڻي آئون انهن کي آئسڪريم کارائڻ لاءِ وٺي پيو وڃان."

رات جو ساڻس رابطو ٿيو ته ٻڌايائين، "هاڻي هاڻي ڀائٽين ۽ ڀاءُ کي رخصت ڪري آيو آهيان، مون ڀاڻيٽين کي خرچي به ڏني، ڪيئن سٺو ڪيو نه؟"

"ها ها تمام سٺو ڪيوَ."

منهنجي خواهش هئي ته هو ڪجهه ڏينهن جي لاءِ هو پنهنجي ڪنهن مائٽ، ڀاءُ يا ڀيڻ جي گهر هليو وڃي. هو آپريشن ۽ علاج ڪانپوءِ ڪافي ڪمزور ٿي چڪو هو. هن کي پر گهور جي گهرج هئي. پر اهو احساس هن کي ڪاٿي هو. هو پنهنجي من مست طبيعت ۾ گم... ڪهڙو انسان هو؟ مان جڏهن سوچيان ٿي ته اکيون ڀرجي ٿيون اچن.

**نه ڄاڻ هن شخص کي ڪهڙو هنر ايندو آهه**
**شام ٿيندي ئي نيڻن ۾ لهي ايندو آهه**

رات جو يارهين وڳي ڌاري هن جو ٻيهر فون آيو، 'مان پنهنجي رومر تي آهيان، پر طبيعت ۾ الاهي مونجهه آهي ڊاڪٽرن گوريون کارائي کارائي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي.'

"ضرور ڪجهه اهڙو تهڙو ڪاڌو ڪائي آيا هوندؤ."

"ڪائڻ ۾ ته اڄ خوب عياشي ڪئي آهي. ٻارڙن سان گڏ چاٽ، چولا، برياني ۽ آخر ۾ آئسڪريم به کاڌي هئي."

"پوءِ پڪ ڄاڻو ته اها مونجهه گهڻو کائڻ ڪري ٿي هوندي. پنهنجو بلڊ پريشر ته چيڪ ڪيو." (مون ڏانهس بلڊ پريشر چيڪ ڪرڻ وارو اوزار ڏياري موڪلي هو). توهان آرام ڪيو آهي؟ لوڻ ته نه واپرايو اٿوَ؟ دوا وقت تي ورتي اٿوَ؟"

"ايترا سارا سوال... اُف توبنهه." هن چيو ۽ چيائين، 'چڱو مان هاڻي آرام ٿو ڪيان خدا حافظ' ۽ فون بند ڪري ڇڏيائين.

ٻي صبح جو نائين وڳي فون ڪئي، نمبر نه پئي کنيائون، هيڪر، ٻيهر، ٽيهر پر فون رسيو نه ٿيو. ڊاڪٽر صاحب جي دوستن سان رابطو ڪيو، پر سڀني چيو نمبر رسيو نه پيو ٿئي. مٿان رات اچي پئي، مون سڄي رات جاڳي گذاري، ٻي صبح تي مون ايڪسپريس اخبار جي چيف ايڊيٽر نادر عادل شاهه سان ڳالهايو، هن مونکي تسلي ڏيندي چيو ته ڊاڪٽر صاحب جتي به هوندو اسان ڪيس ڳولهي لهنداسين، اسان وٽ سندس سڀ ڪانٽيڪٽس آهن. منهنجي هنياءَ تي ڪجهه ڇنڊو پيو، پر نه جهڙو. رات جو عادل شاهه جي ڪال آئي.

"ٻي ٻي حوصلو ڪجو سٺي خبر ناهي... ڊاڪٽر صاحب هن دنيا ۾ ناهي رهيو."

خبر ڇا هئي ڪو آپگهاتي ڌماڪو هو، ذهن هڪدم خالي ٿي ويو، مونکي پنواٽي اچي وئي، سمجهه ۾ نه پئي آيو ڇا ٿي ويو هو. روح جي گهراين مان هڪ سڏڪو ٻريو، سڏڪو ڇا ٻريو ڳوڙهن جو هڪ سمنڊ اٿلي پيو.



## سندس ئي ياد ۾ اخترشناس روئندا رهيا
## ستارو پاڻ ٽٽي آسمان ڇڏي ويو

ڊاڪٽر بدوي پنهنجي دور جو الميو هو، جنهن کي ڪنهن به نه ڄاتو. هو اهڙو درد هو جنهن کي ڪنهن به محسوس نه ڪيو، هو ٿڪن جي ڇانو ۾ لڪل اهڙو سڏڪو هو جيڪو ڪنهنجي جي به ڇپن تي نه ڀري سگهيو، هن هڪ پيرو مونکي چيو هو ڪيس بارش ڏاڍي وڻندي آهي.

**هتي ايندڙ سيئي مندون وري موٽي وڃن ٿيون، پر اوهان جي ياد جي موسم ڪان موٽڻ ئي ويو وسري**

سندس ذاتي زندگي بابت جيڪا خبر پئي آهي اها ڳجهه ئي رهي ته بهتر آهي. ايترو سوچئي سگهجي ٿو سندس زندگي الميو هئي. اصل ۾ جڏهن معاشري جي سونهن ۽ حسن کي جڏهن مفادن جي اڌوهي ڪائي وڃي ٿي ته ڌرتي پيرن هيٺان آخر ڪيسيتائين رهندي؟ ائين ئي ته ڪوئي پنهنجي مٽيءَ ڪان ڌار ناهي ٿيندو، جڏهن ڪو حسين ڇهرن جهڙن نازڪ خوابن جو ڏيهه ڇڏي ٿو ته پڪ ڄاڻجي ته ان جي پس منظر ۾ ڪو وڏو طوفان ئي هوندو.

زندگي جي ڪهاڻي به ڪيڏي نه گهڻ پاسائين آهي، ڪٿي احساسن جا آئينه ته حادثن جو حصار. ڪوئي نڪري ٿو وڃي ته ڪوئي وڪري ٿو وڃي. انسان به عجيب آهي ڪٿي سونهن جي لامتناهي عالم جو سفير ته ڪٿي بيابانن ۽ رڻن جو راهي... بس اهڙن ئي منظرن ۽ مظهرن جو نالو شايد زندگي آهي. اهڙو ئي لقاءُ ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي زندگي هئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ڊاڪٽر صاحب جي زندگي ڪو ڪنهن وڻ مان ٽٽل بي وزن پن نه هئي بلڪ هو هڪ شائستو ۽ شائستو ماڻهو هو. هو با وقار شخصيت ۽ مضبوط اعصابن جو مالڪ هو. پر درد شايد هن جي سرير ۾ شيهي وانگر لهي ويو هو.

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي 30 جون 1947ع تي شڪارپور ۾ ڄائو. هو ايم بي بي ايس ڊاڪٽر هو ۽ هوئسٽڪ ميڊيسن اسپيشلسٽ هو. ۽ اي ايم ڊي اي انٽرنيشنل جاپان مينسا انٽرنيشنل لنڊن جو ميمبر پڻ هو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي، سرائيڪي، انگريزي، اردو، عربي، فارسي، فرينچ، بلوچي، پشتو، پنجابي ۽ دري ٻوليون ڄاڻندو هو. هو اردو توڙي سنڌي ادب ۽ صحافت جو وڏو نالءُ هو. سندس تحرير ۾ پڙهندڙ کي جڪڙي رکڻ وارو هنر هو. ادب بابت سندس راءِ وزندار ۽ منطقي هوندي هئي. هو روحانيت ڪان وجدانيت، شعور ڪان لاشعور، يوگا ڪان ميڊيٽيشن تائين جي علم ۽ هنر جو ڄاڻندڙ هو.

هن هڪ اين جي او پڻ ٺاهي جنهن جو هو باني چيئرمين هو. هو اينٽي نارڪوٽڪ فورم اسلام آباد جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو. 1971ع واري جنگ دوران هن شڪر ڳڙهه ۽ سيالڪوٽ سميت مختلف محاذن تي فرض نڀايا. بهتر ڪارڪردگي جي بنياد تي اعزاز طور ڊاڪٽر بدوي کي دفاع جو ٻلو ۽ جنگ جو ٻلو پڻ ڏنا ويا. هن صومالي، نيروبي، اديس ابابا ۽ جبوتي ۾ پڻ خدمتون سر انجام ڏنيون. هو ڪرنل قذافي جي گهڻو ويجهو رهي چڪو هو.

## غزل

### نسرين الطاف



اوپرا سڏ ۽ واڪا ٿاڪي،
دل جي گنبذ ۾ پڙاڏا ٿاڪي
پنهنجي پلڪن سان ٿي پاڇا ٿاڪي
نئين سورج جا ارادا ٿاڪي
خواب آميز نظارا ٿاڪي
ويو پلڪن تي ستارا ٿاڪي
بانسري روح کي چيري ويئي
هاڻ ڪو جسم جا ٽاڪا ٿاڪي
هو نه موٽيو، ويا وسري سينگار
ڪيئن ڪا جهوڙي ۾ گجرا ٿاڪي
دربدر ٿي وڃي پيڪين پهتي
درد ۾ خوف جا خدشا ٿاڪي
پونءِ تان جيڪي اڏاٽا منظر
رنگ ۾ روپ سي جلوا ٿاڪي
روح ۾ ڦول ۽ پوپٽ ٿاڪيا
ڪو ويو جسم ۾ ڪنڊا ٿاڪي
ڪيئن پٿر ٿا چئو، عورت کي
روح ۾ جنهن ڇڏي ممتا ٿاڪي
هَنڌ ۾ گُهنج ڏسي، هُو مرڪيو
ڄڻ ويو ساهه ۾ صدما ٿاڪي
يادگيرن جي اڪيلي بن ۾
چرڪ ٿاڪي ٿي ۽ الڪا ٿاڪي
جنهن تي الزام لڳو ڪارنهن جو
ڇوڪري، روح ۾، ٿاٻا ٿاڪي
عشق، ’نسرين‘ بلندي بخشي
خلق رسوائي جا طعنا ٿاڪي

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي تحرير ۽ ترجمي وارن ڪتابن ۾ ’چوندبہ شاهڪار ڪهاڻيون‘، ’چمڙي جون بيماريون‘، ’طواسين‘، ’تصوف جون تجليون‘ شامل آهن. ’ڪشباش‘ نالي سندس سفرنامو ماهوار سوجهرو ۾ قسطوار ڇپيو. سندس اڻڇپيل ڪتابن جو پڻ چڱو خاصو انگ هو جنهن ۾ عالمي سطح جي مڃيل ڪتابن جا ترجما پڻ شامل آهن. هن کي چيني فلسفي تي پڻ دسترس هئي. ڊاڪٽر صاحب وٽ ناياب ڪتابن جو وڏو زخيرو هو اهو نه ڄاڻ ته هاڻي ڪهڙن بي قدرن جي هٿن ۾ هوندو. هن شاعري پڻ ڪئي. سنڌي ۾ لکيل سندس ٻن نظمن جو اردو ترجمو سنڌي ٻولي جي نالي واري اڪابر ۽ شاعره ج.ع. منگهاڻي ڪيو. جنهن بابت ڪجهه لکڻ جهڙوڪ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ جي برابر هوندو.

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي جي شخصيت ۽ سندس شفقت جي ڇانو آئون ذاتي طور هر لمحي ۽ هر لحضي محسوس ڪيان ٿي. ■



# بالله ري ءَ پرين...



ڊاڪٽر شير مهراڻي

**تارا تيلي روءِ، لُڏا لالن اپرين**
**جهڙي تو صبوح، تهڙي صافي سڄڻين.**

”مون ته سمجهيو ٿي، ’تيلي روءِ‘ معنيٰ ماچيس جي تيلي وانگر چمڪو ڏئي ٻرندڙ.“ پر ميڊم منگهاڻي ته چوي ٿي، ”هيءُ لفظ ’تِيلي‘ نه بلڪ ’تيلي‘ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ’ميرانجهڙو.‘ ان طرح سان ته سموري بيت جو مفهوم ئي بدلجي ٿو وڃي.“ هڪ رعبدار، سنجيدو ۽ باوقار آواز منهنجي ڪنن تي پيو.

مون چيو، ”بيت جو مفهوم ڪيئن ٿو بدلجي؟“

”اهو هيئن ته شاهه صاحب چوي ٿو ته اي ميرانجهڙي منهن وارا لُڏا تارا! تون ڀل پيو اڀر. پر جهڙي روشني تو ۾ صبوح جي پهر ۾ هوندي آهي، سڄڻ هميشه اهڙا ئي صاف ۽ سهڻا آهن.“

”اهوئي ته درست مفهوم آهي.“

”ها پر لُڏو تارو آهي ڪهڙو؟ لُڏي کي انگريزي ۾ ڇا چئبو آهي؟“

”ڏسڻو پوندو.“

”...“

”آغا يعقوب پنهنجي ترجمي ۾ لُڏي تاري کي ’ڪينوپس‘ سڏيو آهي، جيڪو مونکي به درست لڳي ٿو.“

”آغا يعقوب ڇا ٿو چئي؟“

”تارا تيلي روءِ، لُڏا لالن! اپرين، جهڙي تو صبوح، تهڙي صافي سڄڻين.“ واري بيت جو ترجمو ڪندي آغا يعقوب لکي ٿو،

“O Canopus star! You indeed rise in the horizon like a beautiful and bright star. But my beloved (at all times) is as bright as you are in the early morning.”

”يعني آغا يعقوب ’لُڏي‘ ستاري کي ’ڪينوپس‘ سڏي ٿو؟“

”ها.“

”پر مان ان بابت ڪجهه ڪوجنا ڪرڻ کانپوءِ ئي ڪجهه چئي سگهندس. ڇاڪاڻ ته جيستائين آئون خود ڪا کوجنا ڪري پڪ نه ڪيان منهنجي دل مطمئن ناهي ٿيندي.“

”ٺيڪ آهي توهان به ڏسو مان به ڏسان ٿو— پوءِ معلومات Tally (ڀيٽيندا سين) ڪنداسين.“

”ضرور.“

موبائيل فون ڪال ڪٽجي وئي. مونسان سڃاڻ ڏاهو، منفرد محقق، مترجم ۽ ڏهن ٻولين جو ڄاڻو ڪئيپٽن ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي مخاطب هو. هو شاهه جي شاعري ۾ ستارن جي ذڪر بابت انگريزي ۾ هڪ تحقيقي مقالو لکي رهيو هو، جنهن جي لاءِ هن شاهه جي لسانيات جي مستند اسڪالرس سان ان موضوع تي بحث ڪيو ۽ معلومات جي مٽاسٽا ڪئي.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ آچر جي ڏينهن ڪراچي جي ريگل چوڪ وٽ فوٽ پاٿ تي لڳندڙ پراڻن ڪتابن جي بازار ۾ ملڻ جو پروگرام طئي ٿيو. هو ستارن ۽ سيارن جا ڪيترائي نقشا ڪٽي آيو هو، جن ۾ مختلف موسمن ۾ ستارن جي چرپر بابت سوين تصويرون هيون. نقشن سان گڏ هن منهجي لاءِ پنهنجا ٻه ڪتاب، ’چمڙي جون بيماريون‘ (ڪتاب نالي جي ابتڙ جماليات/ايسٿيٽڪس بابت اهم ڄاڻ ڏيندڙ دستاويز محسوس ٿيو) ۽ ترڪي جائي محمد لطف الله گولن جي ڪتاب جو ترجمو ڪيل ڪتاب، ’تصوف جون تجليون‘ به آندا جيڪي هن مونکي ڏنا. اسان ريگل چوڪ وٽ نهيل ايرانيا هوٽل تي ويهي ستارن جا نقشا ڏسندا رهيا سين ۽ ايراني چانهه جون سرڪيون ڀريندا رهيا سين. مون ستارن جي نقشن کي ڏٺو ۽ هڪ ستاري تي هٿ رکندي چيو،

”هيءُ ئي لڏو تارو آهي.“

”پر هيءُ ته ’سيرس‘ آهي.“

”اهوئي سيرس/سائرس ستارو نه: جيڪو دنيا جو پهريون نمبر روشن تارو آهي، جنهن لاءِ ستارن جي علم جي ماهرن جو خيال آهي، ’جيڪڏهن ’سيرس‘ ستارو سج جي جاءِ تي اچي وڃي ته ڏينهن موجوده حيثيت کان ويهه ڀيرا وڌيڪ روشن ٿي ويندو.‘ انگريزي ۾ ان کي ’ڊاگ اسٽار‘ به چون ٿا. اهوئي لڏو تارو آهي. باقي ’ڪينوپس‘ ٻيو نمبر روشن تارو آهي. ظاهر آهي شاهه جيڪو، ’جهڙي صورت سج، تهڙي مورت مارئي‘ ۽ ’چندٻ تنهنجي ذات، پاڙيان نه پرينءَ سين‘ جهڙيون سٽون چوي ٿو، اهو پلا پهرين نمبر واري روشن ستاري ’سيرس‘ کي ڇڏي ٻي نمبر تي روشن نظر ايندڙ ستاري ’ڪينوپس‘ جو ذڪر ڇو ڪندو؟“ مون دليل ڏنو.

”ٻيو ته لڏو ستارو وهائو ستاري کان ٿورو اڳ آسمان تي ائين چمڪندو آهي جڻ ته آسمان تي چانديءَ جا زيور چمڪندا هجن، ان ستاري جي پرسان ئي هڪ ٻيو ستارو نظر ايندو آهي ۽ اهو توهان به مڃو ٿا ته ’سيرس‘ به ٻٽو ستارو آهي. ۽ لڏي جي لاءِ پڻ اهوئي مشهور آهي ته اهو ٻٽو ستارو آهي. يعني نقشن موجب جيڪو لُڏو تارو آهي، اهو ئي ’سيريس‘ تارو آهي.“

هن منهنجون ڳالهيون ته ڌيان سان ٻڌيون. پر سورنهن آنا متفق ڪونه ٿيو. اسان جو بحث اڻنبريل ئي رهيو. اسان هڪ ٻئي کان موڪلائي پنهنجي پنهنجي واٽ روانا ٿياسين.

اسان لڏي لاءِ ڪينوپس يا سيريس جي بحث ۾ اڻنبريل ته رهيا سين ئي پر ميڊم منگهاڻي جو رايو هو، ’لڏو مارس (مريخ) يا وينس (زهره) ٿي سگهيو ٿو.‘ مون ان سموري بحث کي پنهنجي پي ايڇ ڊي جي ٿيسز ۾ پڻ شامل ڪيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب سان ملاقاتن ۽ ڳالهين جو سلسلو جاري رهيو. هڪ ڀيري مان پنهنجي هڪ دوست سرفراز پنهور سان گڏ ساڳي ئي ريگل واري ڪتابن جي لڳل بازار ۾ ساڻس مليس. اسان ڪتاب ڏسي ڪجهه وٺي ايرانيا هوٽل بدران ڪتابن جي بازار جي پوئين پاسي واري پناڻ جي جهوپڙا هوٽل تي ويهي چانهه پيتي. گهٽيئي ڳالهيون ٿيون. لڏي تاري تي هڪ دلچسپ بحث به ٿيو. ڊاڪٽر صاحب شرارت واري انداز ۾ چيو،

”انگريزي ۾ ته لُڏي تاري کي ’ڊاگ اسٽار‘ به چوندا آهن. ان لاءَ تون ڇا ٿو چوين؟“

مون ڊاڪٽر صاحب جي شرارت سمجهندي (ڊاڪٽر صاحب جي شرارت جو انداز تمام نفيس ۽ دل کي ڇهي ويندڙ هوندو هو) چيو، ”اها به ڪا وڏي ڳالهه آهي؟“

”ڪيئن؟“

”شاهه لطيف لڏڙي (هڪ جانور جيڪو پاڻي ٽوڙي خشڪي ۾ رهي ٿو ۽ گهڻو ڪري اگلو ۽ گدلو رهندو آهي) جو ذڪر ڪيو آهي،

**ڄاريون ڪاريون ڇڇ ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ**
**رهن، وهن سر ٻانڌئين، سپيئي بدبوءِ هاڻ**
**لڏڙن جيئن لطيف چئي، پاڻي وجهن پاڻ**
**تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪيو پانهنجي.**
*(سر ڪاموڏ)*

”انگريز جيڪڏهن ’لڏي‘ کي ’ڊاگ اسٽار‘ چون ٿا ته ٿي سگهي ٿو لطيف ان کي ’لڏڙو‘ چوندو هجي. هونئن به شاهه لڏي کي ميرانجهڙو/ميرو سڏيو آهي. ۽ لڏڙو ته ٿيندو ئي ميرو/اگلو/گدلو آهي.“ منهنجي دليل تي هن وڏو ٽهڪ ڏنو. اسان ڪجهه دير ڪچهري ڪري اٿان اٿياسين. مونکان منهنجي دوست سرفراز پنهور پڇيو، ”هيءُ ڪير هو؟“

چيو مانس، ”ڪيپٽن ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي.“

”ڪيپٽن ڊاڪٽر.“ منهنجي دوست حيران ٿيندي چيو.

”ها، ان ۾ حيران ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”اصل ۾ (ڊاڪٽر صاحب لٽي ڪپڙي ۾ اڪثر پنهنجو خيال نه رکندو هو. نتيجي ۾ سندس شيو وڌيل شرٽ بنا استري جي هوندي هئي، سندس خيال شايد ڏاهپ ۽ علم جي عميق دنيا ۾ هوندو هو.)“



# ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي ڪارنر



”مون تي پانيو تہ پڪ سان ڪو مڪينڪ يا ڪو پڙهيل لکيل شيف هوندو. جيڪو پنهنجي شوق خاطر علم ادب پڙهي ٿو.“ مون واري دوست چيو.

ڳالهين ڳالهين ۾ اها ڳالهہ مون ميڊم منگهاڻيءَ سان ڪئي. پوءِ تہ ڊاڪٽر صاحب اصل بر تي بيهي رهيو. فون ڪيان فون نہ کڻي ايس ايم ايس ڪيان ڪو جواب نہ ڏئي. مونکي ڪهڙي خبر هئي تہ برنگو لوڪ بيو ۽ چنيسر چؤرنگ آهي. نيٺ 15هين شعبان جي وڏي رات جو معافي جو ميسيج موڪليم،

اوڳڻ ڪري اپار، تو دَرِ آيَس داسڙا!
جِئَن تو رُسَڻَ سنديون رُوحَ ۾، تِئَن مون پيٽِي ناهِيَارَ!
سائِينءَ لڳِ، سَتار! ميٽ مَدايُون مُنهنجيُون.

هڪدم فون ڪيائين، ”اچ پلا سيني ڪي چا ٿيو آهي. سيئي پيا معافيون وٺن؟“ سندس لهجي ۾ شرارت هئي.

”سائين، رات ئي معافيون وٺڻ جي آهي.“ عاجزيءَ مان چيم. وڏو ٽهڪ ڏيندي چيائين، ”پوءَ پلا اهڙو ڪجهہ ڪيو چو ٿا جو معافيون وٺيون پون؟“ چيم، ”سائين آدم جي اولاد آهيون. هڪ خطا تہ ورثي ۾ ملي آهي. ٻي ٿئي تہ سزاوار.“ باقي،

سُورَ تُماري جي مَران، تان مُون ڏوهُمَ ڏيج:
ڊَبَنِ پَري هَٿَڙا، دارُون، دوست! ڪَريج.

ساڳيو سندس ٽهڪن جو سلسلو شروع جهڙوڪر رڪو ئي نہ هو. لڏي تاري بابت پڇيو مانس. چيائين،

”- ’سيرس‘ ئي اصل ۾ لڏو تارو آهي. ۽ اها ڳالهہ مونکي نصير فقير جلالاڻي جي ڳوٺ جي هڪ ڳوٺاڻي ٻڌائي آهي.“

مون کلي ڪيس چيو، ”ڊاڪٽر صاحب، مون بہ تہ اهو پئي چيو ۽ ها نصير فقير جلالاڻي منهنجي يونين ڪائونسل آهي.“

جواب ۾ وڏو ٽهڪ ڏنائين.

اسان جا ساڳيا بحث ساڳيون ڳالهيون وري شروع. اسان جي وچ ۾ مختلف علمي بحث ٿيندا رهيا. ريگل چوڪ تي آچر جي ڏينهن تي لڳندڙ ڪتابن جي بازار ۾ اڪثر ملاقاتون ٿينديون رهيون. ان ڪان علاوه هو اڪثر سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪراچي جي گڏجاڻين ۾ ايندو هو، ڪڏهن ڪڏهن ڪو نظم بہ تنقيد جي لاءِ پڙهندو هو. رزاق سهتي ۽ ان ڪانپوءِ بلوچ صحبت جي سيڪريٽري شپ ۾ هفتيوار گڏجاڻيون ڏاڍيون ڀرپور ٿينديون هيون، (جيڪي هاڻ نہ پيون ٿين) انهن هفتيوار گڏجاڻين ۾ اڪبر لغاري، سائل آزاد، ممتاز مهر، نصير سومرو، شاهنواز گهوٽو، رڪيل مورائي، مصطفيٰ انڙ، احمد آزاد، باري منگي، ڊاڪٽر ايوب شيخ، مظفر ميمڻ، قدير ڪانڌڙو، ذوالفقار ڀهڻ ۽ تاج بلوچ سميت ٻيا ڪيترائي مجيل اديب ۽ شاعر شرڪت ڪندا هئا. ڊاڪٽر عاشق بدوي پابندي سان ادبي سنگت جون گڏجاڻيون اٽينڊ ڪندو هو. ۽ تنقيد لاءِ پيش ٿيل لکڻين تي عالماڻي انداز سان گفتگو ڪندو هو. ماهوار سوجهرو ۾ شايع ٿيندڙ سندس سفرنامو، ترجما، شاهہ جي ’ڪمپيريٽو اسٽڊي‘ ۽ اردو اخبار ايڪسپريس ۾ هر آچر ڏينهن تي ’معلوم نا معلوم‘ جي سري هيٺ شايع ٿيندڙ سندس ڪالم گهڻو مشهور ٿيا. جيڪي جملي 49 ڪالم ڇپيا. سندس ڪالم ڏاهپ ۽ علم جو نمونو هوندا هئا. هڪڙي ڪالم ۾ ٿولهہ گهٽائڻ لاءِ نسخو ڏسيندي لکيائين تہ ڪو دوست وٽس ٿولهہ جي شڪايت کڻي آيو هو، جنهن کي هن چاليهن ڏينهن جي چلي ڪاٽڻ لاءِ چيو. اهو سندس ظريفاڻو انداز هو نہ تہ اصل ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي دوست کي چيو تہ چاليهن ڏينهن تائين صرف صوف ڪاءُ ٻي ڪا بہ غذا نہ وٺ، چانهن ۽ پاڻي جي مڪمل ڇوٽ هئي. ان همراهہ ائين ئي ڪيو، ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪالم ۾ لکيو آهي تہ هو پنهنجي ان دوست کي چاليهن ڏينهن ڪانپوءِ سڃاڻي نہ سگهيو. ڇا ڪاڻ تہ سندس سامهون ڪو ٿلهو متارو همراهہ نہ بلڪ هڪ سمارٽ سلم جوان بيٺو هو. ائين ئي سندس هر ڪالم علم ۽ حڪمت جو مثال آهي. پنهنجي ٿيلي پيٺي جي ڳالهہ ڪندي هڪ ڪالم ۾ لکيائين تہ ڪنهن دوست هڪ محفل ۾ گهر اچڻ جي دعوت ڏني، ڊاڪٽر صاحب دعوت تہ قبول ڪري ورتي. پر نہ ڪو سندس پتو ورتائين ۽ نہ ئي فون نمبر. دعوت واري ڏينهن تي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي دوست جي علائقي ۾ ويو. جتي شايد هو ڪو ڏهاڪو کن سالن کان پوءِ ويو. ڇا ڏسي نہ ساڳيا نشان نہ ساڳيا وڻ نہ ساڳيون گهٽيون. گهٽيون جڳهيون ٺهي چڪيون هيون. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو، هڪ لمحي جي لاءِ بيهي ٿورو سوچي امالڪ سندس قدم هلڻ لڳا. ڪجهہ گهٽيون اورانگهي سندس قدم هڪ گهڻ منزلہ عمارت جون ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳا. ٻي يا ٽين فلور تي سندس هٿ ڊور بيل تي لڳو. ٿوري دير ڪانپوءِ سندس اهو دوست سامهون بيٺو هو.

آئون سندس اهڙين قابليتن ۽ علمي توڙي ادبي اپچ جو مداح هيس. سندس لکڻ جو ڏانءُ انتهائي برجستو، بيباڪ ۽ مصنوعي ٺاهہ جوڙ کان آجو هو. هو مونکي پنهنجي ذات وانگر ’نج اديب‘ لڳندو هو. هن جي لفظن ۾ پڙهندڙ کي پنهنجو ڪري وٺڻ جو هنر ۽ ڏانو هو. سندس تحريرن ۾ بلاغت، رواني ۽ معنويت هئي. جيڪي ابلاغ ڪندڙ هيون.

هڪ ڏينهن هنيانءُ ڏاريندڙ خبر ٻڌڻ ۾ آئي، ’ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو.‘ خبر ٻڌندي ئي سچ تہ منهنجي پيرن هيٺان جهڙوڪر زمين نڪري وئي. ان وقت مونکي تاج بلوچ جو چئوسٽو ذهن ۾ ٻرڻ لڳو، جنهن کي شيخ اياز ’لفظن جو ماتم‘ ۾ ’نوحو‘ ڪوٺيو آهي.

سياهہ رات جي صحرا ۾ سوجهرا چهرا
هئا جي شيشہ گري جي ڪمال جا چهرا
اسانجو عشق اجاري هليا ويا ڪيڏانهن
اوهانجي شهر جا، جيڪي ها آئينا چهرا. ■



## مصطفيٰ انڙ

## ڪينارو۔ روشنيءَ جو استعارو...

نيڻ جي ڏيئا هئا سي برف ۾ ڍڪجي ويا
واءُ ڪو ڪارو گهليو ۽ گيت نوحا ٿي ويا
۽ غزل جي نغمگي پيئي ڪنجهي
شاعري جي حور ٿي روئي پئي
ڇلڪندڙ ڪو جام اونڌو ٿي ويو
مهڪندڙ ماحول ڪوسو ٿي ويو
ٻهڪندڙ آلاپ هيٺا ٿي ويا
روح جا سرتال جهيڻا ٿي ويا
سرگمن ۾ ڪوڪ ڄڻ آ اٽڪي پئي
مئڪدي جي شام ميري ٿي وئي
’گڙڪ گهٽ‘ سان هڪڙو ڪينارو اڏيو
ڏور اپ جي ڪنڊ ۾ گم ٿي ويو
جهلملائيندڙ ستارن جهنڊ ۾
ڄڻ فضا ۾ ٽهڪ هن جو ٿو ٻُري
هر طرف ڄڻ ڦهلجي ويو ٽهڪ آ
ٽهڪ ۾ آوارگيون ڪيئي عيان
ٽهڪ جنهن ۾ نيرو نيرو آسمان
ٽهڪ جنهن ۾ خوشبوئن جا آستان
ٽهڪ ۾ رنگين پوشيدا بيانَ
ٽهڪ جن ۾ گم ٿيڻ جو ڪو گمان
ٽهڪ ۾ آهي ٻڏل سارو جهان
ٽهڪ مان ٿا ٽهڪڙا ڪيئي ڦٽن
ٽهڪ پويان نيڻ منهنجا ٿا جهڄن
ٽهڪ ڪي ڪي پير ناهن جو چمن
ٽهڪ ڪي پاڇو بہ ناهي جو ڏسن
نيڻ ساڳيا ٽهڪ پويان ٿا ڊڪن
آبشارن جي رواني ٽهڪ ۾
۽ ستارن جي جواني ٽهڪ ۾
ٽهڪ جو ڪو هير ۾ آهي اثر
چنڊ جي چانڊاڻ ۾ آهي اثر
خواب جي رنگينين ۾ ٿو ڇٽي
ننڊ ۾ ٿو ڪيترا ڀاڪر هٽي
جاڳ ۾ پيو ننڊ جيئن ڪيڏو وٽي
ٽهڪ ساڳيا ڪيچلائي ڪيچلا
جي وچي پولار سان ٻڪجي پيا
آهي ڪينارو اسانکان ڏور ٿيو
شهر ساري کي ڪري ويو هيڪلو
نور سان ڀرپور ’ڪينارو‘ ڪٿي
روشنيءَ جو استعارو سو ڪٿي.

’ڪينارو‘ اصل ۾ ڊاڪٽر بدوي پاران رچرڊ باخ جي ان ڪتاب جو ترجمو آهي، جنهن ۾ سمباليڪلي هڪ پکي آسمان جي ممنوع وسعتن ۾ وڃي حقيقت جا راز ڳولي لهي ٿو. پوري ڪهاڻي تي تصوف جو رنگ چڙهيل آهي. مصطفيٰ انڙ ڊاڪٽر بدوي جو مداح آهي هن سندس جيئري ئي ڪيس پيتا ڏيڻ ٿي چاهي پر افسوس جو مصطفيٰ اها پيتا سندس وٽڻ کان پوءِ ڪيس پيش ڪري سگهيو آهي. -ادارو

مانجو ڪوهستان

هند-سنڌ جي مشهور شاعره، ڪهاڻيڪاره، ناول نگار، پٽائي جي جينوئن پارکو ۽ انشاءَ پرداز محترم ج.ع.منگهاڻي جي خاڪن جو نئون ڪتاب ٽُرت شايع ٿي پڌرو ٿيڻ وارو آهي.

ناشر:
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.



# عاشق بدوي جي ياد ۾...



**ممتاز مهر**

20 آگسٽ 2012ع، عيد جي ڏينهن منجهند ڌاري ڪنهن دوست فون ڪري ٻڌايو ته ڊاڪٽر عاشق حسين بدوي گذريل رات (يعني عيد واري چنڊ رات) ڪراچيءَ ۾ پنهنجي هڪ ڪمري واري فليٽ ۾ مُئل حالت ۾ ڏٺو ويو. هو گذريل اٽڪل 17 سالن کان ڪراچيءَ ۾ اڪيلو رهندو هو. هڪ سٺو پڙهيل ڳڙهيل، ايم بي بي ايس جي ڊگري رکندڙ ۽ گذريل هڪ ٻن سالن کان سنڌي ادبي سنگت ڪراچي ۾ سٺي سڃاڻپ ۽ عزت ماڻيندڙ رلڻو ملڻو شخصي ائين گذاري ويو، سو به اڌ رات جو ڪمري جي تنهائيءَ ۾، مٿن مائٽن کان رُلل ۽ ڪنهن دوست واقفڪار کي پنهنجي رهائش کان ڄاڻي واڻي پري رکندڙ، نه رڳو دردناڪ، پر حيرت جوڳو به آهي. بعد ۾ سندس موبائيل يا نوٽ بوڪ مان ڪجهه نمبر هٿ ڪري پوليس ڪن ماڻهن کي سندس وفات جي خبر ڏني. خوش قسمتيءَ سان سندس سڳي ڀيڻ ڪراچيءَ ۾ رهندي هئي. جنهن ڪن همدرد وڪيلن ۽ پوليس آفيسرن جي مدد سان پنهنجي ڀاءُ جو پوسٽ مارٽم ڪرايو، جنهن مان معلوم ٿيو ته موت جو ڪارڻ هارٽ اٽيڪ هو. عاشق بدويءَ جي بدقسمتي جو وقت سِر ڪنهن کي گهرائي پاڻ کي اسپتال پهچائي نه سگهيو. وفات وقت سندس عمر اٽڪل 66 سال هئي. کيس ٽنڊي آدم دفن ڪيو ويو. پر سندس خاندان اصل شڪارپور جو هو.

انسان جي زندگي به عجيب آهي. عام ماڻهو ته هميشه ردِعمل جو شڪار ٿئي ٿو پر هڪ پڙهيل ڳڙهيل ذهين ۽ سنجيده ماڻهو سماجي روين ۽ رشتن ناتن ۾ شديد ردِعمل ڏيکاري هڪ طرح سان پنهنجي زندگيءَ ۽ ڪئريئر کي داؤ تي رکي ڇڏي ته پوءِ ان جا نتيجا به گهٽي ڀاڱي منفي ۽ نقصانڪار نڪرندا آهن. عاشق حسين بدوي جو موت گهڻو غمناڪ آهي. هو حالتن جو شڪار ٿيو، اهڙيون حالتون جيڪي چڱي ڀلي کي چريو ڪري ڇڏين.

مان جڏهن هلال پاڪستان ۾ سب ايڊيٽر هوس ۽ اخبار جو هفتيوار ادبي صفحو 'ساهت ڌارا' ڪيندو هوس، تڏهن عاشق بدوي سان واقفيت ٿي جڏهن هن پنهنجون ترجمو ڪيل ڪتاب 'دنيا جون چونڊ شاهڪار ڪهاڻيون' تبصري لاءِ مون ڏانهن موڪليو هو. ان وقت هو ٽنڊي آدم ۾ رهندو هو ۽ اُتي ئي ميڊيڪل پريڪٽس ڪندو هو. خط و ڪتابت ذريعي ساڻس دوستي ٿي ۽ هڪ ڀيري سال 1982ع ۾ يا 1983ع ۾ سچل جي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس کان ريل ذريعي موٽندي ٽنڊي آدم لٿس ۽ هڪ رات وٽس مهمان ٿيس. ادب، عرفاني علم، فلاسافي، تصوف، تاريخ تي وٽس سٺا ڪتاب هئا. اهي موضوع به منهنجي پسند جا هئا. ان گڏيل علمي دلچسپي ڪري اسان جي دوستي وڌي. ٻه ٽي ڀيرا وٽس ٽنڊي آدم وڃڻ ٿيو. ٽنڊو آدم ان ڪري به مونکي وڻندو هو ۽ وڻندو آهي جو منهنجو والد هن شهر ۾ 1948ع کان 1949ع اٽڪل ٻه سال ايس ايڇ او ٿي رهيو هو ۽ مون پرائمري جو پهريون درجو ٽنڊي آدم جي گورنمنٽ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو هوس. ورهاڱي کان اڳ جا ٺهيل مُنگهن وارا گهر هن شهر جي سڃاڻپ هوندا هئا. جن مان ايندڙ هوا ڪري بجليءَ جي پکن جي گهٽ ضرور پوندي هئي. عاشق بدوي کي علم باطني ۽ مونکي ٿياسافيءَ سان دلچسپي هوندي هئي، تنهن ڪري به اسان جي ڪتابن تي هڪٻئي کي ڄاڻ ڏيندا رهندا هئاسين ۽ بحث به ڪندا هئاسين. عاشق بدوي ڪڏهن ڪراچي گهمڻ ايندو هو تڏهن به ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. هو تمام رڪڻو ملڻو ۽ خوش مزاج دوستن جو دوست هوندو هو. ڳالهه ٻولهه تي ڀيو ڪلندو ۽ هلڪا ٺهڪ ڀيو ڏيندو. اهڙي کِل مک انسان جو آخري انت دردناڪ ۽ ذري گهٽ لاوارثيءَ وارو ٿي ويو، اتي سوچيندي لڱ ڪانڊارجيو وڃن.

شايد 1991ع ڌاري آخري ڀيرو ٽنڊي آدم ۾ ٿيل ملاقات ۾ کيس غير معمولي طور غم زده ۽ خاموش ڏٺم. مون کيس بدليل ڏسي حيران به ٿيس پر ڪجهه پُڇي نه سگهيس.

اوچتو هڪ ڏينهن ڪپڙن جي سوٽ ڪيس ۽ ڪتابن سان ڀريل ٿيلهي سان گڏ ڪراچيءَ اچي پهتو. تفصيل ڪونه ٻُڌايائين، پر ويجهن مائٽن جي دٻيل لفظن ۾ شڪايت رکي رکي ڪندو رهندو هو. شايد سندس گهريلو زندگي گهڻو ڊسٽرب ٿي چُڪي هئي. شادي ڪيل هئس، جنهن مان هڪ پٽ هئس. شايد شادي ناڪام ٿي ويئي ۽ جُدائي (طلاق) ٿي، ڪجهه چئي نه ٿو سگهجي. هُن گذريل اٽڪل 18-17 سال ڪراچيءَ ۾ تنهائيءَ ۾ گذاريا. هڪ ٻه دفعو قسمت آزمائڻ لاءِ مسقط ۽ لبيا به ويو پر ٻنهي هنڌان جلد موٽي آيو. ڪراچيءَ ۾ مستقل پريڪٽس ڪانه ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن ٻين ڊاڪٽرن سان گڏ ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ لڳايل امدادي ڪيمپن ۾ رضاڪاراڻه طور طبي مدد ڪندو هو. شروع ۾ سندس معاشي حالت ڪجهه بهتر نظر ايندي هئي. شايد ڪجهه بينڪ بئلينس هيس. جيڪڏهن مستقل مزاجيءَ سان ڪراچيءَ ۾ اڪيلي سِر يا ڪنهن پرائيويٽ اسپتال ۾ ميڊيڪل سروس سرانجام ڏيندو رهي ها ته گهٽ ئي، ذهني ۽ مالي پريشانين کان بچيل هجي ها. عاشق حسين بدوي بظاهر ته خوش ۽ اڳ وانگر کِل مُک هوندو هو پر......

هر آچر تي ريگل چوڪ پر سان پراڻن ڪتابن جي اسٽالن تي مون جيان ڀيو گهمرا ڏيندو هو ۽ پنهنجي پسند جا ڪتاب وٺندو هو. يا دوستن سان گڏجي ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ ويهي هميشه ڪڙڪ بنان کير واري چانهه جا چشڪا وٺندو هو. سگريٽ تمام گهڻا پيئندو هو، يعني چين ئي سموڪر هو. هارٽ اٽيڪ ۽ ڪينسر اڪثر گهڻو سگريٽ پيئندڙ کي گهيري سندن موت جو سبب بڻجندا آهن.

عاشق بدوي آخري ڏينهن ۾ تصوف جي هڪ ٻن ڪتابن جا ترجما پئي ڪيا. هو سوجهرو، رسالن ۽ اخبارن ۾ مختلف موضوعن تي لکندو هو. سندس تيار ڪيل سنڌي ۾ ميڊيڪل ڊڪشنري جو مسودو سنڌي لئنگويج اٿارٽي وٽ رکيل آهي. اهي سڀ سندس بچيل لکڻيون گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻڻ گهرجن. مان وٽ سندس لکيل کي طويل علمي نوعيت جا خط رکيل آهن. جيڪي ڪنهن موقعي مهل تي شايع ڪرائي، سندس ياد کي ۽ وڇوڙي جي غم کي دور ڪرڻ لاءِ هن متعلق ڪو طويل خاڪو لکي گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. في الحال مٿي پيش ڪيل ڪجهه تاثرات. ■

# عاشق بدوي جا يادگار خط...

ڊاڪٽر عاشق حسين البدوي سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ستر واري ڏهاڪي جي پڇاڙڪن سالن کان آهي. ان وقت ۾ آئون روزاني اخبار هلال پاڪستان جي هفتيوار ادبي صفحي 'ساهت ڌارا' جو انچاج هئس ۽ ڊاڪٽر بدوي تازو فوج مان ڪئيپٽن جي عهدي تان رٽائر ڪري ٽنڊي آدم ۾ پنهنجي ڪلينڪ هلائيندو هو. اهو دور پرماري ۽ ڪشمڪش جو دور هو. هڪ پاسي جنرل ضياءَ جا ڪڙڪا ۽ ڪوڙڪا ته ٻي پاسي سنڌي اديبن جو مزاحمتي سٽ جيڪو هراول دستي وانگر وڙهي رهيو هو.

ڊاڪٽر بدوي فوجي نوڪري دوران ڪشمير، پنجاب ۽ مٿين علائقن ۾ رهي آيو هو. سندس گوناگون تجربن کي جيڪڏهن هو قلمبند ڪري ها ته هوند ادب جو چڱو خاصو زخيرو ٿي پئي ها. چاڪاڻ ته اٿ ڪتابن جا لکندڙ الطاف شيخ جي سفرنامن مان ڪا عقل ۽ علم جي ڳالهه پلئه نٿي پوي بلڪ اخباري رپورٽ وانگر سندس سفرناما ڄڻ ته ادبي چاشني کان پري آهن. الهبچائي يار محمد سمي جي 'سير ڪوهستان' کان پوءِ جيڪڏهن ڪو سفرنامو مونکي وڻيو هو ته اهو ڊاڪٽر بدوي جو صوماليه، جبوتي ۽ ٻين ملڪن وارو، 'ڪشباش' هو. جيڪو 'سوجهرو' ۾ قسطوار ڇپجي چڪو آهي.

آئون جيڪي خط هتي شيئر ڪري رهيو آهيان انهن مان نه صرف ڊاڪٽر بدوي جي ادبي اپچ جو پتو پوي ٿو بلڪ سندس نفسياتي اجري پڻ جو پڻ ڏس پتو ملي ٿو. ڊاڪٽر بدوي ڏاهپ جو هڪ اهڙو مينار هو جنهن پنهنجي ڄاڻ، علم، ادراڪ ۽ فلسفي جي نين ڏسائن کي کوجي، اڇو اجرو ڪري پيش ڪيو آهي. سندس خطن مان سندس علمي بصيرت جو پتو پوي ٿو.



سندس خطن کان اڳ آئون رڳو ايترو چوندس ته ڊاڪٽر بدوي اسان کان ڪمهلو موڪلائي ويو. سندس نظم جي ’وريام‘ جي آخري سٽ آهي، ”وريام، تو ڪي ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.“ ڊاڪٽر بدوي به هڪ وريام هو جنهن علمي ۽ ادبي ميدان ۾ گهڻو ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو. پر نانگن جهڙن زهريلن ماڻهن کيس جيئڻ نه ڏنو. هن ڪجهه ته پاڻ روايتي سنڌي سستي ڪئي. پر جڏهن کيس پنهنجي سستي جو احساس ٿيو ۽ هن لکڻ تيز ڪري ڇڏيو ته ان وقت شايد دير ٿي چڪي هئي، ۽ وريام واقعي ڏاڍي دير ڪري ڇڏي هئي.

”ڊيئر ممتاز مهر،

جڏهن اوهانجو قربائتو خط مليو ته ecstasy ۾ اچي ويس. مون لاءِ اوهان جن جذبن ۽ قرب جو اظهار ڪيو آهي. يقين ڪيو ته توهان لاءِ منهنجا محسوسات پڻ ساڳيا هوندا آهن. جڏهن ڪو همذوق ۽ ساڳي ’ويوَ_لينٿ‘ وارو ماڻهو ملندو آهي ته دل کي عجيب قسم جي روحاني خوشي ملندي آهي. شڪر ٿيو جو منهنجي دوستن ۾ هڪ سٺي ۽ اهو به ساڳئي ذوق ساڳي سوچ واري هڪ نئين دوست جو اضافو ٿيو آهي.

اسان ۾ ڪجهه ڳالهيون مشترڪ آهن. جيئن سچائي پسند ڪرڻ، ڏکئي ڪم جو چئلينج قبول ڪرڻ، فن ڏانهن اوهانجو فلسفي وسيلي ۽ منهنجو طب ۽ سائنس معرفت رويو، حقيقت پسندي ۽ پنهنجي پروڙ لاءِ پنهنجي اندر جو سفر.

ٻن ملاقاتن ۾ اسان هڪٻئي کي اجا پوري طرح ناهي ڄاتو. افسوس جو اسانجي عمر تمام مختصر ۽ علم تمام وسيع آهي. پر ان علم، ڄاڻ ۽ ارتقا جو انت الئي ته ڪٿي آهي؟

مون اڳ به اوهانکي چيو هو ته منهنجون ٽي خواهشون آهن.

- مرڻ کان اڳ سڄي دنيا جو سير سفر
- گهٽ ۾ گهٽ چاليهارو ڪن ڪتاب لکڻ
- ۽ اهو معلوم ڪرڻ ته اسان ڪٿان آيا آهيون ۽ ڪٿي ويندا سين. زندگي جي ان سڄي ڊرامي جو آخر ڪهڙو مقصد آهي.اسان سان اهو سنگين مذاق ڪنهن ڪيو آهي؟

آخري سوال جي جواب لاءِ مون سڀ مذهب، فلسفا، ادب ۽ فن جا نمونا پڙهيا آهن ۽ هينئر تصوف، ويدانيت، روحانيت، باطني علوم ۽ مابعدالنفسيات پڙهي رهيو آهيان. مون رچرڊ باخ جو تازو هڪ ڪتاب (Jonathan Livingston seagull) پڙهيو آهي. جنهن ۾ گهڻن سوالن جا جواب آهن. توهان به اهو ڪتاب ضرور پڙهي ڏسجو. ❶ ڪولن ولسن جو ڪتاب موڪلڻ تي ذاتي طور ٿورائتو آهيان. مصنف جي ائپروچ وڻندڙ آهي.

مان ٽنڊو آدم ۾ اوهان کي اهو نه ٻڌائي سگهيو هيس ته اڄڪلهه آئون جيڪو سوچيان ٿو اهو ٿي پوي ٿو. اوهان بابت سوچيم ئي پئي ته اوهان جو خط مليو. ان کان اڳ هڪ همراهه مونکان پي کي جي مشق گهري. مان اوهان کي ڪوائنسيڊنس بابت چوڻ وارو ئي هيس ... اوهان جيڪو ڪتاب موڪليو ان ۾ پي کي واري ٽيسٽ به هئي ته ڪوائنسيڊنس به سمجهايل هو. ڪيڏو نه عجيب ڪوائنسيڊنس آهي.

مون اوهان جو ڪتاب، ’سنڌي ڪهاڻي جي اوسر‘ پنج پيرا ۽ ’ويچار‘ تي پيرا پڙهيو آهي. توهان جا جديد ڪهاڻي ۽ ساهت بابت خيال پڙهي خوش ٿيس. مونکي خوشي آهي ته اوهان جديد ڪهاڻي توڙي تنقيد لاءِ راهه هموار ڪري رهيا آهيو. پنهنجا خيال 80 سيڪڙو ملن ٿا. توهان سٺو لکو ٿا. مان جلد تبصرو لکي ولي رام ولڀ ڏانهن موڪليندس.

مدد علي سنڌي لاءِ فيالحال ڪالم نه لکي سگهندس، پر پشاور کان موٽندي ضرور لکندس، موضوع سوچي ڇڏيو اٿم، ’عجيب اسرار دنيا.‘ جنهن ۾ پراسرار علم، روحانيت، مصر جا اهرام، پي ڪي، ٻڌل ڪنڊ، برمودا ٽرينگل بابت دلچسپ معلومات ۽ سوال هوندا.

ولي رام ولڀ ۽ مدد علي سنڌي کي به خط لکيا اٿم. اوهان جو تنقيدي مضمونن وارو ڪتاب اچي ته ضرور موڪلجو.

مان پڻ هنن موضوعن تي لکڻ جو سوچيان ٿو.

- ڪهاڻي جي ڪهاڻي
- ڪهاڻي جو فن ۽ هنر
- ڪهاڻي جي ٽيڪنيڪ جا قسم

يار زنده صحبت سلامت

**ڊاڪٽر عاشق حسين**
*(ڏهين اپريل 1983ع)*

ڊيئر ممتاز مهر،

اوهانجو خط هميشه منهنجي لاءِ خوشي جو سبب بڻبو آهي.

اڄڪلهه مان مطالعو ڪري رهيو آهيان ته زندگي ڪيئن گذارجي؟ اوهانجي چوڻ تي مون پنهنجي ذاتي لائبريري جي ڪجهه ’چانٺي‘ (چاندي) ڪئي آهي. سو سوا ڪتاب ٽنڊو آدم جي پبلڪ لائبريري کي عطيو ڪيا اٿم ۽ ريڊر ڊائجسٽ جي ڪجهه اهم شمارن ڪانسواءِ سمورا شمارا پنهنجي دوست نفيس پان هائوس واري کي ڏنا آهن.

ٻيو ته ’امراض جلديه‘ (چمڙي جي بيمارين) ۾ اسپيشلائزيشن ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو ان ڏس ۾ برطانيه، ويانا، ملائشيا ۽ سينگاپور جي ڪجهه يونيورسٽين سان لک پڙه ۾ رڌل آهيان.

اڄڪلهه ساوڻ آهي پر آڙيون اجابر آسري آهن. زمين جي اڃ اڃا ڪانه اجهاڻي آهي.من ته سدائين ڪان ڪاميو پيو آهي.ڏسون ڪڏهن ٿا جهالارا جهم جهم ڪن. اردو جي هڪ ناول جو سين پيو ياد اچي،

”وڻ جي ٽار ۾ پينگهه وجهي پيون ڇوڪريون لڏن،ساون آيا ري سکي_!انب جي وڻن مان ڪويل جو آواز پيو اچي، نينگرين جا سريلا ٽهڪڙا پيا ٻڌجن.“

پر منهنجو ذاتي نظريو اهو آهي ته: جنهن مهل مينهن ٺهه ٺهه ڪري وسي ته اڱڻ ۾ گوڏ ٻڏي برسات ۾ وهنجندي بالٽي مان ٽڏا ٽڏا ۽ مٺا مٺا انب کڻي چوسجن. ڇا اها مزي واري ڳالهه ناهي؟ ڪويل جي آواز تي مونکي پنهنجو هڪ بلينڪ ورس پيو ياد اچي(توڙي جو آئون شاعر ناهيان). هيءُ بلينڪ ورس مون سنسڪرت جي شاعر ’امارو‘ سان منسوب ڪيو هو.

<u>ڪويل</u>

’عورت پڇيو هيءُ ڪهڙي پکي جو آواز آهي؟
مرد چيو ڪويل جو
ڪويل ڇا ٿيندي آهي؟
مرد هن کي ڪويل ڏيکارڻ لاءِ وڻن جي پوپيان وٺي ويو.
ڪراچي آيس ته رهڻ جي زحمت ڏيندس.‘
ٻيو سڀ خير.

**عاشق حسين**
*(18 جولاءِ 1985ع)*

”ڊيئر ممتاز مهر،

ڪراچي ۾ ڏنل محبتن ۽ مزماني لاءِ مشڪور آهيان. ادبي ذوق سان گڏ وري جيڪا تصوف ۽ اووڪلٽ جي قدر مشترڪ آهي تنهن اوهان سان سٻنڌ کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي.

ڪجهه ڏينهن اڳ ڪراچي آيو هيس پر ڪنهن ٻي دوست وٽ رهي پيس.

ڪراچي ۾ قيام جو فائدو وٺندي مان جمالستان ۽ ڪلفٽن ۾ لڳل ڪتابي نمائش به ڏسڻ ويس ۽ ٻه ڪتاب ورتم.

دي ٿيوري آف پريڪٽس آف ائسٽرل پروجيڪشن ۽ ٿائٽر (صوفي سيريز).

...

86 وارو سال ته بيڪار گذريو 87 محنت ۽ جدوجهد جو سال شال اهو سيني دوستن جي لاءِ سٺو ثابت ٿئي.

يار زنده صحبت سلامت.

**عاشق حسين**
*(25 ڊسمبر 1986ع)*

”ڊيئر ممتاز مهر صاحب،

.... هيءُ خط لکي لفافي ۾ وجهي اوهانجي پتي جي ڳولها ڪري رهيو هيس ته ٽپاليءَ اوهانجو خط آڻي ڏنو، هاڻي ته اوهانکي منهنجي ٽيلي پيٿي تي يقين اچڻ گهرجي. مان جنهن کي به ياد ڪندو آهيان اهو يا ملندو، خط لکندو يا فون ڪندو آهي.

جيڪو به گڏيل پروگرام ٺاهيندا مان حاضر آهيان... ڪجهه ڪتابن جا ترجما ڪري رهيو آهيان.

رچرڊ باخ جو جوناٿن لوونگ اسٽون سيگل، آسڪر وائلڊ جو ڊرامو ’سيلومر‘، آندري زائڊ جو، ’ٿيسز‘، هڪ ٻيو ڪتاب آهي ’لَوس آف جرمن‘ ۽ پنهنجا ڪجهه سفرناما پڻ ترتيب ڏئي رهيو آهيان.

- طرابلس جا ڏينهن راتيون
- مالٽا جا مزا
- قاهره جي الف ليليٰ

ترجمي واري ڪم کان آجو ٿي طب جي ڊڪشنري لکڻ جو ارادو ڪري رهيو آهيان جنهن لاءِ ڊاڪٽر مرتضيٰ ڏاريجي سان پڻ رابطو آهي. ۽ تصوف جي اصطلاحن کي پڻ سنڌي ۾ لاهڻ جو سوچي رهيو آهيان.

**عاشق حسين**

❶ (اهو ڪتاب ڊاڪٽر بدوي صاحب ترجمو ڪيو هو جيڪو ’ڪينارو‘ جي نالي سان سوجهرو ۾ قسطوار ڇپيو.)




4

مان سمجهان ٿو ته سپني غازين ائين سوچيو هو، جهڙيءَ ريت مون کي توقع هئي ته اسان کي سگهارين ٽولين ۾ روهائي پوليس ٿاڻن ۽ خزاني جي آفيسن تي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويندو ۽ ساري ملڪ ۾ ٻڙ ڏڪ مچي ويندو. حڪومت وائڙي ٿي ويندي ۽ کيس پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيندو ۽ مرشد سائين کي آزاد ڪري ڇڏيندا. مان ڪجھ نه ڪرڻ جي جنڊ ۾ پيسجي رهيو هوس ۽ ٻين سان گڏ ٿاڻي ۾ هفتيوار حاضري ڏيندو هوس. جهڙا تهڙا پوليس وارا اسان کان آڏا ترڇا سوال ڪندا هئا، جن جا جواب ڏاڍيءَ نماڻائيءَ سان ڏيندا هئاسون. اڪثر اهڙا هوندا هئا، جن جو اک چنبي ۾ جڻ ٻچو رلائي پئي سگهياسون.

مان مکيءَ جو منهن ڪري، ڪڏهن وچايل ڏڳن کي ڳولڻ جو بهانو ڏئي، فقيرن سان ملڻ لاءِ ڏهاڙي مکيءَ ويندو هوس ته مٿان حڪم آيو آهي يا نه. مون کي اهو سبق سيکاريو ويو هو ته آسمان ٽٽي پوي، پر ننڊي کان ننڊو راز به ڪنهن کي ٻڌائڻو نه آهي. هڪ ڏينهن نهايت آرام سان جهنگ مان وچي رهيو هوس ته اوچتو مٿان اچي ڪمبل پيو ۽ ٽي چار ڄڻا منهنجي مٿان چڙهي ويا. هڪ ماڻهو رعبدار آواز ۾ چيو، 'دولت، واهه جو ڪم ڪيو اٿيئي. مون کي ته اها ڪل ئي ڪانه هئي ته هيءُ به پيرا ساڱئي رستي سان ايندو." دولت جو نالو ٻڌي منهنجي دل ٻيهڻ لڳي. چاڪاڻ ته انهيءَ نالي وارو ماڻهو سانگهڙ پوليس جو پيرادو هو. تنهن کان پوءِ ٻيو ماڻهو چوڻ لڳو، 'مان سندس هڪ ٻن ڏينهن جا پراڻا پيرا ڏٺا آهن، صوبيدار صاحب، جيڪي هنن پيرن کان سواءِ آهن ۽ اوٺ موٺ جا آهن."

"تون اها جاءِ ڏيکاري سگهندين جتي هي ماڻهو پاڻ ۾ ملندا رهندا آهن."

"هائو، مان ٽيون ڏينهن هن جا پيرا ڪٽي ان جاءِ تي پهتو هوس، پر هو ان وقت نڪري هليا ويا هئا. اتي سندن ڪيترا نشان هئا. اتي ويٺا هئا ۽ ٻيڙيون به ڇڪيون هئائون. ڪيس ڪيئن ڪري به ان جاءِ تي پهچڻو هو تنهن ڪري سندس اچڻ جي توقع هئي."

مان سندن ڳالهيون ٻڌي پگهرجي ويو هوس. بعد ۾ هڪ ماڻهوءَ ڳالهه کي جاري رکندي چيو، 'هي نيا ڳاحر ته چوند آهن ته اسان نهايت خبرداريءَ سان پهريداريءَ جو ڪم ڪندا آهيون. بهتر اهو ٿيندو ته ڪانئس ڳجهو علامتي لفظ (Pass word) پڇون. انهيءَ سان اسان ڪيترن ئي حرن کي جهلڻ ۾ سوڀارا ٿي ويندا سون. ان لاءِ اهو مناسب نه آهي ته پنهنجي اٽالي کي هن گهاٽي جهنگل ۾ ورهايون ۽ مٿن ڪڙو چاڙهيون. ' تنهن تي هڪ ماڻهوءَ هندستاني ٻوليءَ ۾ چيو، 'صوبيدار صاحب، پڇوس ته هو ڇا ٿو چوي؟' پوءِ مون کي چوڻ لڳو، 'پٽ، اسان توکي وڏو انعام ڏينداسون. ' مان ماٺ رهيس ڪين ڪا به ورندي ڪانه ڏنم. هڪ زبردست لت لڳي. ڪمبل ۾ منهنجو ساهه ٻوساٽجي رهيو هو.

"حرامي، صوبيدار کي ورندي ڏي نه ته ٻج ٻج ڪري تنهنجي ڏاڙهي پٽر ڪري ڇڏينداسون."

"جمعدار محمد علي ٿورو ترس، اڙي تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"سائين رکيو." مون وراڻيو.

"اسان توتي ڪافي وقت کان وٺي نظر رکندا پيا اچون. ان جو توکي ڪو پتو نه آهي؟ هن جهنگ ۾ پوليس جو وڏو تعداد آهي. اسان پنهنجو وقت وڃائڻ نه ٿا چاهيون. جيڪڏهن تون پنهنجي هوڏ تان هيٺ نه لٿين ته توکي جهنم جو مزو چکائي ڇڏينداسون. جنهن کي تون ساري عمر ياد ڪندو رهندين. جيڪڏهن تون اسان جو چوڻ وٺندين ته تنهنجو ڏوئي ڍڪڻ گيهه ٿي ويندو ۽ سرڪار توکي ججها پئسا ۽ انعام ڏيندي. هاڻي ٻڌاءِ ڇا ٿو چوين؟"

مون ڪين ڪو جواب نه ڏنو.

"پنج سؤ رپيا."

"ته به مان ماٺ."

پوءِ ته مون کي وٺي ڪٽڻ شروع ڪيائون.

"پنج سؤ ڇا، اوهان جيڪڏهن پنج لک به ڏيندؤ ته به آئون ائين نه ڪندس." مون وڏو ساهه کڻندي چيو.

"ڪنهن سپاهيءَ وٽ ڳاڙها مرچ آهن؟"

"ها، سائين، مون وٽ آهن." هڪ ماڻهوءَ جواب ۾ چيو.

"اهي مون کي ڏي گلزار، اڄ تون ڦڪو ٻوڙ کائجانءِ. مان ڏسان ته هي همراهه پاڻ لاءِ ڇا ٿو پسند ڪري؟ سائين رکيا. هي آخري موقعو اٿئي. ٻڌاءِ ڇا ٿو چوين؟"

"نه." مون ڪين وراڻيو، 'سندس ڪمبل لاهيو، پر ڪيس سو گهو جهلي ٻيهو جو چُري نه سگهي. '

منهنجي ڪنڌ مان هٿ ڪڍيائين ته اتي ويهي رهيس ۽ چٻري جيان اکيون ڇنيڻ لڳس ۽ وات ڦاڙي ائين ساهه کڻڻ لڳس. جيئن خشڪيءَ تي مڇي ساهه کڻندي آهي. منهنجي نظر هڪ خطرناڪ اکين واري قدآور ماڻهوءَ تي پئي، جنهن کي خاڪي ڪپڙا پاتل هئا ۽ ڪيس ڳچيءَ ۾ ڪارتوسن جو پٽو پيو هو، جيڪو هيٺ وچايل ڪپڙي تي پلٽي هنيو ويٺو هو. سندس منهن مهاندو ڏٺل هو. ڪيس اڳي ڪٿي ڏٺو هيم. ڪنڌ ورائي ٻين ماڻهن ڏانهن نهاريم. ڏٺم ته منهنجو پيءُ به موجود هو، جيڪو مون کي هڪ پاسي کان جهليو ويٺو هو. ٻئي پاسي کان نورو وساڻ هو. سمجهيم ته هاڻي چريو ٿي رهيو آهيان. ان کان پوءِ منهنجي آڏو ويٺل ماڻهوءَ کلڻ شروع ڪيو. مون ڪيس سڃاتو جيڪو منو خاصخيلي هو. هو روپوش هو ۽ ساڻس واقفيت گهٽ هئي. ٻه ٽي ماڻهو ٻيا به نڪري آيا. جنهن مان هڪ منوءَ جو ياءُ هو. ڪين ٿورو گهڻو سڃاڻندو هوس. وڏيڪ وائڙو ان ڪري هيس جو انهن جوان حرن ۾ الهچايو به موجود هو. جنهن جي دوستي لاءِ آئون سڪندو هوس. هو هڪ وڻ جي ٿڙ سان ٽيڪ ڏيو ويٺو هو. سندس هٿ هيٺان ڏگهي ڳن سان ڪهاڙي چمڪي رهي هئي. هو مون ڏانهن ڏسي مرڪي رهيو هو، جڻ مون کان ٻڇان ڪندو هجي. ان کان پوءِ هو اتان اٿي جهنگل وارو پير چارو ڏئي ڪيڏانهن هليو ويو. بابو ۽ نورو وساڻ منهنجون ٻانهون ڇڏي اتي ٻيهي رهيا. هنن مون ڏانهن ڪاوڙ مان ڏٺو. مون کي خوشي به ٿي رهي هئي ۽ ڦڪائي به محسوس ٿي رهي

هئي. مان زمين تي ڪنڌ رکي روئڻ لڳس. جڏهن مان ڪجهه تازو ٿيس ته ڏٺم ته بابي ۽ نوري وساڻ کان سواءِ ٻيا سڀ ماڻهو هليا ويا هئا.

هنن جيڪي ڪجهه مون کي چيو هو سو به سانگي سان ٻڌي ڇڏ. سندن خيال هو ته مون پنهنجي لاپرواهي ڪري سيني فقيرن جي زندگي خطري ۾ وجهي ڇڏي هئي. هنن منهنجي پيءُ کي ساڻ ڪري مون کي سبق پئي سيکاريو. نوري اهو به ٻڌايو ته وٽن منهنجي بي انتها عزت آهي ڇاڪاڻ ته مان حر جماعت جي خدمت ڪرڻ جو وعدو ڪيو هو نه ته هو منهنجي اهڙي غفلت ڪري مون کي جهنگ ۾ ئي ماري ڦٽو ڪن ها.

بابي به ساڳي ڳالهه ڪئي ته انهيءَ پرک ۾ جيڪڏهن تنهنجو پير ٿورو به ترڪي وڃي ها ته توکي ماري ڇڏين ها. تون پاڻ کي جيڪڏهن دلير سمجهي رهيو آهين ته توکي اهو به سمجهڻ گهرجي ته پير سائينءَ جا هزارين مريد تو جيان بهادر آهن. تون بهادريءَ جي هن ننڍڙي امتحان ۾ ڪامياب ٿي ويو آهين، پر تون اهو به سمجهي ڇڏ ته توکي حقيقي ڏکن ڏاکڙن مان پاڻ گذرڻو آهي. جيڪڏهن تون ڪنهن ڪارروائيءَ ۾ پاڻ کي اهل ثابت ڪيو ته تنهنجيون سڀ ڪچايون ڦِڪايون وسري وينديون. منهنجي سوالن جي جواب ۾ مون کي بابا ٻڌايو ته گوريلا جنگ محبت جي اتر کان موٽي اچڻ کانپوءِ شروع ٿيندي، جيڪو اتر سنڌ جي غازين جي اڳواڻن کي ٻڌائڻ ويو آهي، ته مون جهڙن عام قسم جي غازين کي ساڳئي وقت ميدان تي نه آڻن، جيڪي ٿاڻن تي هفتيوار حاضري ڀريندا آهن. انهيءَ ڪري سرڪار خبردار ٿي ويندي. انهيءَ ۾ اسان جو فائدو آهي، ڇاڪاڻ ته حڪومت سمجهندي ته حر جماعت جو وڏو حصو اڳئين جيان آرام سان ويٺو هوندو. ان هوندي به مون کي نه وساريو ويندو ۽ جن ماڻهن کي ڪارروائي لاءِ ڀرپائين سڏ ٿيندو انهن ۾ منهنجو نالو به هوندو.

هن ٻڌايو ته هاڻي اسان صحيح فيصلو ڪري ورتو آهي. پنهنجي ٽوليءَ جو مک نورو وساڻ آهي، پر اهو وريام فقير جو نائب آهي. گهڻو ڪري مان به ان سان گڏ آهيان. منو خاصخيلي جنهن کي تو هاڻي ڏٺو، تنهن کي پڻ هڪ ٽوليءَ جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو آهي. منهنجي خيال مطابق اها بهادر ويڙهاڪن جي ٽولي آهي.

مون چيو ته ڀريان ته مان نوري وساڻ هيٺ رهڻ نٿي چاهيو. ڇاڪاڻ ته هو مون کي بيڪار سڏي ٽوليءَ جي غازين کي خوش ڪري ها. ان کانسواءِ الهيچائي جي منهن مان به منهنجي لاءِ ٻچان بکي رهي هئي، پر منهنجي خواهش هئي ته جيڪر آئون سندس ٽوليءَ ۾ ڪم ڪريان. سمجهان ٿو ته هو مون کي ان وقت تائين پنهنجي ٽوليءَ ۾ داخل نه ڪندو، جيستائين آئون ڪو بهادريءَ جو ڪم نه ڪريان. مان امام بخش جي ٽوليءَ ۾ رهڻ ٿو چاهيان. مان سندس ٽوليءَ جي هر ماڻهوءَ کان بهتر ڪم ڪري سگهان ٿو. بابي اعتراض ڪيو ته اهي يوسف سنجراڻي جي سنگت جا ماڻهو آهن جنهن کي عام طور تي چريو فقير ڪري سڏيو ويندو آهي. هنن جو اسان سان پراڻو وير آهي. تنهن ڪري تون اهڙيءَ ٽوليءَ ۾ ڪم ڪر جنهن وٽ حر جماعت جي عزت احترام آهي. هن ائين به چيو ته اهو وڏيڪ ضروري به آهي، ڇاڪاڻ ته ان سنگت جو اصل مک اسان جو سؤٽ سچل آهي، جيڪو پيرو وزير جو ويجهو مائٽ آهي، پر هو پير سائينءَ کان خوش نه آهي. تنهن ڪري هن ويڙهاند ۾ گهٽ دلچسپي وٺي رهيو هو.



هن تصوير ۾ ڪرسي تي ويٺل سائين سورهيه بادشاهه جن آهن، ۽ پويان بيٺل خاص ۽ پيارو مريد مستري علي بخش نظاماڻي بيٺل آهي. سائين سورهيه بادشاهه جن جي حڪم مطابق مستري علي بخش نظاماڻي کي درگاهه شريف ۾ دفن ڪيو ويو.

نيٺ اهو فيصلو ٿيو ته مان پنهنجي مائٽن جي ٽوليءَ سان گڏجي ڪم ڪريان، جيڪي سگهاوندي ڪري اسان وانگي وساڻ سان گڏيل آهن ۽ اسانجا پراڻي ڳوٺ ۾ پاڙيسري هوندا هئا. اهڙي ريت اسان سان ڪولين جي قطار ۾ حسن وساڻ آهي، جيڪو پڻ اسان جو ويجهو مائٽ آهي. ڀرپائين هيءُ وريام فقير جي ٽوليءَ جو ماڻهو هو ۽ سندس پروسي جو ڳو ماڻهو هو. منهنجي پيءُ جي چوڻ مطابق عيسو خاصخيلي به ان سان گڏ آهي. هي ماڻهوڙي وارن ڏينهن کان منهنجو دوست هو. مون ڪيس ڪنهن به ڪارروائيءَ ۾ نه ڏٺو هو.

فيصلو اهو ٿيو ته مان ٽن ڏينهن کان پوءِ وريام فقير سان وڃي ملان جيڪو مکيءَ اندر ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي موجود هو. اهو سمجهيو پئي ويو ته ان وقت تائين محبت فقير به اتر کان موٽي ايندو. حر جماعت جا سيئي مک اچي ساڻس اتي ملندا. آئون گهر موٽيس ته دل ۾ ڏاڍو خوش هوس.

توکي خبر هجڻ گهرجي ته جڏهن آئون ٽن ڏينهن کانپوءِ مقرر جاءِ تي مکيءَ پهتو هوس ته مان ڏاڍو خبرداريءَ سان ويو هوس. جهنگل جي ان حصي جي چوڌاري چڪر ڏنو هيم ۽ چوريءَ کسڪي اتر کان اچي ڀپري پٽ تي پهتو هوس.

مان اميد ڪري فقير جي ڳجهيءَ جاءِ وٽ پهتو هوس. ڪيس اڳي ڪڏهن به نه ڏٺو هيم. پر منهنجي اها آس پوري ٿي ڪا نه سگهي هئي. ڀپري پٽ تي ڪو وڻ ٻوٽو نه آهي ۽ پٽ گهٽيءَ ايراضيءَ ۾ پکڙيل ڏسبي. پر واري جهنگل کان اتاهين آهي، جيڪو هن پٽ جي اوپر طرف ناري واري پاسي آهي. ڀرين ته ڪو به ماڻهو ڏسڻ ۾ نه آيو، جڏهن مان پٽ تي ڏهه قدم مٿي چڙهيس ته ڪنهن مون کي للڪاريو. مون ڪين غازين وارا خاص علامتي لفظ چيا ته هن مون کي اڳتي وڌڻ جي موڪل ڏني. پٽ جيو ڪڙ ۾ لوڙهي جو هڪ وانگاڙو، هڪ مَنهن ۽ هڪ کوهه آهي، ڪجهه زمانو اڳ هڪ درويش اچي اتي رهيو هو. هتي پهچڻ وقت به مون کي للڪاريو ويو هو، مون ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايو ۽ اندر هليو ويس.

جڏهن اهو منظر مون کي ياد ايندو آهي ته منهنجي دل ڏاڍي خوش ٿيندي آهي. هاڻي مون کي ته ڄڻ ائين معلوم ٿي رهيو آهي. ڄڻ اتي انهن فقيرن جي ڪا گڏجاڻي ٿئي ڪا نه ٿي هئي، جيڪي پوءِ لازوال شهرت جا مالڪ ٿي ويا. پر ان گڏجاڻيءَ ۾ اترادي حرن مان ڪو به ماڻهو ڪو نه هو. تر مان به ڪي ٿورا ٽڪا ماڻهو اچي شامل ٿيا هئا. مون کي سندن نالا ڪٿڻ نه گهرجن، جيڪي هاڻي شهادتون ماڻي چڪا آهن. اسان جي شاعرن هنن کي گهڻو ڳايو آهي. آئون توکي فقط اها ڳالهه ٻڌائيندس ته ان گڏجاڻيءَ ۾ ڇا ٿيو هو. مان ته سيني کان دير سان آيو هوس. ان جو ڪارڻ اهو هو ته مان ور وڪڙ ڪري پهتو هوس. اچڻ وقت نهايت خبرداريءَ کان ڪم ورتو هيم ۽ هر اهم جاءِ تي ويهندو هيڏي هوڏي ڏسندو، ٽڪيندو تاڙيندو اڳتي وڌندو ٿي رهيس. گڏجاڻيءَ واريءَ جاءِ تي پهتس ته غازين جي پوئينءَ قطار ۾ هڪ دوست ميرڻ مريءَ جي پرسان وڃي ويٺس، جيڪو هيٺ ويٺل هو، جنهن سان گڏجي مان ڍڳا چوري ڪندو هوس.

هن مون کي ٻڌايو ته، سيئي مُکَ اڄان به اندر پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري رهيا آهن. ٿوري ٿوري وقت کانپوءِ ڪجهه ماڻهو لوڙهي جي وانگاريءَ اندر داخل ٿيندا ٿي رهيا ۽ اسان سان گڏ ويهندا پئي ويا. هتي هرڪو سرٻاٽن ۾ ڳالهائي رهيو هو. ڇاڪاڻ ته سيني کي خبر هئي ته اهو ڳنڀير موقعو هو. ٿوري عرصي کانپوءِ ڪجهه ماڻهو مَنهن کان ٻاهر نڪتا. ٻن ٽن ڪٿن تي چادرون وڇائي، انهن کي ڪجهه اڳيرو ڇڪيو ويو. ان کان پوءِ مُک ٻاهر آيا. وريام فقير جهونڙو هو، جنهن جي سُنهاري به سفيد هئي. ان کانپوءِ گل خان نظاماڻي اسان جو رئيس هو. جنهن پير سائينءَ سردار خاطر پنهنجيون سانگهڙ جون پليون زمينون ڇڏي ڏنيون، پنهنجي سک واري زندگي کي خيرباد چئي، اچي جهنگ ۾ رهڻ لڳو هو. ان کانسواءِ محبت فقير، بابو، نورو وساڻ ۽ هڪ به ٻيا ماڻهو به موجود هئا. گهڻن ايلازن منٿن کانپوءِ وريام فقير اچي گڏجاڻيءَ واري اهم جاءِ سنڀالي. هن محبت فقير جي ڪن ۾ ڪجهه سرٻاٽ ڪيا ۽ پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪيائين،

”اوهان سڀ مون کي سڃاڻندا هوندا ته، مان ٻچو بادشاهه ﷫ جو پٽ آهيان (منهنجي پرسان ويٺل ڪنهن ماڻهو هوريان چيو، ’تون ته پنهنجي پيءُ جي ته اڌ ۾ به نه آهين.‘) منهنجي محبوب مرشد سڏ ڪيو ته آئون هليو آيس. مان سندس مهربانيءَ سان غازين جي فوج جو مهندار آهيان (۽ ان سامهون رکيل جُتين کي سڏي ڪرڻ جو حڪم ڪيو آهي، منهنجي پرسان ويٺل ساڳي ماڻهو هوريان چيو) وريام فقير وڌيڪ چيو ته اسان کي پير سائينءَ جي آزاديءَ لاءِ وڙهڻ گهرجي. مون کي دل واري ڳالهه لفظن ۾ چوڻ ڪا نه ٿي اچي. پر ايترو ضرور چوندس ته جڏهن مان اوهان کي ڏک هٽندس ته نيٺ ڪڏهن ته اوهان مون کي ان جو جواب ڏيندؤ. (نه اسان ائين بلڪل ڪو نه ڪنداسون. ساڳئي ماڻهوءَ سرٻاٽن ۾ چيو.)

*(هلندڙ)*

# اسٽيل جا پنج گلاس...



اهي اسٽيل جا پنج گلاس منهنجي پيدائش کان پهريون موجود هيا. مان تڏهن ٻائس جڏهن ايوب اقتدار سنڀاليو. سنڌ کي بريڪيٽس ۾ لکيو ويندو هيو ۽ سنڌ کي بريڪيٽس ۾ ڏسي محسوس ٿيندو هيو ڄڻ اڃان ماءُ جي پيٽ ۾ آهيان. بابا ٻڌائيندو هيو، ’جڏهن تون ڄائين ٻاهر پاڪستان زنده باد جا نعرا لڳي رهيا هيا.‘ شايد اهوئي سبب آهي جو مان سست، بدنصيب ۽ ڏتڙيل ثابت ٿيو آهيان.

ننڍي هوندي ڪلاس ۾ پوئين بينچ تي ويهندو هيس ۽ ماستر جنهن جي رول جو نالو، ’مولا بخش‘ هيو. ان ماري منهنجا ٻئي هٿ سڄائي ڇڏيا هيا. مون کان منهنجو دوست دلدار جيڪو ڪڏهن اسڪول نہ ويو. اڪثر پڇندو هيو، ’جڏهن تون ايڏو ڪمزور آهين تہ تنهنجا هٿ صحتمند ڇو آهن؟‘ مان هٿن ڏي ڏسي ڏک مان چوندو هيس، ’بس جنهن کي مولا بخشي.‘

اهي اسٽيل جا پنج گلاس ڪڏهن ڏاڏو شڪارپور جي بازار مان خريد ڪري آيو هيو. ائين چمڪندار هيا ڄڻ چاندي. ڏاڏيءَ انهن جي وڏي سنڀار ڪئي ڇو جو اسٽيل جا ٿانءَ عام نہ هيا. بازار جست، ٽامي ۽ پتل جي ٿانون سان ڀريل هوندي هئي. ماڻهو اڪثر اهي خريد ڪندا هيا ۽ انهن تي پنهنجن پيارن جا نانءُ لکرائيندا هيا. هر دوڪان تي هڪ اهڙو شخص هوندو هيو جيڪو پيرن وچ ۾ ٿانءُ ڦاسائي، سوئو رکي هٿوڙيءَ سان ڌڪ هڻي پيو نانءُ لکندو هيو. پر انهن پنجن اسٽيل جي گلاسن تي ڪو نانءُ لکيل نہ هيو. پڪ سان ڏاڏي ان وقت نانءُ لکندڙ شخص کي چيو هوندو، ’هنن پنجن گلاسن تي منهنجن پنجن پٽن جا نالا لک.‘

ان شخص وراڻيو هوندو، ’سائين نالا جست، ٽامي ۽ پتل جي ٿانوَن تي لکي سگهبا آهن. مان هنن پنجن اسٽيل جي گلاسن تي نالو نہ ٿو لکي سگهان، ڇو جو اسٽيل پاڪستان جيان مضبوط آهي. انهن پنجن گلاسن تي چِگهہ ڪرڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي.‘

ڏاڏا ضرور مايوس ٿي گوٺ موٽيو هوندو. ۽ ان محسوس ڪيو هوندو ڄڻ ٻارن جي پيدائش ڪانپوءِ انهن جي ڇَٽي نہ ٿي آهي. اهي بي نانءُ هجن ۽ ڪمري ۾ لڳل تختن تي چڙهي پير لڙڪائي ويٺل هجن. ساڳي تختي تي انهن پر سان سڪٽي ڪني رکيل هوندي هئي.

جڏهن ڏاڏي وفات ڪئي تہ اڃان شيشي جا گلاس مارڪيٽ ۾ عام نہ هيا. فرانس ۽ انگلينڊ جا ٺهيل شيشي جا گلاس ملندا هيا، جيڪي تمام مهانگا هيا ۽ عام ماڻهوءَ جي پهچ کان پري هيا. اهي خانبهادرن ۽ راءِ بهادرن ۽ اهڙن بهادرن جي بنگلن اندر اوڪ جي خوبصورت ڪارين ٽيبلن تي رکيل هوندا هيا. جن بهادرن عزت، غيرت ۽ وطن دوستيءَ کي مات ڏني



ڊاڪٽر رسول ميمڻ

هجي. اهو انهن شيشي جي گلاسن جوئي ڪم هيو جن شراب اوتي انگريزن جي اڃ اجهائي. انهن تي پيشاب جي آڱرين جا نشان هيا. ۽ اهڙن ڇپن جا نشان جن ملڪ جو خون چوسيو.

تن ڏينهن جست جا گلاس انڪري سُٺا هيا جو ڏنگا ڦڏا ۽ ميرا تہ ٿيندا هيا. پر انهن تي ڪٽ بہ نہ چڙهندي هئي. پتل ۽ ٽامي جا گلاس جيڪي اوائلي دور کان استعمال پئي ٿيندا آيا، ماڻهو انڪري پسند نہ ڪندا هيا جو انهن تي ساول چڙهي ويندي هئي ۽ پاڻي پيئڻ سان ڪجهہ اهڙي بوءِ ايندي هئي جيئن مَٽَ ۾ ڪو جيت مري ويو هجي.

هندستان کان آيل ماڻهن کي اهڙا پتل ۽ ٽامي جا ٿانوَ صفا نہ وڻيا ڇو جو انهن تي چڙهيل ساول جو رنگ اسان جي پياري ملڪ جي جهنڊي جهڙو هيو. جنهن جهنڊي کي سينيمائن ۾ فلم ختم ٿيڻ ڪانپوءِ اهو چئي ڏيکاريو ويندو هيو، ’هاڻي توهان کي درخواست ٿي ڪجي تہ قومي جهنڊي جي احترام ۾ اٿي بيهندا.‘

ڪجهہ ماڻهو بيهندا هيا ۽ ڪجهہ اوٻاسيون ڏيندا سينيما جو در کولي ٻاهر نڪري ويندا هيا. ڪڏهن وري سينيما ۾ خالي ڪرسين اڳيان پردي تي جهنڊو پيو لهرائيندو هيو. پوءِ حڪومت قومي جهنڊي جي اهڙي توهين تي غور ڪيو ۽ فيصلو ڪيو، ’جهنڊو فلم جي آخر ۾ نہ. پر شروع ۾ ڏيکارڻ گهرجي. جيئن ماڻهن لاءِ اهو ضروري ٿي پوي تہ جهنڊي کي پردي تي لهرائيندي ڏسن ۽ اٿي قومي ترانو ٻُڌن.‘ ان صلاح تي عمل ڪيو ويو. ۽ سينيمائن ۾ جهنڊو فلم شروع ٿيڻ کان اڳ ڏيکارجڻ لڳو. جهنڊي ڏيکارڻ کان اڳ ماڻهن کي اهو چيو ويو، ’هاڻي توهان قومي ترانو ٻڌو. توهان تي لازم آهي تہ ان جي احترام ۾ خاموش ۽ باادب بيهي رهو.‘

اهڙي ترميم ڪانپوءِ بہ ماڻهو جيڪي شيرين ۽ فردوس اداڪارائن جو گوڏ ٻڌي رقص ڪرڻ ۽ وڏا ٽپا ڏيڻ جي آس ڪٽي سينيمائن ۾ داخل ٿيندا هيا. قومي تراني ڏسڻ وقت اڌ بيٺل ۽ اڌ ويٺل هوندا هيا. جيڪي بيٺل هوندا هيا، اهي قومي تراني ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ويهي رهنا هيا. انهن جو جوش ۽ ولولو تڏهن جاڳندو هيو جڏهن اداڪارائون ٽِپا ڏينديون هيون تہ ڪين ٻڌل گوڏ ٿلهن سٿرن کان مٿي اڏامي ويندي هئي.

ڏاڏي وٽ اهڙا پتل جا گلاس بہ هيا جن تي ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ڇڏي ويل هندن جا نالا لکيل هيا. اهي هندو ان آسري گهر بند ڪري لڏي ويا هيا تہ ٻن چئن مهينن ۾ حالتون ٺيڪ ٿي وينديون ۽ اهي موٽي اچي پنهنجن گهرن ۾ رهندا. اهي ڪجهہ قيمتي شيون پاڻ سان گڏ کڻي ويا. ۽ ٻيو فالتو سامان جنهن ۾ ڪٽون، بستر، ٿانوَ، وڏيون پيٽيون، ٻهارا، پوچيون ۽ ڀڳوان جون مورتيون ڇڏي تالا هڻي هليا ويا. مڪاني ماڻهو لياقت علي خان جي قانون موجب انهن جي گهرن ۽ دوڪانن تي قبضو نہ ڪري سگهيا. پر ڪجهہ اوباش ۽ چور قسم جا ماڻهو اهي تالا ڀڃي سڄو سامان ڪڍي ويا. شايد اها ڀڳوان جي مورتيءَ جي طاقت هئي جنهن ڪي ڪنهن چور چوري نہ ڪيو. پر جڏهن اهي گهر مهاجرن حوالي ڪيا ويا تہ انهن سڀ کان پهريون انتقام ڀڳوان جي مورتيءَ کان ورتو. انهن اهي ڀڃي گهر کان ٻاهر اڇلايون. انهن ثابت ڪيو تہ صرف ماڻهو مسلمان نہ هوندا آهن. پر روڊ، رستا، عمارتون، باغ، اسپتالون، اسڪول، يتيمخانا ۽ پاڻيءَ جون سبيلون بہ اسلام قبول ڪنديون آهن. ۽ پنهنجا نالا بدلائي مسلمان ٿينديون آهن.

ڏاڏي وٽ اهي پتل جا گلاس گهڻو عرصو موجود رهيا. انهن تي عجيب ۽ غريب نالا لکيل هوندا هيا. هڪ گلاس تي لکيل هيو، ’ڦُڙو مل‘ ٻئي تي لکيل هيو، ’جهُڙو مل‘ مان سمجهي ويس تہ ڦڙومل ضرور جهڙو مل جو پٽ هوندو. ڇو جو ’ڦڙو‘ ’جهڙ‘ مان ئي جنم وٺندو آهي. هڪ گلاس تي لکيل هيو، ’هوا ٻائي‘. اهڙو مسلمانن جهڙو نالو پڙهي مان حيران ٿي ويس. هڪ ڏينهن قرآن پڙهائيندڙ مولويءَ کي گلاس ڏيکاريندي چيم، ’سائين، هيءُ آهي تہ هندن جو پوءِ نالو مسلمان عورت جو ڇو لکيل آهي؟‘

استاد گلاس کي هٿ نہ لاتو. ۽ منهنجن هٿن کي سوري اکين اڳيان ڪري نالي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ پوءِ نفرت مان جواب ڏنائين،

”ڇورا، تون نہ سڌرين. هيءَ هوا ٻائي آهي، جيڪا هندو عورت هئي. جيڪڏهن وڏي ’ح‘ سان حوا ٻائي لکيل هجي ها تہ پوءِ مسلمان ٿي پئي سگهي.‘

استاد مونکي پري ڪيو وري چيو،

”اڇلاءِ ڪافرن جي گلاس کي پري. متان هن ۾ پاڻي پي وات خراب ڪيو ٿئي. ان ساڳي وات سان قرآن ڪيئن پڙهندين؟“

مون اهو گلاس واپس تختي تي رکيو ۽ سوچيندو رهيس، ’سڄي ’هہ‘ جي هيراڦيري آهي. ’ح‘ حبشي جيڪو ڪاري رنگ جو آهي. ’هہ‘ لکڻ سان اڇو ٿي پوندو.“

ڏاڏَي جي وفات ڪانپوءِ ڏاڏي اداس رهندي هئي. ۽ ڪمري ۾ رکيل انهن اسٽيل جي گلاسن ۾ ڏاڏي جو عڪس ڏسندي هئي. اهو اڇي پڳ پائي بيٺل هوندو هيو. سندس منهن تي اڇي ڏاڙهي ۽ لڙڪندڙ اڇيون مڇون هيون. ڏاڏي سدائين مرڪندو هيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ سندس مرڪ وڏين مڇن ۾ لڪيل هوندي هئي. اهو قدآور مڙس هيو، جنهن ڪري گهر جي چائنٺ ٽپڻ وقت ڪيس مٿو ٽڪرائجڻ ڪري اڪثر ڌڪ لڳندا هيا. پوءِ وقت هن کي ڪمزور ۽ ڪُٻو ڪري وڌو. ان جو فائدو اهو ٿيو جو ڏاڏو جڏهن گهر جي چائنٺ ٽپندو هيو تہ ڪيس ڌڪ نہ لڳندا هيا.

اسٽيل جا پنج گلاس جن جي ترِي ۾ انگلينڊ جو ٺپو لڳل هوندو هيو- ڏسي محسوس ٿيندو هيو، ’اهي

انگريزن خاص اسان مسلمانن لاءِ ٺاهيا هيا. ان اسٽيل جي سيٽ کي ورهائي ائين الڳ ڪيو ويو هيو، جيئن جڳ گلاس ڪانسواءِ ڪنهن ڪم جو نه هجي. ۽ گلاس جڳ ڪانسواءِ نامڪمل هجن.‘

غريب غربي وٽ مهمانن کي پاڻي پيئارڻ لاءِ جِستَ جا گلاس ئي هوندا هيا. جڏهن ته ڏاڏي مهمانن کي اسٽيل جي گلاسن ۾ پاڻي پيئاري حيران ڪري ڇڏيندي هئي. جڏهن ڏاڏو جيئرو هيو. ۽ ان جا دوست ڳوٺن کان کهي ايندا هيا ته ٻاهر اڱڻ ۾ برمي وٽ کٽ تي ويهي ٺازي پاڻيءَ جا ڍُڪ پري برمي جي مٺي پاڻيءَ جي تعريف نه ڪندا هيا پر گلاسن جي چمڪ ڏسي ڏاڏي کي چوندا هيا،

”پريا مڙس، گلاس چانديءَ جا آهن؟“

ڏاڏو لڙڪندڙ مڇن تي هٿ ڦيري جواب ڏيندو هيو،

”چانديءَ جو زمانو ويو. اهي اسٽيل جا آهن.“

پوءِ وقت بدليو. چين ۾ انقلاب آيو ته سڀ کان پهريون پاڪستان ان کي تسليم ڪيو. چين اهڙي اڳرائيءَ جو پاڪستان کي سُٺو سِلو ڏنو. هن کي سستا رانديڪا ٺاهي ڏنا ۽ بازارون چينيءَ جي سامان سان سَٿجي ويون. ائين پئي لڳو ڄڻ چين ۾ انقلاب کان اڳ بغاوت جي ڏينهن ۾ چيني انقلاب جي تياري ائين ڪري رهيا هيا جو لڪي توبون، بم گولا ۽ بندوقون ٺاهڻ بجاءِ رانديڪا، چينيءَ جا برتن، ريڊيا، ٽوپي ڏيڻ واريون سيون، ٽاچڙيون، پيچڪش ۽ شيشي جو سامان ٺاهي رهيا هيا. ڇو جو انقلاب کانپوءِ هڪدم ايڏي وڏي مقدار ۾ سامان ٻاهرن ملڪن ڏانهن موڪلڻ حيرت انگيز هيو.

شڪارپور جي بازار به اهڙن ٿانوَن سان سَٿجي وئي جيڪي چين جا ٺهيل هيا. اهي قيمت ۾ ايڏا گهٽ هيا جو غريب ماڻهو انهن کي آسانيءَ سان خريد ڪري پئي سگهيو.

انگلينڊ ۽ فرانس جا ٿانوَ جيڪي قيمتي ۽ خوبصورت هيا، انهن جو وڪرو وڏن ماڻهن تائين محدود رهيو.

امڙ جي نظر جڏهن چين جي ٺهيل اهڙن شيشي جي گلاسن تي پئي ته اهي ان کي اسٽيل جي گلاسن کان سهڻا ۽ صاف نظر آيا. ان هڪ دفعي بابي کي فرمائش ڪئي، ’اهو شڪارپور جي بازار مان ڪيس اهڙا شيشي جا گلاس آڻي ڏي ڇو جو اها ڪلهه جڏهن جاڙي ماءُ جي گهر وئي هئي ته ڪيس اتي نظر آيا هيا. جاڙي ماءُ هن کي ٻڌايو ته اهي ايڏا مهانگا نه آهن. ٻن روپين ۾ ڇهه گلاس آرام سان ملي ويندا.‘

اهو هڪ ڏينهن شڪارپور ويو. نعيم احمد شيخ جيڪو پهريون بازار ۾ ’پرپورمل‘ جي نالي سان سڃاتو ويندو هيو ۽ تازو مسلمان ٿيو هيو. بابو ان جي دوڪان تي ويو جيڪو ڳاڙهي گوڏ ٻڌي اتي ويٺل هيو. بابي ان جي اهڙي حالت ڏسي پهريون سوچيو ته شايد ان ڳاڙهي گوڏ چين ۾ آيل انقلاب جي خوشيءَ ۾ ٻڌي آهي ڇو جو چين جي سامان اچڻ ڪري سندس ڪاروبار چمڪي پيو هيو. پر پوءِ جڏهن ان ڪيس ڳاڙهي گوڏ جي حقيقت ٻڌائي ته بابا، ’الحمدللّٰه‘ چئي شيشي جا گلاس ان کان ئي وٺڻ جو فيصلو ڪيو. ۽ سوچيو، ’ڀلي اهو چار پئسا مارڪيٽ کان منافعو وڌيڪ وٺي. پر هو ڪنهن ٻئي دوڪان تي نه ويندو.‘

هونئن ته نعيم احمد شيخ جي دوڪان ۾ هر رنگ جا گلاس هيا جن ۾ اڪثريت نيرن گلاسن جي هئي. پر ان بابا کي ساوا گلاس خريدڻ جي صلاح ڏني. ۽ چيو، ’سائو اسلامي رنگ آهي ماستر صاحب انهن ۾ پاڻي پيئنديون ته ڄڻ آب جم جم (زم زم) پيئنديون.‘

مسلمان ته پنهنجيءَ جاءِ تي پر سنڌ ۾ شل نه ڪو واڻيو مسلمان ٿئي. پوءِ مسلمانيءَ ۾ سيني کان گوءِ ڪٽي ويندو. جڏهن ڏسي ٻاتي آواز ۾ ويٺو قرآن پڙهندو. ننڍپڻ ۾ مونکي دينو دال وارو ياد آهي جيڪو تازو مسلمان ٿيو هيو. پنج وقت نماز پڙهندو هيو. ان کي اڇي ٽوپي ۽ منهن تي سونهاري هوندي هئي. ٻڙ جي هيٺان ويهي دال وڪڻندو هيو. ان وٽ دال وٺندڙ ماڻهن جي رش هوندي هئي. اهو هر گراهڪ کي ڪنول جي پن تي دال رکي ڏيندو هيو. جڏهن ديڳڙيءَ مان چمچي سان دال ڪڍي پن تي رکندو هيو ته هر چمچي پرڻ مهل وڏي آواز سان ڪلمي جو پهريون حصو پڙهندو هيو.

هڪ دفعي، ’ڪڪي‘ نالي شخص، جيڪو موليدي هيو. ان دينوءَ کي چيو،

”دين محمد ڪلمو ته پورو پڙهه نه.“

دين محمد منجهي پيو ۽ جڏهن پوري ڪلمي پڙهڻ جي ڪوشش ڪيائين ته هن کان اچار صحيح نه پئي نڪتو. ڪڪي مولوديءَ هن جو تلفظ صحيح ڪرڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي. پر آخر ۾ بيزار ٿي دال وٺي ويندي هن کي چيائين،

”ادا پوءِ ائين ئي هوندو.“

(هلنڊ)



## مختيار سهتو

پاڇي پويان ئي آهن پڳا آدمي
درد جا پاءُ ڄڻ هي سڀا آدمي
ڇهرا صحرا جيان من مڃيءَ جيئن لُڇيا
گيت ۾ سور تي پي وڳا آدمي
روح ۾ ماتمي قافلو آهي ترسيل
خيال سڀ ڪارا پاتل وڳا آدمي
سوچ جي هر سفر توڙ توتي ڪيو
مات ۾ شور ۾ ٻيا لڳا آدمي

هِتان به درد جا سَٿا هُتان به درد جا سَٿا
شروع ڪيان ڪِٿان ڪَٿا ختم ڪٿي ڪيان ڪَٿا
اهو ته عشق سيکاريو وفا پٺيان وفا ڪرڻ
غرور ۾ ٻُڏل پرين ڪڏهين نه ضد تان لٿا
اٿي اجهي جي سوچ ئي اسان کي مات ۾ رکيو
اکين ۾ خواب جون ريليون دلين ۾ درد جا ڄٿا
حيات ناوَ جي هنڌان هنڌان پُري جُهري پئي
اچا به يار يار آ اسان جي روح جي رَٿا.



## ج٠ع٠منگهاڻي

تن ۽ من جون عادتون پنهنجي جڳهه
مختلف ٿيون حالتون پنهنجي جڳهه
ڪنهن نه چاهيون پيار جون وارفتگيون
نفرتن جون ساعتون پنهنجي جڳهه
هر گهڙي هڪ درد بحرِ بيڪران
پلصراتون قيامتون پنهنجي جڳهه
هت رڳو ماڻهو ڪٽي سڪ ساڻ ساهه
حاصلاتون راحتون پنهنجي جڳهه
پاڻ وٽ ڏسجي ته ڪيڏو آهه ٻل
غير جون سڀ طاقتون پنهنجي جڳهه
وقت سان وڌنديون ويون مشڪلون
ذات واريون حاجتون پنهنجي جڳهه
سڀ ٿيون دانسته مونکان خيانتون
قرب، وڙ، سڀ ديانتون پنهنجي جڳهه
ڪين منگهاڻي رهيو ويساهه ڪو
پريت پريتم چاهتون پنهنجي جڳهه.

وقت آ ٿورڙو
بس ڪپي پروسو
مان جي ويندس هلي
پوءِ موٽڻ ڏکيو
گهرج پرپور هئي
هٿ سڃاڻي سچو
ساٿ هن ساڻ ٿيو
جو مليو اوچتو
ياد هو ايئن رهيو
خواب ڄڻ مون ڏٺو
ڪين مايوس ٿي
جو ٿيو سو چڱو
بيوفا جي اڱڻ
سور جو سلسلو
ٻي وڙي شهر کان
ڳوٺ پنهنجو چڱو
اچ منگهاڻي هلون
قافلو ويو هليو. ■



# ٽپي...

**پير عبيد راشدي**

**دفينس** هائوسنگ سوسائٽي جي هڪ وڏي بنگلي جي ڊرائنگ روم ۾ وڏن گهراڻن جون ايڊوانس ماڊرن ليڊيز KITTY PARTY ۾ ويٺل هيون. هنن ڪپڙن ۽ جيولري جون ڳالهيون پئي ڪيون. ٻاهران ڪتي جي ڀونڪ تي نه رڳو هنن جا ڪن سرلا ٿيا. پر ساڙهيون پڻ ڏرڪڻ لڳيون.

"ڪهڙو ڏاريو اٿئي ڀونڪ ته سريلي اٿس ؟"

هڪ مهمان ليڊي ساڙهيءَ جو پلءُ سيٽ ڪندي ميزبان ليڊي کان پڇو. هن جي لهجي ۾ ۽ اکين ۾ خمار هو.

"ٽامي." ميزبان ليڊيءَ جي جسم پپيتي وانگر ساڙهيءَ مان اڇل ڏني. جيتوڻيڪ 2-3 سال اڳ SURGERY PLASTIC ڪرائي هئائين.

"منهنجي ايلسيشن جي ڳالهه نه پڇ. خيابان اتحاد تان ڪنهن ڪار جي اسڪريچ يا سپر اسٽورز جا بند يا ڪلنڊڙ شٽرز جو ڪڙڪو ٻڌيو نرا ڪنيو گيٽ کان ٻاهر نڪريو وڃي." مهمان ليڊي پڏر مان ٻڌايو.

"ڪڙڪي تي نرا ڪنيو ٻاهر نڪريو وڃي!! ڪتو چا چاٽين ڪٽڪ جي مانيءَ مان لوسي جو ٿيو." ڪنهن ٻي ليڊي جي چپ چورڻ تي ڊرائنگ روم ٺهڪن ۾ واسجي ويو.

"ڪٽڪ جي ماني؟ هن جو ڪتو ته پيزا برگر ڪچو پڪو گوشت رهڙيندو آهي." ڪنهن ٽين مهمان ليڊي چيو.

هن جي چپڙن تي بليڪ ليبل جو سواد هو. ۽ مک بليڪ بيري موبائيل تي ڊويو ويٺي هئي. ڪيس بلو ڪلر جي بنا ٻاهن واري ساڙهي ۽ بنا ٻاهن وارو بلائوز پاتل هو. ۽ ڪونج جهڙي ڳچيءَ ۾ مهانگو گُلوبند جو جرڪنڊڙ سونو هار پيل هوس. ۽ وارن ۾ گلاب-ڳالهائڻ وقت زلفن کي چمي رهيو هو. ڊرائنگ روم خوشبوءَ سان هٻڪاريل هو. الائجي ليڊيز تي هاريل ولايتي پرفيومز جي ڪري يا ولايتي ٻاٽلين جي ڪري؟

KITTY PART (ڪٽي پارٽي) يورپ امريڪا ۽ هاڻ پاڪستان هندستان وڏن گهراڻن جون ليڊيز ڪنديون آهن جنهن ۾ هو اڪيليون هونديون آهن. يا ڪڏنهن ڪو اڪيلو ٻواءِ فرينڊ گهرائينديو آهن.

سمنڊ تان ايندڙ هوائن رات جي راڻي ۽ چمبيلي جي خوشبو جي هٻڪارن ٻاهر پارڪ ۾ ويٺل مردن جي احساسن کي ڇيڙيو پي. ميزبان ليڊي کي درجن کن ٻار هئا. جڏنهن به ڪنهن دعوت ۾ ڪا دوست پڇندي هئس، "ايترا ٻلونگڙا، پوءِ به تنهنجو بدن چمن ڇڪيل تاڻيل؟ ولايتي لوشن ۽ بيوٽي پالرن جو ڪمال چئبو." باڪيءَ سان وراڻيندي، "منهنجو ٽامي ننڊ ڪرڻ ڪٿي ڏيندو آهي جاڳ جا خمار هوندا اٿس."

اڄ به ڪائنس ساڳيو سوال ڪيو ويو. ۽ ساڳيو جواب ڏنائين ڊرائنگ روم ۾ ٺهڪ واسجي ويا. فالس سيلنگ ۾ بلب گهنٽين وانگر ٽلڻ لڳا.

"ٽامي، ايلسيشن ۽ ٽائيگر جو دور ويو اهي هاڻ ڄڻ سي پورٽ تي رنگيل پراڻا جهاز."

ڪنهن مهمان ليڊي چپ چوري راز تان پردو ڪنيو. ٺهڪ اوچتو بند ٿي ويا. سڀ ليڊيز هن ڏانهن حيرت مان ڏسڻ لڳيون، "چو تو ڪو نئون ڏاريو آهي ڇا، نالو ته ڪڻ اسان کي تنهنجي هڻ ڪڻ جي خبر ته پئي؟"

ميزبان ليڊي ابهرائيءَ وچان پڇيو. ان جي پڇا ۾ حسرت هئي.

"منهنجو ٽپي اوير سوير جا ڳيل ۽ نرا اُپا هوندا اٿس." هن ٽڏو ساهه ڪٽي نالو ڪنيو. چپ ڄڻ سمنڊ جا چليل ڪنارا ڪوڏ سپين جهڙا احساس سندس وجود تي جرڪڻ لڳا.

"WOW ڪڏنهن دعوت ۾ وٺي اچيس يا ڪنهن ويڪ اينڊ تي هاڪس بي جا سير سپاٽا ڪرائيونس؟" ليڊيز جو گڏيل آواز ڄڻ جهرڪين جي چر-مر.

ڪا ٽين ايجر چوڪري ٽريڪ سوٽ ۾ ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿي. پري کان سپني کي مٺي مرڪ سان وش ڪري فل سائز شيشي پر ۾ MACHINE JOGGING تي چڙهي ٻيڙي جي سڙهه وانگر جهڪي هينڊل ۾ هٿ وجهي اسپيڊ ميٽر کي سيٽ ڪرڻ لڳي. ايتري ۾ ٻاهران ايندڙ PUPPY ٻلونگڙو پهرين ميزبان ليڊي جي هنج ۾ اونڌو ليٽي پڇ لوڏڻ لڳو. پوءِ ساڳي گهڙي ۾ ٽين ايجر چوڪري سان مشين جي پٽي تي چڙهي فل سائز شيشي مان مهمان ليڊيز ۽ پوءِ ٽين ايجر چوڪري کي ڏسڻ لڳو.

"PUPPY کي وڏي پرک آهي تازي ۽ پاروٺي گوشت جي پرک رکي ٿو." ڪنهن ليڊي چيو.

"ڪنهن ڏينهن پنهجي ٽپي لپي کي وٺي اچ؟"

"پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻان. هٿن مان ڇڏائي توهان تي لوهه ڪرايان NO, Never"

"ڏسُ ته ڏي آهي ڪٿي. پاڻهين هٿ ڪنديونسين؟"

"اڄ ڪلهه پري آ گهوڙن سان ريس پچائڻ ويل آهي."

لان ۾ ويٺل ڪنهن مرد ڪرسي تان اٿي اوٻاسي ڏني. ۽ پوءِ ڊرائنگ روم ۾ نظر اچلائي. ان جي هڪ سڃاڻپ PALMIST طور هئي. پاڻ کي سگمنڊ فرائڊ ۽ ڪيرو ثاني سمجهندو هو. ۽ پنهنجن غلط اڳ ڪٿين تي ڪيترين عورتن کي رڻ ۾ رولي ڇڏيو هئائين.

"تنهنجي ايلسيشن اسان ڏانهن نظر اچلائي آهي!!"

ڪنهن ليڊيءَ ٻيءَ کي چيو.

"اهو ماريو مارڪيٽ جي اسٽورن جي ڪلنڊڙن ۽ بند ٿيندڙن شٽرز تي نرا ڪنيو گيٽ کان ٻاهر نڪريو وڃي. منهنجن چليل ساهن جي خبر ڪونه رکي. ليٽيو ته پاسو ئي نه ورائيندو." ■



# خطا

**حيسب ڪانهيو**

**سياري** جي سرد رات جي آڌيءَ ۾، انيلا پنهنجي اڌ بستر تي اڌ ڏڪيل نانگ جيان ور وروڪڙ ڪائي رهي هئي ۽ ڏند ڪرٽيندي دل ئي دل ۾ سوچي رهي هئي.

"جواني جي پهرئين ئي ڏينهن کان وٺي منهنجو تن بدن آهي ئي اهڙو، جو، جيڪو ڏسي سو ڏڪيو وڃي. نه رڳو قد بُت ۽ هڏ ماس پر، منهنجو مُنهن مُبارڪ به اهڙو آهي، جو جيڪڏهن ڪافر ڏسي ته مُسلمان ٿيو پوي. ۽ مُسلمان ڏسي ته ڪافر. ها، مان بيپناهه حسين ۽ بيحد پُرڪشش آهيان، آئون آڳ آهيان، آڳ به اهڙي جو هرڪو ئي ابراهيمي جذبي سان ڪُڏي ڪاهي پوي. آئون ڏوڪو آهيان، ڏوڪو به اهڙو، جو هرڪو ئي ڄاڻي واڻي ڪائي ويهي. ۽ ڪائي به نه پڇتائي. آئون جيڪڏهن سياست ۾ هجان ها ته پنج ئي آڱريون گيهه ۾ هجن ها. اڄڪلهه جي سياست ۾ پڪ سان آئون وزير يا سينيٽر هجان ها، يا ته شايد ان کان به اڳتي. جيئن پيو وٽيم ها، تيئن پئي ڪريان ها، ۽ منهنجو وار به ونگو نه ٿئي ها. جيڪڏهن شوبز ۾ هجان ها ته تڏهن به راز جي راڻي هجان هان. آئون اهڙي ته حسين ۽ پُرڪشش آهيان جو جيڪڏهن فلم جي دنيا ۾ هجان ها ته بپاشا باسو کان ويندي قطرينا ڪيف تائين سڀ جون سڀ منهنجي پيرن جي پٽي هجن ها! بالي ووڊ هالي ووڊ ۾ ٻيا سڀ ستارا ٿا سڏجن پر آئون چنڊ چوايان ها! دولت ايتري هجي ها جو ست پيڙهيون پيون کائين ها ته به کٽي ڪونه ها! شهرت به ايتري، جو صدين تائين منهنجا ئي قصا هجن ها."

هُوءَ اٿي، پاڻي پيتائين ۽ وري واپس اچي بستر تي ليٽي پئي ۽ وري سوچن جو سلسلو شروع ٿي ويو، 'ائين به ناهي ته ڪو مان رات ڏينهن گهر ۾ ئي رهيس. آئون اسڪول ويس، ڪاليج ويس، يونيورسٽي ۾ ويس، ۽ ان کان پوءِ مختلف اين جي اوز ۾ ڪم پُڻ ڪندي رهيس ۽ هاڻي ميڊيڪل جهڙي شعبي ۾ نوڪري به ڪري رهي آهيان. اهڙي قسم جي زندگي ۾ مون کي هر موڙ تي، هر جاءِ تي ڪيترا ئي مرد به اهڙا مليا جن ڳلي ۾ پوڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي پر مون ڪنهن کي به ڳلي ۾ پوڻ نه ڏنو. ان وچ ۾ وڪ وڪ تي مجنون به ملندا رهيا پر مون ڪنهن کي به اهميت نه ڏني. ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندي آيس. مون اشرافت جي دامن کي ايتري ته مضبوطي سان جهليو جو ڪنهن به قيمت تي نه ڇڏيم. اهو سيڪجهه ڏاڍو ڏکيو به هو، ڪيئي راتيون مون بسترن تي پاسا ورائيندي گُذاري ڇڏيون پر پوءِ به هڪ چوڙي نه پڳم. ڪيئي ڪيئي ڏينهن طبيعت ڏاڍي بي مزي رهندي هئي پر تنهن هوندي به مون کو حيا ۽ شرم کي هڪ پاسي ڪري محبت شحبت جو مزو نه ورتو- هڪ ته آئون اهو سوچيندي هئس، "اشرافت ئي ته دنيا جي سڀ کان وڏي دولت آهي، اهو حيا ۽ شرم ئي ته اصلي دين ڌرم آهي، جيڪڏهن اهو هڪ پل جي لاءِ به ڇڏي ڏنم ته منهنجا ٻيئي جهان ٻُڏي ٿي ويندا! ۽ ٻيو ته مون کي اهو به

اطمينان هو تہ آئون پڙهيل لکيل ۽ سُلجهيل ڇوڪري آهيان ۽ پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيان. چاچا سائين جي آزادي جو ڪو بہ ناجائز فائدو نہ ورتو آهي، ۽ پنهنجي محنت ۽ اورچائي سان مون پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي مُستقبل کي سنواريو آهي. سو انڪري مون کي اها بہ پڪ هوندي هئي تہ چاچا بہ منهنجي لاءِ سُٺو ئي سوچيندو هوندو ۽ منهنجي شادي بہ ڪنهن اهڙي ئي پڙهيل لکيل ۽ سُلجهيل فرد سان ڪرائيندو جيڪو مون کي خوش رکي سگهندو ۽ منهنجو قدر ڪندو.“

پر اڄ انيلا کي ڏاڍي شدت سان اهو احساس ٿي رهيو هو تہ اهو سڀڪجهہ هُو بلڪل غلط ئي سوچيندي هئي. ڪجهہ ڏينهن پهرين، هُن جي زندگي ۾ هڪ زلزلي جهڙو ڏينهن آيو هو، جنهن سندس دل جي ڌرتي ڌوڏي ڇڏي هئي . ان ڏينهن سندس چاچي ڪيس پنهنجي پر ۾ ويهاري پهرين ڪُجھ دير تائين پنهنجي پاءُ ۽ ڀاڄائي جا قصيدا ٻُڌايا هئا ۽ پوءِ آخر ۾ ڏاڍي افسوس منجهان چيو هئائين، ”جيڪر تنهنجا ماءُ پيءُ جيئرا هجن ها تہ بہ ڳالهہ هئي پر آئون بہ تنهنجو پيءُ ئي آهيان! منهنجي پنهنجي ڪا ڌيءَ ناهي سو تون ئي منهنجي ڌيءَ آهين.“

سندس چاچي ڪيس چيو، ”مون توکي پالي تاتي وڏو ڪيو آهي، ۽ خرچ ڪري پڙهائي لکائي هِن درجي تي پهچايو آهي جو اڄ چاليهہ هزار پگهار اٿئي.“

ڪجهہ ترسي سندس چاچي چيو، ”انيلا ڌيءَ، هاڻي بس آخري فرض آهي تنهنجي شادي جو. سو مون اهو بہ پورو ڪرڻ جو سوچيو آهي ، توکي ان لاءِ ئي سڏيو اٿم.“ شادي جي ڳالهہ ٻُڌي هُو سچي شرم ٻوڙي جيان ڪومائجي ويئي.

چاچي سندس مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ وراڻيو، ”ڌيءُ! چوندا تہ ائين آهن تہ ’ڌئير پرائو ڌڻ!‘ پر آئون توکي ڪڏهن بہ پرائو ٿيڻ نہ ڏيندس. آئون توکي هميشہ پنهنجي اکين آڏو ئي رکڻ ٿو چاهيان. بس انڪري ئي مون تنهنجي شادي ساجن سان ڪرڻ جو سوچيو آهي.“

چاچي چيو، ”مون کي خبر آهي تہ تون بہ مون کي پنهنجي پيءُ جهڙو ئي سمجهين ٿي ۽ پيءُ جهڙي ئي عزت ٿي ڪرين سو منهنجي ڳالهہ هرگز ڪانہ ٽاريندين.“

ساجن جو نالو تہ انيلا جي ذهن گمان ۾ بہ ڪونہ هو، ڇاڪاڻ تہ سندس سوٽ ساجن تہ صفا نالي جو مرد هو! هُو تہ بس رڳو قد بُت ۾ وڏو ٿيو هو باقي ذهني حوالي سان تہ جتي ڄايو اتي ئي رکيو هو. هُن کي چاچي جي اها ڳالهہ ٻُڌي ان ڏينهن حيرت انڪري بہ گهٽي ٿي هئي جو سندس شادي جي ڳالهہ تہ اڳ بہ ڪيئي ڀيرا ٿيندي رهندي هئي پر ڪنهن بہ ڪڏهن ساجن جو نالو نہ ڪنيو هو. ان ڏينهن هُن جو مٿو جڏهن پٽ سان لڳو تہ ڪيس خبر پئي، ’شرافت ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. دولت وڏي ڳالهہ آهي.‘

هُن کي ان ڏينهن اهو احساس ٿيو هو، ’هن جي چاچي کي هُن سان نہ پر هن جي چاليهہ هزار پگهار سان محبت ٿي وئي هئي.‘

هُو سمجهي تہ سڀڪجهہ وئي هئي پر سندس چاچي ڪيس پالي تاتي وڏو ڪيو هو، ۽ ڪيس خرچ ڪري پڙهائي لکائي اڄ ان درجي تي پهچايو هو جو سندس چاليهہ هزار پگهار هو، هُو پنهنجي چاچي کي پنهنجي پيءُ جهڙو ئي سمجهندي هئي ۽ پيءُ وانگر ئي سندس عزت ڪندي هئي سو ماٺ ٿي رهجي وئي، ڪجهہ نہ ڪُڇي.

اڄ هُن جي شادي کي ستين رات گذري رهي آهي. پر سندس مُڙس ڪيس اڃاتائين هٿ بہ ناهي لاتو. هُن پنهنجيون اکيون ڇت ۾ کُپائي ڇڏيون. اوچتو ڪٿان آواز آيو، ”ڇا ڏنو توکي اشرافت!؟“

هن جي ڪنن سان پاڻمرادو جملا ٽڪرائجڻ لڳا، ”تو خود کي ڪيڏو سينباليو. خود کي ڪيڏو بچايو. پر نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ تو اشرافت کي سڀڪجهہ سمجهيو. پر اڄ انهي اشرافت جي بدلي ۾ توکي ڇا مليو؟ انهي سڀڪجهہ جي بدلي ۾ توکي مليو تہ ڪجهہ بہ ڪونہ.“ اهي جملا جڏهن انيلا جي ڪنن تي پيا تڏهن ڪيس اشرافت کان شديد نفرت ٿيڻ لڳي. جيڪڏهن اشرافت هن جي سامهون ڪنهن وجود جي شڪل ۾ هجي ها تہ هُوءَ سندس ڳلو گهُٽي ڇڏي ها.

هُن پاسو ورائي مُنهن ٻئي پاسي ڪيو. هُن جون اکيون ٽيبل تي پيل لالٽين ۾ ڄمي ويون، جنهن جي روشني ڏاڍي جهيڻي هئي. لالٽين جي جهيڻي روشني منجهان سندس ماضي ترورا ڏيڻ لڳو. سال کن اڳي، جڏهن هُوءَ هڪ اين جي او ۾ ڪم ڪندي هئي، تڏهن اتي آفيس ۾ هڪ شخص بہ ڪم ڪندو هو. ربنواز شيدي، شيدي تہ پوءِ باقي ڇا! وڏا ٿُلها ڪارا چپ، گينڊي جهڙو اٽڪهڙيو بيڊولو بدن، پيٽ ٻاهر نڪتل، اکيون ڳاڙهيون، رنگ ڪارو، وار گهُنڊيدار، آواز بہ اهڙو ئي ٿلهو ۽ بيسُرو، جهڙو شيدي پاڻ! انيلا جي زندگي ۾ ڪيئي مرد آيا ويا هئا، انهن ۾ ڪيئي وحشي بہ هيا تہ ڪيئي پياسي بہ. انهن ۾ ڪيئي عادتي بہ هيا تہ ڪيئي وري عاشق مجبور پُڻ. پر انهن ۾ ربنواز جهڙو ڪو بہ ڪونہ هو. ڪيس زندگي ۾ ڪيئي خراب ماڻهو بہ مٿي ۾ لڳا هيا پر انهن سڀني منجهان ربنواز شيدي ڪيس ائين لڳو هو، جيئن مٿي ۾ پِت. هڪ بد شڪلو، بيسُرو ۽ ٻيو وري جنهن مهل ڏس تنهن مهل دوڏا ڦاڙيو پيو تڪيندو هو. هِن کي ربنواز جي وجود کان ئي ڏاڍي ڪراهت محسوس ٿيندي هئي. هِي ربنواز کي ڪجهہ سمجهندي ئي نہ هئي، رڳو پنهنجي ڪم سان ڪم ئي رکندي هئي پر تنهن هوندي بہ هُو ڪيس ڏاڍو تنگ ڪندو هو. هُو هِن کي موبائل نمبر تي گندا گندا ميسيج بہ ڪندو هو پر هِي ڪو بہ رپلاءِ نہ ڪندي هئي، ۽ روبرو ائين محسوس ڪرائيندي هئي ڄڻ ڪيس ڪا خبر ئي ڪانهي! هي بہ وڏي هوشيار هئي جو چڱي طرح اهو سمجهندي هئي تہ اهڙن ماڻهن مان مڪمل خاموشي سان ئي جان ڇڏائي سگهجي ٿي، سو بس ڪو بہ جواب نہ ڏيندي هئي. انيلا کي اڄ اهو بيڊولو بدشڪلو، ڪارو ڪوجهو ربنواز شيدي ياد اچي رهيو هو. هي جڏهن ربنواز کي ڇخي بہ نہ ڪندي هئي ۽ اشرافت سان رهندي هئي تڏهن ربنواز بيزار ٿي ڪاوڙ منجهان پنهنجا ٿُلها ڪارا چپ ڏندن ۾ ڏئي آهستگي سان چوندو هو، ”اشرافت جو آچار بہ ٺهندو آهي، ڏاڍو لذيذ. پر شريفن کي ڪير سمجهائي؟“

انيلا کي ربنواز کان شديد بيزاري هوندي هئي. ربنواز جڏهن ڇپن ئي ڇپن ۾ اهو جملو چوندو هو تہ ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ ايندي هئي. دل چوندي هيس تہ جيڪر ربو ڪوجهي جو ڳلو ئي گهُٽي ڇڏي.



هِن گهڙو ئي سمهڻ جي ڪئي پر ڪيس اڄ ننڊ ئي نٿي آئي. هُن دير کان پاسا ٿي ورايا. انيلا تڙپي رهي هئي . سندس تن بدن جلي رهيو هو اڄ. هُن وري پاسو ورايو ۽ مُڙس واري پاسي منهن ڪري سُتي. سندس مُڙس اگهور ننڊ ۾ الوٽ ٿيو پيو هو. هُن کي جڳ جهان جي ڪا سُرت ئي نہ هئي.

”اهو ئي آهي اشرافت جو صِلو. اهو ئي آهي تنهنجي اشرافت جو صِلو.“ خبر ناهي ڪٿان ڪان اهو آواز ٿي آيو جو سندس ڪنن ۾ ٽتل سيخ جيان لهندو ويو سندس مُڙس اگهور ننڊ ۾ پيو هو. ”اهو ئي آهي اشرافت جو صِلو... اهو ئي آهي تنهنجي اشرافت جو صِلو.“

انيلا پاسا ورائي ورائي ٽڪجي پيئي. هِن جو جسم سڄو پگهرجڻ لڳو، اندر اُبرڻ لڳس. هِن وري پاسو ورائي اشرافت جي صِلي ڏانهن نهاريو. اشرافت جي صِلي ۾ ڄڻ تہ ساهہ ئي ڪونہ هو. ساجن ائين اگهور ننڊ ۾ پيو هو، جو قيامت واري ڏينهن بہ شايد اٿي، ”اهو سڀ اشرافت جو صِلو آهي. جيڪڏهن آئون پنهنجي مرضي سان جيئڻ وٽي ها، تيئن ڪيان ها تہ اڄ منهنجي ههڙي حالت نہ ٿئي ها. منهنجي سڀ کان وڏي دشمن منهنجي اشرافت ئي آهي. هِيءَ جان، هي جواني هي جسم، هي سڀڪجهہ مون تي ڪيڏي ملامت ڪري رهي آهي اڄ. اشرافت جيڪري ئي آئون انهن جي مُجرم بڻجي پيس. لعنت آهي اهڙي اشرافت تي.“

سياري جي سرد رات بہ ڪيس آگ لڳائي ڇڏي، ”آئون هن اشرافت جو اهڙو حشر ڪريان جو ياد رکي. هِن اشرافت جي تہ اهڙي جي تهڙي هُون.“

انيلا بستري تان اٿي ڪمري جي دري کان ٻاهر هيٺ روڊ ڏي نظر ڪئي، روڊ تي ويرانو لڳو پيو هو. هِن ڪجهہ دير سوچيو ۽ پوءِ ربنواز شيدي جو نمبر ملائي چيائينس، ”آئون گهر جي ٻاهران تنهنجو انتظار پئي ڪريان! جلدي اچ.“

”خير تہ آهي؟“

”اشرافت جو آچار ٺاهڻو آهي.“

انيلا ننهن کان چوٽيءَ تائين شعلو بڻجي پيئي. هِن مُڙي بستري تي نظر وڌي، ساجن الوٽ پيو هو. هِن ٽشو سان پنهنجي پيشاني تان پگهر اگهيو ۽ ٽشو دري کان ٻاهر هيٺ روڊ تي اڇلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ ڪمري منجهان نڪري ڏاڪڻ هيٺ لهي گهر کان ٻاهر نڪري وئي.

haseebkanio@yahoo.com

## شيخ عبدالحليم جوش

تون ٿو ڀانئين بهار ۾ آهيان
مان تہ ڄڻ خار زار ۾ آهيان
زندگي ۾ گهٽيئي غم آهن
ڇو اڃان فڪر يار ۾ آهيان
مونکي ريشم جان نرم ڄاڻ نہ تون
تاءُ وانگر ترار ۾ آهيان
پاڻ کي پاڻ کان پري نہ ڪيم
خواهشن جي ئي ڄار ۾ آهيان
سچ تہ سينگار آهي سوريءَ جو
مان بہ اَهڙي پچار ۾ آهيان
جوش، انسان دوستيءَ جو قسم
بيخودي جي حصار ۾ آهيان.

### قطعا

زندگي هڪ جبل جي خاموشي
زندگي مثل آبشار بہ آهہ
زندگي هڪ چمن خزان ڪانپوءِ
زندگي موسمِ بهار بہ آهہ.

ظلم آهي تہ حڪومت ڪهڙي؟
ناهي انصاف عدالت ڪهڙي؟
ڪوبہ مسڪين جي بيوس آهي
پو غريبن جي حفاظت ڪهڙي؟

# ڪجھ مرمت ٿيل ڪهاڻيون



شوڪت لوهار

## سچار چوڪرو

احمد ڪهاڙي ڪي آزمائڻ لاءِ انب جو وڻ وڍڻ شروع ڪيو وڍيندي وڍيندي انب جو وڻ ڪيرائي وڌائين. هن ڪي ڪهاڙي وهائيندي ڏاڍو مزو آيو. هن جو پيءُ جڏهن باغ گهمڻ آيو ته هو حيران ٿي ويو. هن ڏٺو ته انب جو وڻ وڍيو پيو آهي. اتي موجود باغائي ڪان پڇيائين، 'انب جو وڻ ڪنهن وڍيو آهي؟' باغائي ڊنل هو سو چپ رهيو. احمد جو پيءُ موٽي گهر آيو. ڏاڍي ڪاوڙ ۽ غصي مان چيائين، 'انب جو وڻ الائي ڪنهن وڍيو آهي؟' احمد جيتوڻيڪ پيءُ ڪي ڪاوڙيل ڏٺو ته به صاف چئي ڏنائين، 'بابا انب جو وڻ مون وڍيو آهي.' ان تي احمد جي پيءُ ڪي تمام گهڻو غصو آيو ۽ هن ڪاوڙ ۾ ڪو لت بانو ڳولهڻ شروع ڪيو آخر ۾ وڌائين پادر ۾ هٿ. ايتري دير ۾ احمد پنهنجي پيءُ جي موبائيل تي هڪ ايس ايم ايس اماڻيو. جيئن ئي احمد جي پيءَ اهو ميسيج پڙهيو ته صفا ائين ٺري ويو جيئن فرج ۾ پڊنگ ٺري ۽ ڄمي ويندي آهي. ائين پريان ٿي ويو ۽ سُسي ويو جيئن ڪنهن وڏي ڦوڪڻي کي ڪو ڪنڊو هڻي ان مان هوا ڪڍي هجي.

احمد پيءُ کي ميسيج ۾ لکيو هو، 'بابا جيڪڏهن اوهان منهنجو نالو به ورتو ته آئون امان ڪي توهان جي فيس بڪ جو پاس ورڊ ٻڌائي ڇڏيندس ۽ اوهان جي فيس بڪ تي اوهان جي ٻينا ملڪ سان ڪيل چيٽنگ به ڏيکاريندس. ان ڪان علاوه اوهان فيس بڪ تي ڪيترين ئي ڇوڪرين کي فرينڊ طور قبول ڪيو آهي ۽ ڪيترن ڏانهن دعوت نام اماڻيا آهن، اهو سڀ پڌرو ٿي ويندو هاڻي اوهان جي مرضي؟'

احمد جي پيءُ ميسيج پڙهي پنهنجي غفلت ۽ احمد کي ڪمپيوٽر پڙهائڻ تي دل ئي دل ۾ ڏاڍو پڇتايو. پر ڪجھ به ڪري ڪين سگهيو ۽ اڳتي وڌي احمد جي پٺي ٺپري ان کي چيائين، 'شاباس پٽ، ائين سدائين سچ ڳالهائيندو رهج. سچ ڳالهائڻ واري جو مان مٿانهون آهي. انب جي وڻ جو ڇاهي ٻيو لڳي ويندو. پر تنهنجو ڳالهايل اڄوڪو سچ هميشه ياد رکيو ويندو.'

مراد: هن ڪهاڻي مان اهو سبق مليو ته هن ڪهاڻي مان ڪو به سبق نٿو ملي، يار سياڻا ٺيو ڪڏهن ته ڪا ڪهاڻي ڪا ڳالھ ڪو ڪم بنا لالچ جي به ڪندا ڪيو. ڪهاڻي ۾ ڪو سبق هجي اهو ڀلا ڪو فرض ته ڪونه آهي.

## انگور کٽا هئا ته مٺا ڪيئن ٿيا

گهڻي وقت اڳ جي ڳالھ آهي. ايڏو اڳ جي به نه آهي جو اوهان سمجهو ته ڪو برف جي دور جي آهي. ٿورو پٺتي، هڪڙي جهنگ ۾ هڪ لومڙي رهندي هئي. ويجهو ئي هڪ نهر هئي، پريان انگورن جون وليون هيون، جن ۾ رسدار انگور لٽڪندي نظر ايندا هئا. لومڙي روزانو انهن انگورن جي ولين کي وڏي حسرت سان ڏسندي هئي. هڪ ڏينهن همت ڪري ٽپ ڏنائين ته جيئن انگورن تائين پهچي سگهي پر ڪمزوري سبب، ٽنگن ۾ وائي سبب وچي واهه ۾ ڪري، اتان ان کي رسڪيو ٽيم وارن ٻاهر ڪڍيو. ڪجھ وقت ڪانپوءِ انهي لومڙي پنهنجي دوستن جي ڪچهري ۾ انهن کي چيو، 'آئون انگورن تائين پهتس ۽ انگور پٽئي ڪاڌم پر انگور کٽا هئا.' وقت گذريو لومڙي کي دل ۾ انگورن تائين نه پهچڻ جو ڏاڍو ڏک هو. اصل صفا دل ئي دل ۾ پڄرندي رهندي هئي. پوءِ هن کي دنيا جي مشهور جمناسٽڪ ڪوچ جون خدمتون حاصل ڪرڻيون پيون ۽ هن پاڻ پنهنجي سر به هڪ جم جوائن ڪيو ۽ جمپنگ جاري رکي. روزانو صبح جو جمپنگ ڪرڻ هن جي عادت بڻجي ويئي. وڏي محنت مشقت ڪانپوءِ هن کي هن جي ڪوچ مشورو ڏنو، 'هاڻ هو پل وچي انگور جي ولين تي ٽپو ڏيئي.' انگورن تائين نه پهچڻ واري دڪدائڪ ڳالھ هن صرف پنهنجي ڪوچ کي ٻڌائي هئي. بهرحال هو همت ڪري وري انگورن جو مزو چکڻ لاءِ ان جاءِ تي پهتي. همت ۽ حوصلي ۽ پنهنجي ڪرت ڪوچ جي سخت محنت ڪانپوءِ لومڙي جيئن ئي ٽپ ڏنو ته هو اها نهر پار ڪري ويئي ۽ وچي انگورن تائين پهتي. هن جيئن ئي انگور چکيا ته هن جي حيرت جي حد نه رهي. انگور واقعي کٽا هئا. لومڙي کي وڏي مايوسي ٿي. سڄي محنت پاڻي ٿي ويئي. هيڏو پئسو ڏوڪڙ، ڪوچ جي في سڀ ڪجھ ڳچي ۾ پئجي ويس. واپس اچي نڪ جي پڪائي ڪان دوستن کي ٻڌايائين، 'هن دفعي هن جڏهن انگور کاڌا ته انگور ڏاڍا مٺا هئا. اهڙا مٺا جو اهڙا ٿي به نٿا سگهن.'

مراد: هن ڪهاڻي جي مرمت ڪانپوءِ اسان کي اهو سبق مليو ته ڪڏهن ڪڏهن پسند جي شادي به انهيءَ انگورن جيان هوندي آهي. زندگي ڀل رت ۾ رات هجي پر ماڻهو ٻاهر اهو ئي ٻڌائيندو ته ادا وڏا ٺٺ لڳا پيا آهن.

## ڪمي ۽ سهو

ڊوڙ جو مقابلو لڳو. وڏو ميلو متو. خلق ماڻهن جي گڏ هئي. ماڻهن کي ڏندين آڱريون هيون ته هڪ ڪمي ڪيئن ٿي سهي کي چئلينج ڪري سگهي؟ ڀلا ڀهاڙ جو. ڪنهن ماڪوڙي سان ڪو مقابلو ٿيو آهي؟ پر ائين ٿي گذريو. توهان اسان سڀني ڏٺو. اسان سڀني پڙهيو. اسان پڙهيو اسان جي ٻارن پڙهيو ۽ اڄ سوڏو پڙهن پيا ته سهي ۽ ڪمي جي ڪهاڻي ۽ ان ۾ ڪمي جي جيڪا جيت ٿي ان جا ڳڻ هر ڪو پيو ڳائي. هر ڪو پيو ساراهي. هر ماڻهو ڪمي کي گلن جا هار پيو پارائي. مرمت ٿيڻ ڪانپوءِ تنقيدي ليبارٽري ۾ گهڻو عرصو رهڻ ڪانپوءِ هي ڪهاڻي ڪجھ هن طرح پنهنجي نج حالت ۾ ظاهر ٿي آهي. سهي ۽ ڪمي جو ڊوڙ جو هڪ مقابلو ٿي گذريو. هشام ماڻهن جا اچي گڏ ٿيا اهو مقابلو ڏسڻ لاءِ. سهو ۽ ڪمي ڊوڙ؟ هڪ حيرت جو منظر...!

جيئن ئي مقابلو شروع ٿيو ته سهو وٺي ڀڳو جيئن يقينن دوڙ ۾ ڪمي ڪان ڪروڙين دفعا وڌيڪ هو. سو ڪجھ وقت اڳي هڪ وڻ هيٺان مغروري وچان وسڪي جا ٻه ٽي پيگ پي سمهي رهيو. هن سوچيو ته هاڻ ڪمي خبر ناهي ڪڏهن پهچي ڇو نه ڀلا جهٽ مِي جا مزا وٺجن ۽ جهٽ آرام ڪجي. ڪمي جيڪا ڊوڙ ۾ بلڪل پنهنجي بڻ بنياد جيان سست ۽ آهسته آهي ان کي پورو يقين هو ته ڀل جيڪڏهن آئون لاڳيتو هلندي به رهان تڏهن به سهي جو مقابلو ڪو نه ٿي ڪري سگهان. شڪست منهنجو مقدر آهي سو هن ڊوڙ ۾ هڪ وزير صاحب جي گاڏي کي هٿ ڏنو ۽ ان کي پيرائتي ڳالھ ڪري ٻڌائي ۽ ان کي لفٽ لاءِ منٿ ميڙ ڪيائين. وزير صاحب ان شرط تي کيس لفٽ ڏيڻ لاءِ راضپو ڏيکاريو ته جيڪڏهن هو ريس کٽڻ ڪانپوءِ پنهنجي تڪ جي سڀني ووٽرن جي ذميواري کڻي سيئي ووٽ انهي وزير صاحب کي ڏيارائي ۽ پنهنجي سڄي ڪڙم قبيلي مطلب سڀ ڪُمين نوجوان، پوڙهين پڪين سڀني جي ذميواري کڻي ته پوءِ هو ڀل سندس پيجارو ۾ ويهي ۽ لفٽ وٺي. ڪمي جيئن ته ميرٽ ڪان ڪوهين ڏور هئي. سستي ۽ ڪاهلي جو وڏو اهڃاڻ تنهن ڪري هن جهٽ ۾ هامي ڀري ۽ وزير موصوف جي پيجارو ۾ لفٽ وٺي وڃي منزل تي پهتي. سهي جا جڏهن نشا ٽٽا ۽ هن پنهنجي ٽنگن تي زور رکيو ۽ وڃي مقرر نشان تي پهتو- هن ڏٺو ته اتي ڪمي اڳ ئي پهچي چڪي هئي ۽ ان کي ماڻهو گلن جا هار پارائي رهيا هئا. ڪمي ۽ ڪمي جي ڪڙم قبيلي جا ننڍا وڏا ڪُم سڀ دهل جي ڏونڪي تي جشن ملهائي رهيا هئا. اهو منظر ڏسي سهي کان برداشت ڪو نه ٿيو ۽ پنهنجي ٻر ۾ وڃي پنهنجو پاڻ کي شوٽ ڪري ڇڏيائين. شوٽ ڪرڻ ڪان پهريائين هڪ چٽ تي ڪجھ لکي ڇڏيائين. اهو بعد ۾ انويسٽيگيشن وارن کي هٿ لڳو، 'ڊوڙ لاءِ رڳو ٽنگن جي طاقت ضروري نه آهي، ريس ۾ صرف مغروري جو سهارو گهڻو ڪجھ نه هوندو آهي پر ان سان گڏ دماغ ڪان ڪم وٺڻ ۽ منافقت جي آخري حد تائين وڃڻو پوندو آهي.'

مراد: هن ڪهاڻي مان اسان کي اهو سبق مليو ته ڪجھ حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجھ وڃائڻو پوندو آهي. پوءِ ڀلي وڃائڻ کهڙي ئي قسم جو هجي. اصولن جو، آدشرن جو يا پنهنجي ڪڙم قبيلي جي قرباني جو.

lohar-shoukat@hotmail.com

## حفيظ باغي کي صدمو



سوجهرو ساٿي ۽ سنڌ جي سجاڳ نوجوان شاعر حفيظ باغي جو ننڍو ڀاءُ گذريل مهيني مختصر بيماري ڪانپوءِ لاڏاڻو ڪري ويو. اسين حفيظ باغي ۽ سندس مٽن مائٽن سان هن ڏکدائڪ موقعي تي سندن صدمي ۾ برابر جا شريڪ آهيون. ۽ عذر خواهي ڪيون ٿا.

- ادارو

# مهورت



منظور ڪلهوڙو

”اڄ تہ اصل وڻئي وڃائي ڇڏيئي، ڇاتہ شاندار ڪهاڻي شايع ڪئي اٿئي. اسپيس تہ ڏس سڄا سارا چار پيج، ٽائيٽل ۾ اسڪيچ بہ ڪيڏو نہ ٺهڪندڙ آهي.“ سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻي ڦلو ايش ٽري ۾ ڪيرائيندي آغا زمان مجنون، آزاد جي چهري تي پنهنجون نظرون کُپائيندي چيو.

”پر عزيزانِ من، آزاد جي نئين نڪور شايع ٿيل تصوير جي سارَاهہ نہ ڪرڻ بہ ناانصافيءَ کان گهٽ نہ آهي.“ سليمان صالح ادبي مرڪز جي آفيس ۾ ويٺل سيني لکارين کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪندي چيو.

”واقعي بہ جهڙو آزاد پاڻ خوبصورت آهي، تصوير بہ اهڙي شاندار شايع ٿي اٿس.“ عزيز صحرائي، سليمان صالح جي ڳالهہ تي تصديق جي مهر ثبت ڪندي چيوئي مس تہ آغا زمان مجنون پنهنجو چشمو ٺاهيندي گهڙيال تي نظرون کپائيندي چيو، ”شام جا 6 ٿي ويا آهن. اڃا تائين رابيل راهي ناهي پهتو؟“

”سائين، اڃهو آيو. پنڌ ۾ هوندو. ڪاڏي ڪونہ ويندو. اڳي پوءِ هتي ئي ايندو.“

دلدار پياسي وچ ۾ ڳالهائيندي آغا زمان مجنون کي جواب ڏنو، ”اڙي يار جمن، چانهہ جي ڪا سُرڪي پيار تہ دماغ جاءِ تي اچي.“

”حاضر قبلا، چانهہ تيار آهي. بس رابيل راهيءَ جو انتظار آهي. نہ تہ جيڪو حڪم ٿئي.“

”ڪٽي اڄ يار جمن، جيستائين تون چانهہ ڏيندي ان وقت تائين رابيل راهي بہ اچي ويندو.“

”حاضر منهنجا جاني جانب ڪوڙ چانهہ.“

”هئي ڙي هئي جمن، تون بہ اسان سان رهي رهي رديف ڪافيا ملائڻ سکي ويو آهين. اڃا بہ ٿوري ڪوشش ڪر ۽ وزن بحر ۾ پورو ٿي تہ تخليق جي ديوي توتي مهربان ٿئي تہ پوءِ تون بہ شاعر پڪو آهين ۽ جي تون شاعر ٿي پئين تہ توسان واهہ جون شامون ملهائجن ۽ رهاڻيون رچائجن.“ عزيز صحرائي مشڪندي مشڪندي جمن کي ريجهائي رهيو هو.

اوچتو رابيل راهي ادبي مرڪز جي آفيس ۾ گهڙيو، ”اچو سائين رابيل راهي.“

سليمان صالح ان سان مخاطب ٿيندي چيو، ”اڄ ڏاڍو انتظار ڪرايوَ، خير تہ هيو؟“

”بس يار سليمان، زندگي نالو آ جدوجهد جو. پر اسان جي زندگي اٿي اڻ کٽ جدوجهد جو نالو.“ پراڻي ۽ ميري صوفي تي ويهندي رابيل راهي ٿڪاوٽ وچان وڏو آرس ڀڃي طويل اوٻاسي ڏئي ڪتاب ۽ پنن جو بنڊل آڏو پيل ٽيبل تي رکي چيو.

اڃان وينو ئي مس تہ جمن سيني جي اڳيان چانهہ رکڻ شروع ڪئي.

”سائين.“ رابيل راهي آغا زمان مجنون کي مخاطب ٿيندي چيو،

”ڇئبو تہ آزاد کي ٻٽائي ڇڏيوَ نہ نئين ٿهيءَ جو ڪهاڻيڪار؟“

”راهي، بس رڳو ڪهاڻيڪار؟“ عزيز صحرائي وچ ۾ ڳالهائيندي چيو.

”رڳو ڪهاڻيڪار نہ چئو راهي صاحب. آزاد تہ نئين ٿهيءَ جو ٽرينڊ سينٽر ڪهاڻيڪار آهي. هن جون ڪهاڻيون اسان جي سماج جو پوسٽ مارٽم آهن. آزاد جي ڪهاڻين ۾ جتي زندگيءَ جون حسناڪيون آهن اتي ڪربلائن جا ڪربَ بہ آهن. جوانين جا ڏنجهہ آهن تہ مدي خارج ۽ زوال پذير ريتن رسمن کان بغاوتون بہ آهن.“

”ٻئي ڪنهن کي بہ ٻڌندا ڪريو صحرائي صاحب. پنهنجا اهي خيال ۽ ڊرون ڊائلاگ ان وقت تائين بچائي رکو جيستائين آزاد جو ڪتاب شايع ٿي اسان جي هٿن ۾ اچي. ۽ ان جي مهورت جي تقريب ٿئي. پوءِ پنهنجي شعوري ۽ فلسفيانہ خطابت جا واهڙ وهائجو.“ رابيل راهي جي جوابي حملي تي سيني گڏجي وڏو ٽهڪ ڏنو.

”ها مجنون صاحب، مون ٻڌي چيو تہ آزاد جون ٻارنهن ’امر ڪهاڻيون‘ مٿان وري عزيز صحرائي صاحب کي ستيون لڳيون تہ رڳو ’خالي ڪهاڻيون‘ ٿو چوين.“ رابيل راهي عزيز صحرائي ڏانهن ڏسندي ڳالهہ جاري رکندي چيو.

”شايع ٿي ويون. اڄ جيڪا پلصراط شايع ٿي آهي اها بہ ڪمپوزنگ لاءِ ڏئي آيو آهيان. سڀاڻي ان جا بٽر ملي ويندا. بس ڪهاڻين جو مجموعو تيار آهي.“

”واهہ رابيل راهي واهہ، ڇا توهان جي ڳالهہ ڪجي. توهان فرد نہ پر ادارا آهيو. مواد مليو نہ آهي، ڪتاب شايع ٿيو نہ آهي... واهہ!!“

دلدار پياسي رابيل راهي جي تعريف جا ڏُڪَ پريندي چيو، ”اسان کي رابيل راهيءَ تي فخر آهي. اسان جي ادبي مرڪز جو رابيل راهي Back Bone آهي. آهي ڪو اهڙو ٻيو ادبي مرڪز ۽ ادبي سرڪل جيڪا ايترين تخليقي ويهڪون، تنقيدي نشستون، مشاعرا، شامون، رهاڻيون، تعزيتي ريفرنس، ڪتابن جي اشاعت ۽ مجموعن جون مهورتون ڪرائيندو هجي.“ سليمان صالح فخريہ تعريف واري انداز ۾ ڳالهائيندي چيو.

”دوستو، اوهان جون ڳالهيون اکين تي، پر اڄ اسان جو موضوع آزاد جي ڪهاڻين جو مجموعو هجڻ گهرجي.“ رابيل راهي ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي آغا زمان مجنون کي مخاطب ٿيندي چيو،

”آغا صاحب، پوءِ ڇا سوچيو اٿوَ. مجموعي جو نالو؟“

”آزاد کان بہ تہ پڇو؟“

”آزاد اوهان تي ڇڏيو آهي تہ منهنجي هن پهرين مجموعي جو نالو آغا صاحب ئي تجويز ڪندو.“

”ڪيئن آزاد؟“ رابيل راهي هڪ ڏک سان ٻنهي کي مخاطب ٿيندي نظرون آزاد ڏانهن ڦيرائي ڇڏيون.

”آغا صاحب، رابيل راهي بلڪل صحيح ٿو چوي، منهنجي اها خواهش آهي تہ منهنجي ڪهانين جي مجموعي جو نالو اوهان ئي تجويز ڪيو.“

”پر آزاد...“

”نہ نہ، آغا صاحب پليز منهنجي اها اوهان کي وينتي آهي تہ نالو اوهان ئي تجويز ڪيو.“ آزاد التجا واري انداز ۾ چيو.

”پوءِ ٺيڪ آهي. آزاد جي ڪهاڻين جي مجموعي جو نالو هوندو، ’رڻ ۾ رات ٿري‘-“

”واهہ واهہ، ڇا تہ نالو سوچي رکيو اٿوَ.“ عزيز صحرائي ڳالهہ جاري رکندي چيو، ”ڏاڍو خوبصورت نالو آهي. آزاد توکي مبارڪ هجي.“

”مهرباني سائين. عزيز صحرائي صاحب.“ آزاد ٻهڪندي ان جو ٿورو مڃيندي آغا زمان جا بہ ٿورا مڃيا.

”راهي، آزاد اسان جو نوجوان دوست آهي. مجموعو رعايتي اگهن تي پبلش ڪرائجانءِ.“

”آغا صاحب، اوهان فڪر ئي نہ ڪريو. حيدرآباد، ڪراچي جون سموريون پريسون چڪائي چڪائي پوءِ مناسب اگهہ تي ڪتاب شايع ڪرائيندس.“

”راهي صاحب، آخرڪار ڪيترن پئسن ۾ ڊن ڪيو اٿوَ؟“ جانب پڇندي چيو.

”بس رڳو پنجويهہ هزارن ۾؟“

”ها ها جانب، بس 25 هزار.“ رابيل راهي فخريہ انداز ۾ سيني کي ٻڌائيندي چيو، ”بس دوستو، يارن سان کهڙا ليکا نہ تہ اڄ جي دور ۾ پنجويهہ هزارن ۾ چوپڙي بہ پبلش نہ ٿي ٿئي.“

”ها، پنهنجي ادبي مرڪز سان ڪمٽمينٽ آهي دوستن کي همٿائڻو آهي ان ڪري ڪشالا ڪڍڻا پون ٿا.“

”پر رابيل راهي، معيار تي ڪابہ سوديبازي نہ ڪجانءِ.“

”نہ نہ آغا صاحب، وي آءِ پي پنو، شاندار ڇپائي فور ڪلر ٽائيٽل وٿ ليمينيشن ۽ مضبوط بائينڊنگ هوندي.“

”پوءِ ڪڏهن تائين روانا ٿيو؟“

”بس آغا صاحب، سڀاڻي آخري ڪهاڻي جا بٽر ملن تہ ٻئي ڏينهن مواد کڻي حيدرآباد روانو ٿيندس.“

”مون واري مهاڳ جو تہ پروف چڱي نموني چيڪ ڪيو اٿئي نہ؟“

”ها، ها آغا صاحب، ٻہ ٽي پيرا چيڪ ڪيو اٿم. رڳو مهاڳ نہ پر سموريون ڪهاڻيون بہ. آزاد جا بہ اکر، عزيز صحرائي جو تاثر، سليمان صالح جو مضمون، پنهنجو جائزو ۽ ماهوار جهنڪار جي ايڊيٽر صاحب جو مضمون، اصل سڀ ورائي ورائي چيڪ ڪيا اٿم.“

”بابا، ايڊيٽر صاحب جي لکڻي جيئن جو تيئن شايع ٿيڻ کپي ۽ پروف جي غلطي هرگز نہ هجڻ کپي.“

”آغا صاحب، اوهان ڪو فڪر ئي نہ ڪريو. اهو ڪم ڪو پهريون پيرو ٿيو ڪريان ڇا جو غلطي ڪندس؟“

”وري بہ بابا، هو ايڊيٽر آهي. توکي تہ خبر آ ڪيڏو نہ سخت گير ماڻهو آهي. اصل غلطيءَ جي گنجائش نہ آهي. نو ڪمپرومائيز بابا نو ڪمپرومائيز.“

”سائين، تهان ڪو الڪوئي نہ ڪريو.“

”ٻيو ڀلا آزاد Payment پوري ڪري ڇڏي؟“

”نہ سائين، رابيل راهيءَ جا پنج هزار رهيل هئا، جيڪي ڪٽي آيو آهيان.“

آزاد اڃا پئسا ڪڍيائي مس تہ بجلي بند ٿي وئي. آزاد پئسا وڌائي رابيل راهي جي هٿ ۾ ڏنا.

”راهي، هاڻي پئسا پورا ٿيا؟“

”ها آغا صاحب.“

”ڏاڍا ميڄر آهن.“ جانب پنهنجي سڄي سٿر تي چنبو هڻندي چيو.

”جمن...“

”جي راهي صاحب.“

”مينڻ بتي تہ ٻار.“

”راهي صاحب، مينڻ بتيون پوريون ٿي ويون.“

”پوريون ٿي ويون!!“

”ها راهي صاحب، پوريون ٿي ويون سائين.“

”چڱو ڀلا اوهان ويهو تہ مان دوڪان تان مينڻ بتيون ۽ اوهان جي ڪائڻ لاءِ بہ ڪجھ وٺي اچان.“ رابيل راهي اوندھ ۾ اٿندي چيو.

”ٻيهو راهي، مان بہ توهان سان گڏ هلان ٿو. موبائيل ۾ بئلينس نہ آهي، ڪجھ ايزي لوڊ وٺان.“ آغا زمان مجنون بہ رابيل راهيءَ سان گڏ راهي ٿيو.

”آزاد، اسان ڀاڳ ڪي وڏو خوشنصيب ٿيا ڀانيون جو اسان کي آغا صاحب ۽ رابيل راهيءَ جهڙا رهنما مليا آهن.“

”...“

”آغا صاحب جهڙو وڏو اديب، دانشور اسان جو دوست بہ آهي تہ رهنما بہ.“ دلدار پياسي اجان ڳالھ پوري ئي نہ ڪئي تہ عزيز صحرائي ان جو ساٿ ڏيندي چيو، ”ڏس آزاد، تنهنجي عمر ڇا آهي؟ تون هاڻي ئي صاحبِ ڪتاب پيو ٿئين. ادبي ڪيتر ۾ ڪهاڻي جي حوالي سانَ تنهنجو وڏو نالو آهي. اديبن جون عمريون ڳري وڃن ٿيون پر انهن جي حياتيءَ ۾ ڪو ڪتاب شايع نہ ٿو ٿئي. پر اسين سڀ صاحبِ ڪتاب آهيون. اسان جي ڪتابن جون مهورتون ٿيون، جن ۾ وڏا وڏا اديب، دانشور ۽ سرڪاري عملدار آيا. اخبارن ۽ رسالن ۾ تبصرا شايع ٿيا. ريڊيو ۽ ٽي وي چينلز تي رپورٽون ۽ اسان جا انٽرويوز نشر ٿيا. اهو سڀ ڪجھ آغا زمان مجنون، رابيل راهي ۽ اسان جي ادبي مرڪز جي طفيل ممڪن ٿيو آهي.“

”درست پيا چئو عزيز صاحب، آغا صاحب ادب جو وڏو نالو آهي ۽ اوڏا ان جا واسطا آهن. سينئر هجڻ جي ناتي اخبارن ۽ رسالن جا ايڊيٽر ان جي بيحد عزت ڪندا آهن. ان جي صرف هڪڙي فون ڪال ۽ چِٺي ئي ڪافي آهي.“

”ڏسو نہ ڪيئن سال جي اندر آزاد جون ٻارنهن ئي ڪهاڻيون ماهوار جهنڪار ۾ شايع ٿي ويون. نہ تہ ٻارنهن ڪهاڻيون ويهن سالن ۾ بہ شايع ڪو نہ ٿين ها. جانب وارو وٺي ڳالهائيندي ڳل تي ٺڦڪي هڻندي چيو،

”راهي، توکي چيو هيم نہ تہ ٽيھ هزار وٺجائنس. پوءِ تو 25 هزار ڇو چيس؟“

”آغاز صاحب، 30 هزار ئي چيا هئامانس، پر چيائين...“

”ڇا چيائين؟“

”ٻڌو تہ آغا صاحب، ايڏا جذباتي ڇو ٿا ٿيو. چيائين تہ بابا کي ڏاڍا ايلاز ڪيا آهن. پر 30 هزار نہ ٿو ڏئي. مس مس وڃي 25 هزار ڏيڻ تي راضي ٿيو آهي. ان ڪري ها ڪئي مانس تہ متان ڪٿي ان تان بہ ڦِري نہ وڃي.“

”راهي، صفا ڪو درويش آهين. اڙي بابا آزاد ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ آهي. پٽهس ايڪسائيز ۾ ڪلارڪن جو صاحب آهي. ڏنو نہ ٿي تہ آزاد ڪيڏو جذباتي آهي. جڏهن نہ هڪ بہ ڏينهن ضد ڪري ها تہ پاڻهي 30 هزار ڏينس ها.“

”پر آغا صاحب...“

”چڱو هاڻي ڇڏ جند ڪڍ. اهي پنج هزار مون کي ڏي. جلدي ڪر.“ آغا زمان رڪائي مان راهيءَ کي چيو.

”پنج ئي ڏيانوَ سائين؟“

”ها، ها پنج ئي هزار ڏي.“ آغا اکين تان چشمو لاهي قميص جي اڳ سان ان کي صاف ڪندي پنج هزار راهيءَ کان وٺي کيسي ۾ وجهي ڇڏيا.

”بس نہ سائين؟“

”بس ٺيڪ آ راهي.“

”پر سائين ٻڌايانوَ ٿو ڪاپيون ڪل ادائي سؤ پبلش ڪرائيندومانوَ. باقي چوندومانس تہ ادائي سؤ آغا صاحب کي ڏنيون آهن. جيڪي هو Complimentary Copies طور سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جي اديبن ڏانهن موڪليندو ۽ ان سان گڏوگڏ آزاد کان پوسٽ جو بہ خرچ وٺنداسين.“

”راهي، وڏو ظالم آهي.“

”ڇڏيو آغا صاحب، مون کي بہ حيدرآباد جو چڪر ۽ پنج هزار مس وڃي بچندا.“

”ڇڏ ڇڏ راهي، اهي چالاڪيون وڃي ٻين سان ڪر. توکي مون کان وڌيڪ ٻيو ڪير سڃاڻي. توکي گهٽ ۾ گهٽ اٺ هزار بچندا.“

”نہ نہ آغا صاحب، يقين ڪريو ايترا نہ بچندا.“

”هل راهي، ڇڏ ان رينگٽ کي. پنج بہ گنج اٿئي. پر ٻُڌ ڪتاب جي مهورت وڏي ڌوم ڌام سان رچائجانءِ.“

”آغا صاحب، فڪر ئي نہ ڪريو. سڀاڻي کان ان مهورت جي Assignment تي ڪم شروع. آزاد کي اصل اهڙو ٿا تيار ڪريون جو ڇا ياد ڪندؤ. ۽ ها راهي ٻڌ منصور جو ديوان ڪڏهن ٿو آڻين؟“

”آغا صاحب، منصور بہ تيار آهي. اسلم هاتف بہ ڪلھ شاعري ڏئي ويو آهي. پروانو عظيم ۽ سُندر بہ تيار آهي ڪتاب شايع ڪرائڻ لاءِ بس آغا صاحب هن سال رڳو ڪتاب، انهن جون مهورتون ۽ دعوتون ئي دعوتون آهن.“

”اتي رڪينس نہ راهي.“ آغا راهيءَ سان تاڙو ملائيندي چيو.

”رُخسار ٻڌ نہ، اڙي ايڏو ڏکين ڇو ٿي... بہ گهڙيون تہ بيھ...“

”آزاد چريو تہ ناهين. ٻانهن مان تہ هٿ ڪڍ. ڪٿي امان نہ ڏسي وٺي؟“

”ساھ نہ وڃئي، ها هي وٺ. هي منهنجي ڪهاڻين جو ڪتاب شايع ٿي ويو آهي. اڄ ئي مليو آهي. سوچيم ڪتاب جنهن کي ارپيو اٿم پهريان انهي کي ڏئي اچان ۽ تون آهين جو سڌي منهن ڳالهائين بہ نہ ٿي.“

”سچ تنهنجو ڪتاب اچي ويو آزاد؟ منهنجي نالي ڪيو اٿئي؟“

”ها رُخسار توکي ئي ارپيو اٿم.“

”پوءِ منهنجو نالو بہ لکيو اٿئي ڪتاب ۾.“ رخسار معصوميت وچان آزاد کان پڇي ورتو.

”پنهنجي پهرين تخليق، پنهنجي وجود، پنهنجي روح ۽ ساھ جي ان تند کي ارپيان ٿو جنهن کانسواءِ زندگي موت مثل آهي.“

رخسار آزاد جي چپن تي هٿ رکي ان کي خاموش ڪرائي ڇڏيو.

”آزاد پٽ، تون آيو آهين ڇا؟“

”ها ماسي، مان هاڻي ئي آيو آهيان. هي منهنجي ڪهاڻين جو ڪتاب شايع ٿي ويو آهي. سوچيم ماسات فيروز کي ڏئي اچان.“

”پوءِ اچ نہ ويھ، فيروز ٻاهر ويو آهي، ڇاڻ آيو.“

”نہ ماسي، مان هاڻي هلان ٿو. فيروز لاءِ ڪتاب رخسار کي ڏنيون پيو وڃان. باقي ماسات سان موبائيل تي رابطو ڪيان ٿو تہ منهنجي ڪتاب جي مهورت جي تقريب ۾ ضرور اچي. ٻين لاءِ بہ دعوتِ عام آهي، شريڪ ٿيڻ تي خوشي ٿيندي.“ آزاد رخسار جي نظرن سان الوداعي نظرون ملائي گهر کان ٻاهر هليو آيو.

”دوستو، ايڪو سائونڊ ۽ مووي رڪارڊنگ جي بڪنگ ٿي چڪي آهي. سڀ ڪارڊ ورهائجي چڪا آهن. جهنڪار جي ايڊيٽر صاحب ۽ ٻين ٻاهرين مهمانن لاءِ هوٽل جا بہ ڪمرا اڳواٽ بڪ ڪرائي ڇڏيا آهن. مهمانن لاءِ اجرڪ ۽ بيج ٺهرائي ورتا آهن. پريس جي دوستن کي فردن فردن دعوت ناما پهچائي ڇڏيا آهن. مهورت جي تقريب لاءِ بہ ڪاميٽون سليمان صالح ۽ عزيز صحرائي جي اڳواڻيءَ ۾ قائم ڪيون ويون آهن. جنريٽر لاءِ پڻ اڳواٽ بڪنگ ڪرائي ڇڏي آهي. فوٽوگرافيءَ لاءِ پڻ ايڊوانس بڪنگ ٿي چڪي آهي. وڌيڪ جيڪو سنگت جو حڪم ٿئي.“ رابيل راهي گڏجاڻيءَ کي مفصل بريفنگ ڏيندي چيو.

”راھ صاحب، ٺيڪ آهي، هاڻي گڏجاڻيءَ جو اختتام ڪيو. اوهان ۽ آزاد بہ منٽ ٻاهر اچو، اوهان سان ڪجھ خلاصو ڳالهائڻو آهي.“

”آزاد بابا، غور سان ٻڌ. خير سان ڪتاب شايع ٿيڻ وارو مرحلو پورو ٿيو آهي. هي جيڪو مهورت وارو مرحلو آهي اهو ڏاڍو اهم مرحلو آهي. جيڪڏهن اهو مرحلو ڪاميابيءَ سان پنهنجي تڪميل کي پهتو تہ سمجھ سموري محنت سجائي وئي. تون تہ پاڻ ڏسين ٿو تہ مرڪز جي دوستن مون سميت ڪيڏي نہ محنت ڪئي آهي. هفتي کان وٺي تنهنجي ان مجموعي واري مهورتي تقريب کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڏينهن رات سيني هڪ ڪري ڇڏي آهي. جيڪو اسان جو گڏيل فرض بہ آهي.“

”آغا صاحب، اها اوهان جي شفقت ۽ مهرباني آهي. نہ تہ ڪٿي اوهان مها اديب ۽ ڪٿي اسان سيڪڙاٽ.“ آزاد فرمانبرداري ڏيکاريندي چيو.

”نہ بابا نہ، آزاد ۽ سيڪڙاٽ. آزاد تہ اسان جي ڌرتيءَ جو سر موڙ ڪهاڻيڪار آهي، ڪيئن راهي صاحب؟“

”درست پيا چئو آغا صاحب.“ راهي چيو.

”ها تہ آزاد، مون پئي چيو تہ اوهان جي ڪتاب جي مهورت جي تقريب ۾ وڏا ناميارا اديب ڪهاڻيڪار ۽ خاص ڪري ماهوار جهنڪار جو ايڊيٽر صاحب اچي پيو. بابا وڏا ماڻهو آهن، انهن جا شوق ۽ فرمائشون بہ نراليون آهن. سيني ٻاهرين دوستن خاص ڪري ايڊيٽر صاحب فرمائش ڪئي آهي تہ وسڪي جو ائٽم هجڻ ضروري آهي.“ آغا زمان چشمو سيٽ ڪندي پنهنجو ٻئي عقابي اکيون آزاد جي چهري تي مرڪوز ڪري ڇڏيون.

”ڀاءُ آزاد، بہ چار پيئگ هڻندا تہ جي اٿندا.“

”۽ مهل ڏسي ايڊيٽر صاحب کي چئبو تہ ’آزاد ڪارنر‘ جو اهتمام ڪري. پوءِ تہ اصل واھ واھ ٿي ويندي.“ راهي بہ موقعي جو فائدو ورتو.

”بابا آزاد، تون تہ ڄاڻين ٿو، اسين آهيون فقير منش

ماڻهو، انهن شين جي ويجهو به نه آهيون. پر ڪڏهن ڪڏهن سنگت جو ڀرم رکڻ خاطر اهو ڪوڙو ڍڪ ڀري ويندا آهيون.“

”ٻيا ته سڀ انتظام تو اڳواٽ پئسا ڏئي پورا ڪرائي ڇڏيا آهن. باقي بابا وسڪيءَ جو ضرور بندوبست ڪرڻو آهي. ٻيا چون ها ته نتائڻ سولو هو، پر ايڊيٽر صاحب جي فرمائش آهي تون پاڻ ڄاڻين ٿو ته ڪيترو نه سخت گير آهي. سڀ اديب دانهون ڪندا آهن. پر تو تي ڪيڏو نه مهربان آهي. ڪڏهن تنهنجي ڪنهن ڪهاڻي کي ڪا ڪينچي هنيائين. ته بابا اسان کي به ته ان جو خيال رکڻ گهرجي نه. اڃا اسان جا ان ۾ گهٽا ڪم آهن. تنهنجو ناوليٽ به ماهوار جهنڪار ۾ شايع ڪرائڻو آهي.“ آغا زمان ڌيرج سان ڳالهائيندي پئي ويو.

”آغا صاحب، اوهان ته ڄاڻو ٿا اوهان جي بيحد اسرار تي مون مهورت جي تقريب لاءِ حامي ڀري. بابا اڳ ڪتاب لاءِ پئسا ڏنا، مهورت لاءِ پئسا گهرياماڻس ته صفا انڪار ڪيائين. پوءِ به پنهنجي بائيڪ وڪڻي سڀ پئسا رابيل راهيءَ کي ڏئي مهورت جا اڳواٽ انتظام ڪيا آهن. باقي وسڪي لاءِ پڻ ڪوشش ڪيان ٿو.“

”ڪوشش نه بابا آزاد، وسڪي حاضر ڪرڻي آهي. جي مون وٽ معاشي تنگي نه هجي ها ته مان ۽ رابيل راهي تو تي اهو به بار نه رکون ها. اهي پنج هزار پاڻ خرچ ڪري ڇڏيون ها.“

”ٺيڪ آ آغا صاحب، مان بندوبست ڪيان ٿو. هاڻي مون کي اجازت ڏيو ته مان ڪو هٿ پير هڻان ته جيئن اڄ شام تائين خريد ڪري ڇڏجي سڀاڻ مهورت وقت فرصت ئي نه ملندي.“

”ٺيڪ آ بابا.“ مجنون آزاد کي اجازت ڏيندي موڪلايو.

”آغا صاحب، هڪ منو ٿا سڀ ڪسرون ڪڍؤنس.“

”راهي، وقت جو فائدو وٺ، لوهه تتل آهي، ڌڪ هڻي ڪڍينس.“

”آغا صاحب پئسا ڪونه اٿس. صفا ٻُنگ لڳو پيو آهي.“

”اڙي راهي، سڪيلڌو ٻار آهي. نالي جي چُوسَ لڳي اٿس. شهرت جو نشو عام نشن کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. پاڻهي هٿ پير هڻي ايندو. پر ٻُڌ پنج هزار وٺي رکو به بوتلون وٺي اچجانءِ. شراب ڏسي گهڻن جو وات گودو ٿي ويندو آهي. بس چڪڙو چڪڙو پياري ٿورو ڪنداسين. باقي پئسا امانت طور پاڻ وٽ رکجانءِ ته پيا محفلون مچائينداسين. پيٽسان پيئڻ جي به موسم آ ته جيئڻ جي به...“

”آغا صاحب، جيڪو حڪم سائين جن جو، باقي هن سال پنهنجا نَتَ ئي نَتَ آهن. رڳو ڪتاب ئي ڪتاب، انهن جون مهورتون ۽ انهن جون تقريبون ئي تقريبون.“

”سائين منهنجو ته ٻچو هو، منهنجي ته جان هو. جگر هو. مان هُن جي تربيت پنهنجن ٻچن جيان ڪئي. مون کي ته يقين نه ٿو اچي ته آزاد جهڙو نوجوان ائين خودڪشي ڪري ڇڏيندو. هُن کي ڪا به تڪليف، ڏک ۽ غم نه هو. جيڪڏهن هجيس ها ته اسان کي پل نه ٻڌائي ها. پر علي محمد خان کي والد جي حيثيت ۾ ته خبر هجي ها. علي محمد خان هر حال ۾ آزاد کي سکيو ۽ آسودو رکيو. علي محمد خان جهڙا نيڪ، صالح، سخي مرد ۽ پيار ڪندڙ والدين قسمت سان قدرت ڪنهن ڪنهن کي عطا ڪندي آهي. بس افسوس اهو آ ته آزاد...“ آغا زمان آزاد جي تڏي تي ادبي مرڪز جي ساٿين سميت ڏنڊ ڪرڻ ۾ پئجي ويو.

”آغا صاحب پليز پاڻ کي سنڀاليو. ٻن ڏينهن کان وٺي مسلسل اوهان جي اها ڪيفيت آهي. خدارا پنهنجي حال تي رحم ڪريو. اسان ساٿين کي دلجاءِ ڏيو. آزاد اسان کان جدا ٿي ويو آهي. ان حقيقت کي هاڻي اسان کي تسليم ڪرڻو پوندو.“ دلدار پياسي پاڻ به ڳالهائيندي سڏڪن ۾ پئجي ويو.

”راهي، ڏي خبر ميان علي محمد تڏو ٿيو يا نه؟“ آغا زمان مجنون ادبي مرڪز جي آفيس ۾ ويٺل سيني ساٿين مان راهي کي مخاطب ٿي سوال ڪيو.

”آغا صاحب، ڪالهه توهان تڏي تي نه جيڪو رُنا ان ڪانپوءِ ميان علي محمد جو رويو تبديل ٿي ويو. اصل ڇهري جا تاثر ئي متجي ويس. نه ته پهريان ته سائين اسان کي پئي ڏنائين ته جڻ رت تي نظر پئي پيس.“

”راهي، سچ ٿو چوين. مون کي ته ڏاڍو خوف ٿيو ته متان ڪٿي اسان تي ته ايف آءِ آر ڪٽرائي ته آزاد جي خودڪشيءَ جا ذميوار هي آهن. ان ڪري ڪالهه وارو سين ضروري هو.“

”صحيح پيا چئو آغا صاحب، ان ڪري ته اسان به جوابي روئڻ ۾ اچي جو ڇتاسين ته انهن جا مٽ مائٽ، پاڙيوارا، دوست يار دنگ رهجي ويا ته مار هنن جا عزيز به ايترا پار نه ٿا ڪدين، جيترا هن جا اديب دوست پيا رانياٽ ڪن؟“

”سائين آزاد جي سؤٽ ڪالهه مون کي پئي ٻڌايو ته پنج هزار نه ملڻ تي آزاد، ان جي والد ۽ سندس امڙ جو ڏاڍو جهيڙو ٿيو. آزاد والد صاحب سان ڏاڍو جذباتي ٿي ويو. ۽ ميان علي محمد کي گهٽ وڌ به ڳالهايائين جنهن تي امڙ چماٽون وهائي ڪڍيس. ان ڪانپوءِ آزاد پاڻ کي ڪمري ۾ بند ڪري پستل جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي. راهيءَ آغا پاڻ ۾ نظرون ملائي جانب ڪان وڌيڪ حال احوال وٺڻ لڳا.

”ها جانب، ٻيو ڇا پئي ٻڌايائين؟“

”آغا صاحب ٻيو ته ڪجهه نه ٻڌايائين، بس ايترو چيائين ته آزاد جي امڙ آزاد کي ساري ساري ڏندڙين پئي پئجيو وڃي. چيائين ته لڳي ٿو ته ان جو بچڻ مشڪل آهي.“

”ها سائين، اڪيلو ۽ سڪيلڌو اولاد هيس نه.“ عزيز صحرائي تڏو شوڪارو ڀريندي چيو.

”سائين، بس ته ڪيو عزيز صحرائي صاحب.“ راهي ادبي مرڪز ۾ پيل ٽي-وي جي اسڪرين ڏانهن سيني جو ڌيان ڇڪائيندي رڙ ڪئي،

”جمن، او جمن.“

”جي راهي صاحب.“

”اهو رموٽ ته ڪٽي ڏي وارو ڪر.“

”اڙي يار جمن آواز ته ڏينس.“ سليمان صالح به ڳالهائي ورتو.

”دوستو، خاموشي اختيار ڪيو. نيوز ڏسو ڪالهه آزاد جي ٿيجهي تي ٽي-وي وارن جيڪي اسان جا تاثر رڪارڊ ڪيا هئا، اها رپورٽ پئي هلي.“

”واهه راهي صاحب واهه، هن نئين رپورٽر سان به سيٽنگ ڪري ورتو. ڪالهه تاثر رڪارڊ ٿيا اڄ نشر پيا ٿين.“

جانب تعريفي ڪلمات پورائي نه ڪيا ته آغا ڇڙٻ ڏيندي چيس، ”بس ڪر جانب، نيوز ته ڏسڻ ڏي.“

”آزاد نئين ٿهي جو سرموڙ ڪهاڻيڪار هو ته ان سان گڏوگڏ هن سماج جو باغي فرد به هو. آزاد هن سماج جي هٿ ٺوڪين روايتن سان بغاوت ڪئي. هن جي ڪهاڻين ۾ اسان جي سماج اندر پيدا ٿيل گندگي تي ٺٺول ئي ٺٺول آهي. هن خودڪشي ڪري سماج تي ٿوڪاريو آهي. هو ڪو روايتي ڪهاڻيڪار نه هو. پر هو روايت شڪن ڪهاڻيڪار هو. آزاد سنڌ اندر مئل ڪهاڻيءَ ۾ نئون ساهه وڌو. آزاد جون ڪهاڻيون امرتا ماڻي چڪيون آهن. هن جون ڪهاڻيون ايندڙ نسل لاءِ مشعل راهه آهن.

آزاد، جمال ابڙي جو تسلسل ۽ امر جليل جو خواب هو. هُو علي بابا جو جانشين ۽ نسيم کرل جو ارمان هو. هُو ماڻڪ سان بيحد پيار ڪندو هو اڄ ماڻڪ سان حقِ ادائي ڪري اسان کي هميشه لاءِ اڪيلو ڇڏي ويو آهي. مون آزاد جي ائين تربيت ڪئي جيئن پيُءَ پنهنجي اولاد جي ڪندو آهي.“ رپورٽ پوري ٿي.

”واهه آغا صاحب واهه، ڇا ته شاندار ڳالهايو اٿو. هيءُ رپورٽر لڳي ٿو ته ڪو ادب دوست آهي. اصل لفظ به لفظ ڏنو اٿائين.“

”عزيز صاحب، ٿوري خاموشي، اسڪرين تي به نظر وجهو.“

”او هو يارو، راهي صاحب به نمودار ٿيو آهي.“

”سائين عزيز، خدا جي واسطي ٿوري خاموشي.“

”آزاد منهنجو نه صرف دوست هو پر منهنجو آئيڊيل ليکڪ به هو. هن سان روح جا شتا هئا.“ واهه سائين راهي صاحب واهه.

”هو ڏانهن، هو ڏانهن ڏسو اوهان به آهيو.“

دلدار پياسي ٽي-وي اسڪرين تي پنهنجو چهرو ڏسي اسٽل پي ٿي ويو.

”آزاد خودڪشي نه ڪئي آهي پر سنڌ جي ڪهاڻي خودڪشي ڪئي آهي. آزاد جهڙا ڪهاڻيڪار صدين کان پوءِ جنم وٺندا آهن.“

اڃهو عزيز صحرائي به اسڪرين تي اچي ويو.

”آغا صاحب، تمام وڏي رپورٽ ڏني اٿائين، ان رپورٽر جو ٿورو ٿيو. ڏاڍو ڪو ذهين ماڻهو آهي.“

”واقعي دلدار اسان کي وڏي ڪوريج ڏني اٿائين. شابس هجيس، ان رپورٽر جو ٿورو لاهبو.“

”آغا صاحب، اسان جون به محنتون آهن.“ راهي پنهنجون پوانٽس ٿاهيندي چيو.

”واقعي راهي هيءَ رپورٽ تنهنجي ئي بدولت هلي آهي.“

”هي وري ڪٿان نازل ٿيو، آغاز مان رڙ ڪري وري سيني جو ڌيان ٽي-وي اسڪرين ڏانهن ڇڪايو.

”الائي سائين.“ راهي جواب ڏنو.

”دوستو، بس ته ڪيو. ڏسئون ته چوي ڇا ٿيو؟“ راهي سيني کي خاموش ڪرائيندي چيو.

”سنگهار آ نه دلدار؟“ سليمان صالح پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.

”ها سليمان، سنگهار آهي. ٻُڌ ته صحيح.“

”آزاد مون ڏانهن مهورت واري پروگرام جو دعوت نامو کڻي آيو هو. مون ان کي ڏاڍو سمجهايو ته آزاد تون ڏاڍو سادو آهين. يار اهي تو وارا اديب، دانشور وڏا خفتي آهن. اهي ادب جي ڪا به خدمت نه پيا ڪن. اهي

شهرت جا بکيا ۽ صدارتن جا شيدائي آهن. انهن کي رڳو اخبارن جي خبرن ۽ ٽي- وي چينلز تي نمايان رهڻو آهي. اهي تو جهڙن دوستن کي جمال ابڙي، امر جليل، علي بابا، ماڻڪ ۽ نسيم کرل سان مشابهتون ڏئي بيوقوف بڻائي پنهنجا ادبي سرڪل ۽ نام نهاد لقب سجايون ويٺا آهن.

”آزاد خودڪشي نہ ڪئي آهي پر ان کي نالي ۽ شهرت جي لسٽ ۾ مبتلا ڪرائڻ وارن ان کان خودڪشي ڪرائي آهي. آئون مطالبو ٿو ڪريان تہ گهڻ رُخي جانچ ڪئي وڃي تہ آخرڪار اهي ڪهڙا ڪارڻ هئا جو آزاد پنهنجي ڪتاب جي مهورت کان چند ڪلاڪ اڳ خودڪشي ڪئي. ان جانچ ۾ مون سميت ان جي سموري ادبي سرڪل کي شامل ڪيو وڃي.“

”نالائق، خبيث. جاهل.“ آغا زمان مجنون رپورٽ پڙهي ڪاوڙجي پيو.

”جمن.“

”جي آغا صاحب.“

”بند ڪر اها ٽي-وي.“

”...“

”ڏسي رهندس مان ان سنگهار کي ۽ ان بيوقوف رپورٽر کي.“

”ادبي مرڪز ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. هر ڪنهن هڪٻئي جا ٻوٽ پئي تڪيا. آغا زمان جو چهرو لعل ۽ هٿن ۾ رڪڻي هئي. راهي ٻوٽ پيلو ڪيون موبائيل سان اجائي سجائي حرڪتون ڪري رهيو هو.

ڪنهن کي بہ ڳالهائڻ جي جرئت نہ ٿي، آخرڪار سليمان صالح دوستن کان موڪلايو تہ غنيمت ڄاڻي ٻيا بہ آهستي آهستي موڪلايون هليا ويا. ’جمن تون پلي هل، مرڪز جو تالو مون کي ڏي مان ۽ آغا صاحب ٿوري دير ويهي پوءِ مرڪز بند ڪري وڃون ٿا.‘

”جيڪو حڪم راهي صاحب.“

”ڇڏيو آغا صاحب، پنهنجو موڊ سيٽ ڪيو. ڪير ٿو سنگهار جي ڳالهين کي ڪنگهي، ڪجهہ ڏينهن ۾ سيني کان سڀ ڪجهہ وسري ويندو. تہ ڪير هو آزاد ۽ ڪنهن ڪئي ۽ ڪيئن ڪئي خودڪشي؟ هي ڏسو اڄ نئين نڪور ۽ توهان جي پسنديده برانڊ جي ٻوتل وٺي آيو آهيان. راهي ڪبٽ مان ٻوتل ڪڍي آغا جي پر ۾ ويهي آڏو واري ڪيسي مان هزار هزار جا ڏهہ نوٽ ڪڍي آغا کي هٿ ۾ ڏيندي چيو، ’آزاد جي مهورت واري پروگرام جي ايڊوانس بڪنگ جا اڄ سڀ پئسا وٺي آيو آهيان. هي اوهان جو حصو آهي.“

”...“

”۽ ها، هي مڏ بہ ان پئسن مان وٺي آيو آهيان.“

آغا زمان چشمو نڪ جي چوٽي تي رکي راهي جي چهري کي چتائي ڏٺو.

”راهي، آغا زمان جي نظرن سان نظرون نہ ملائي سگهيو. صوفي تان اٿي بہ گلاس ڪٺي آغا زمان جي اڳيان پيل ٽيبل تي رکي پاڻ بہ آغا جي سامهون ويهندي چيائين،

”اڄ اسلم هاتف بہ 10 هزار ڏئي ويو آهي. هفتي ۾ ان جي شاعريءَ جا ٻئر ملي ويندا تہ پوءِ بقايہ هزار ڏيندو. ڪتاب شايع ٿيڻ کانپوءِ مهورت جو بہ خرچ ڏيندو.“

آغا زمان جو چهرو ٻهڪي پيو. راهي کان گلاس وٺي سگريٽ دکائي وڏو ڪش هڻي چيائين،

”اٿي رکينس نہ راهي.“ ■

## سعيد ميمڻ جون وايون

فرق نہ پوندو ڪوءِ
پوءِ اسان کان پوءِ
سُورج ايندو سِنڌُ ۾.
ڦُٽندا گل بهارَ ۾
خوشبو ڏيندا توءِ
سُورج ايندو سِنڌُ ۾.
آهي ڪو جو پاپ کان
ڌرتي ساري ڌوءِ
سُورج ايندو سِنڌُ ۾.
لاهہ نَہ اُوندهہ ۾ هينئون
بارَ ڏُکن جا ڍوءِ
سُورج ايندو سِنڌُ ۾.
سمجهائي ڪو سعيد کي
راهُن ۾ نا روءِ
سُورج ايندو سِنڌُ ۾.

هِت سَرابي پَٽَ
۽ ڪَي قاتل گهٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
ڪئي مسافر ويسرا
لٽي ويئي لَٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
پَٽر پَٽر هينئڙو
جنهن نَہ سَٺي هُئي سَٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
ڏوگِهيا جيءَ ڏهاڳ ۾
مَئہ خانن جا مَٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
ڪنهن جي منزل ’معرفت‘
ڪي ڄاڻو، ڪي ڄَٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
جڳُ آ هَٽُ دولابَ جو
ڪيئي ڪوٺا وَٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
ڪنهن سان ڇا ناراضگيون
جيئنداسون ڪا جَهٽَ
جوڳي هِن جَهان ۾.
سعيد، نہ پاتو ڪنهن ڏسا
ڪوئي ساجُن مَٽ
جوڳي هِن جَهان ۾.

ريهُون ڪَريان رُوح
ڪاڏي پايان جُوهَہ
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي.
ڪاڏي ڪنديس مانِ اهي
سُهڻا ڪَڙا ٿُوهہ
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي.
جي مان پيئڻ تي پوان
کُٽي وڃن ڪوهَہ
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي.
سَرتي، سَورِ نہ آرسي
ڪهڙي ناهَہ ۽ ٿُوهہ
تن ۾ تؤنس پرينءَ جي. ■



## امر ساحل

### ڏوهہ باس...

اسان کي ورهہ ۾ جلايو نصيبن
سدا رقص ٿاندن ڪرايو نصيبن
اسان هر نظر ۾ تماشا هئاسين
رقاصا الائي تہ ڇا ڇا هئاسين
غمن جي ڏنن تي نچايو نصيبن
سدا رقص ٿاندن ڪرايو نصيبن

قلندر هجون ها تہ پوڄي ها دنيا
جي شنڪر هجون ها تہ پوڄي ها دنيا
ائين پاڻ ڪاٿي ڏڪاريا وڃون ها
جي پٿر هجون ها تہ پوڄي ها دنيا
خدا سان نہ شڪوو، ستايو نصيبن
سدا رقص ٿاندن ڪرايو نصيبن

نہ زلفن جي شامن سمهاريا وياسين
نہ تنهنجي لبن سان پڪاريا وياسين
مگر در وتوسين ڪڏهن تنهنجو پلجي
تہ مهڻن سان تنهنجي ڌڪاريا وياسين
ڦِٽايو رقيبن، مٽايو نصيبن
سدا رقص ٿاندن ڪرايو نصيبن

نہ مندر ۾ ويٺل پوڄاري ٿياسين
نہ مسجد جا ڪڏهين نمازي ٿياسين
ڪياسين جي توکي ئي سجدا ڪياسين
انهيءَ لاءِ ڏاڍا گنهگار ٿياسين
ڪيو ڪفر سين يا ڪرايو نصيبن
سدا رقص ٿاندن ڪرايو نصيبن.

## نازسِرڪي

هُوءَ جا هڪڙي ديد ڪري وئي
جيون ڄڻ تہ خريد ڪري وئي
جيئن جو هير ڏکڻ جي پهتي
تنهنجي سار شديد ڪري وئي
هجر جا روزا ڪالهہ ڪٽا ها
وصل ڪري اڄ عيد ڪري وئي
ماڻهن وانگي مٽجي ويئي
ڪهڙي ريت جديد ڪري وئي
ماضيءَ وارو ’ناز‘ ڪٿي آ
حال مٿان تنقيد ڪري وئي.

## عمران انجم

چاهتن جا ويس پائيندي رهي
زندگي هر روز گهائيندي رهي
هر خوشي ڄڻ رڃَ ۾ پاڻيءَ جيان
تاس تن- من کي ڏڪائيندي رهي
هوءَ چوواٽن تي ڪنهنجي واسطي
ديپ نيڻن جا جلائيندي رهي
زندگيءَ کان راحتون انجم گهريون
هوءَ مگر چٽرون اڏائيندي رهي. ■

# مفاهمو



ساڄي محبوب

”هو ماڻهو ڏسين ٿو؟“
”ڪهڙو؟“
”هو سامهون، جيڪو ڪيبن وٽ بيٺل آهي.“
”ها. اُن کي ڇا هي؟“
”توکي ڪيئن ٿو لڳي؟“
”ڇو؟“
”ائين، پُڇان ٿو.“
”صاف سٿرو نظر اچي ٿو. سندس شخصيت بہ ڏاڍي خوبصورت، باوقار ۽ موهيندڙ آهي. مون کي ان جي شخصيت ڏاڍو متاثر ڪندي آهي. پر....“
”پر، ڇا؟“
هو سوچن جي ڏيڻ ۾ ڦاسي پوي ٿو.
”خالد، ڇا ٿيو؟ ڪاڏي گم ٿي وئين؟“
”نہ نہ. اتي ئي آهيان.“
”پوءِ بہ؟“
”اصل ۾ مون کي اهو سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهڙيون شخصيتون ڪيئن ٿيون براين جي دز ۾ لٽجي وڃن؟“
”برائي جي دز؟“
”ها برائي جي دز. مان ان کي برائي جي دز ڪوٺيندس.“
”شخصيت سان تعلق ناهي هوندو. ماڻهو ڪنهن بہ شڪل شبيهہ ۽ روپ ۾ برائي جي دز ۾ غرق ٿي سگهي ٿو. اُهو ڪوجهو هجي يا خوبصورت.“
”سچ ٿو چوين يار.“
خالد وري خيالن جي ڪُن ۾ غوطا ڪائڻ لڳو. مون محسوس ڪري ورتو تہ هو وڏي ڪرب/تڪليف واري ڪيفيت مان گذري رهيو آهي.
”خالد، خالد...“ مون ڪلهي کان وٺي ڪيس لوڏيو.
”هون.“
”ڪاڏي ٿو هليو وڃين؟“
”اتي ئي آهيان. تنهنجي علائقي ۾ توسان گڏ.“
”...“
وسيم چوندا آهن تہ شاعر/اديب لاءِ معاشري جو هر ڏک هن لاءِ پنهنجو ڏک هوندو آهي. ۽ هو ان ڏک ۾ ڏاڍو پوڳي ٿو، ايترو معاشرو بہ نٿو پوڳي جيترو هڪ شاعر/اديب معاشري تي ٿيندڙ ڏاڍ ۽ ظلم تي پوڳي ٿو.“
”سڄي دنيا جو ڏک تنهنجو ۽ منهنجو تہ ڏک آهي.“
”ايئن تہ آهي.“
”پر هن وٽ ڪهڙو ڏک آهي. مون کي تہ هنجو ڏک هن جي چهري تي ڪٿي بہ نظر نٿو اچي. هو هشاش بشاش ۽ ڏندو مٺو لڳو پيو آهي.“
”سچ ٿو چوين.“
”واقعي هن وٽ ڪو ڏک ڪونهي، مون سدائين ڪيس صاف سٿرو ڏٺو آهي. ۽ نہ وري هن کي پنهنجي ڪيل ڪنهن ڪُڌي ڪني ڪرتوت تي ڪو پُڇتاءُ ئي آهي.“
”ڇا ڪيو آهي هن، جو توکي پيا وَڍَ پون؟“
”مونکي ڇا لاءِ وَڍَ پوندا. منهنجو مائٽ يا عزيز؟ جو منهنجي بيعزتي ٿيندي. هن نڪ وڍايو آهي تہ پنهنجو. منهنجو ڇا؟“
”هن ڪيئن پنهنجو نڪ وڍايو آهي؟ ٿورو کُلي ڳالهاءِ. ڪجهہ مان بہ سمجهان. يا رڳو ڪسوٽي ڪيڏيندين. ڇٽو ڪر جي هن پنهنجو نڪ وڍايو آهي تہ توکي تڪليف نہ ٿيڻ کپي. هنجو نڪ هن جي منهن تي نانگ جيان ڪَرَ ڪنيو بيٺو آهي.“
”...“
”جيڪڏهن هن ڪجهہ اهڙو خراب ڪم ڪيو بہ آهي تہ هن کي ڪا پشيماني ڪانهي ۽ تون وري اندر ئي اندر ۾ پور پيو ٿين.“
”مان ڇو پور ٿيندس.“

”سائين چانهہ وٺو.“
مون گرم گرم چانهہ مان سُرڪ پري.
”يار، چانهہ ۾ نُڪَ مزو ڪونهي.“
”سائين، مان ڇا ڪيان ڪاڙهڻ واري جو قصور آهي.“
”اڙي بابا، توسان وڙهان نٿو. اجايو ٿو چرڪين. چانهہ ڪاڙهڻ واري کي پارت ڪئي سين. پر هن اسانجي ٻُڌي اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي. روز جا گيراڪ آهيون.“
”سائين، چانهہ واپس ڪيو. ٻي ٺهرائي اچان ٿو.“
”ٿوري ڪڙڪ هجي.“
”حاضر سائين.“

ٺاٺا، گولين جا ڪجهہ فائر ٿيا.
”خالد هي تماشو ڪيستائين هلندو؟“
”بس يار، هي روز جو معمول بڻجندو ٿو وڃي. جيستائين اهي بڇڙا ماڻهو فائر نٿا ڪن تيستائين انهن جي ماني هضم نٿي ٿئي.“
”انهن کي ڪير روڪڻ وارو ڪونهي؟“
”...“
”پوليس؟“
”پوليس پاڻ انهن لوفرن سان شامل آهي. لوفر دوڪاندارن ۽ علائقي وارن ڪان ڀُتا وٺن ۽ پوليس وري انهن لوفرن ڪان هفتا وٺي، قصو ايئن پيو هلي.“
”سائين، چانهہ.“
”چانهہ ڏسڻ ۾ تہ لاجواب ٿي اچي. پي ڏسون تہ خبرپوي.“
”سائين توهان جي پارت ڪئي هئي مانس.“
”خالد، اسانجو معاشرو/سماج ڪاڏي پيو وڃي. سمجهہ ۾ ئي نٿو اچي؟“
وسيم ڪوپ مان ڪوسي سُرڪ پريندي چيو،
”معاشرو اتي ئي آهي. ڪاڏي ويندو؟“
”پوءِ هي ظلم، جبر، ڦرلٽ ۽ خونريزي؟“
معاشري جا ٺاهيندڙ بہ اسان آهيون، اسان جي مرضي ڪيس ڪاڏي بہ وٺي وڃون. هو اسان سان هلندو.
”پُتلي ڏٺي اٿئي؟“
”ها ڏٺي اٿم.“
”اسان معاشري کي پاڻ ٺاهيون. ۽ پاڻ ڊاهيون ٿا. ۽ وڏي ڳالهہ تہ ان کي پُتلي جيان نچايون ٿا.“
”پر معاشرو پتلي تہ ڪونهي؟“
”پُتلي تہ آهي. پتلي ٻين لفظن ۾، تماشو.“
”معاشرو، اسان ٺاهي. پوءِ پنهنجي مرضي سان پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيون ٿا؟“
”ڇڏ ڪٽي ديگهہ کي. اهو ٻڌاءِ تہ هن ماڻهو ۾ ڪهڙي برائي آهي، ڇا ڪيو اٿس؟“
”مون کي بہ ٽي ڏينهن ٿيا آهن تو وٽ ايندي، جڏهن بہ تنهنجي ڳوٺ جي ويڪري گهٽيءَ مان مٽيندو آهيان تہ هڪڙو ٿلهو متارو شخص. قدبت ۾ ڊگهو. ۽ رنگ جو ڪارو. هڪ پوري عورت سان گڏ پلنگ تي ويٺو هوندو آهي. گهر جي ڪمري جو دروازو هميشہ ڪليل هوندو آهي. اهو همراهہ (جيڪو ڪئبن وٽ بيٺل آهي) ڪڏهن دروازي تي بيٺو هوندو آهي ۽ ڪڏهن ويٺو هوندو آهي. ۽ ڪڏهن ڪڏهن هوندو ئي ناهي. پر ڪاري رنگ جو همراهہ مون کي ان پڪي پيٺي گوري عورت سان اڪثر نظر ايندو آهي.“
”...“
”بس يار، ڳالهہ ئي نہ پُڇ. مان جڏهن بہ انهيءَ کي ڏسندو آهيان مونکي عجيب لڳندو آهي. اهڙا ماڻهو هن معاشري ۾ زنده ڪيئن آهي؟ انهن کي تہ پنهنجي مرم ۾ ئي مرڻ گهرجي؟“
”ڇو ۽ ڇا لاءِ؟“
”مون کي ٻُڌڻ تو اچي ڳالهہ ڪندي.“
”مان تنهنجون ڳالهيون ٻُڌي ۽ هن ڏانهن ڏسان ٿو تہ مون کي هن جي چهري تي پشيماني جو ڪوبہ گُهنج نظر نٿو اچي ۽ تون...“
”مان پريشان آهيان تہ انهيءَ برائي کي وائڪو ڪيئن ڪيان. انهي مونجهاري مون کي منجهائي وڌو آهي.“
”چانهہ پي، چانهہ پيءُ. چانهہ ٺري ويندي تہ ان جو مزو ختم ٿي ويندو. سيءَ ۾ هميشہ ٻرندڙ باهہ ۾ مزو هوندو آهي چر ۾ نہ.“
”هونءَ بہ چوندا آهن تہ ڪنهن جا عيب نہ ڦلهوربا آهن. اڃان بہ ڏسي پردو رکجي.“
”پر ڪجهہ عيب اهڙا هوندا آهن جنهن جي ڦلهور ضرور آهي جي ڦلهور نہ ڪبي تہ ڏَپَ اٿندي جي ڏَپ اٿي تہ سڄي معاشري کي پنهنجي ٻَڪ ۾ سو گهو ڪري انجو ڳلو گهٽيندي. تنهن ڪري ڏپ جي اٿڻ ڪان پهرين ڦلهورڻ گهرجي.“
”هونءَ بہ جيڪو ماڻهو غلط ڪم ڪندو آهي. اهو ان ڪم کي غلط يا برو نٿو سمجهي. جَي سمجهَي تہ ان کي پشيماني ٿي ۽ پاڻ ۾ سڌارو آڻي. تنهن ڪري تون هروڀرو پاڻ تي ظلم ڪرڻ ڇڏي ڏي، جنهن خراب ڪم ڪيو آهي ان جي چهري تي ڪابہ پريشاني ڪونهي ۽ تو پاڻ کي اڌ چريو ڪري ڇڏيو آهي. هو ڏس ڪيڏي مزي ۾ ويٺو آهي. ۽ ويٺو ٿو پان چباڙي. ڄڻ هن ڪجهہ ڪيو ئي ڪونهي.“
”بابا، اللّٰه جي نانءَ تي خيرات ڏيو.“ فقير، هڪ وڏائي سئن هنئي.
خالد ڪيسي ۾ هٿ هٽي ٿو،
”وسيم، هي ڪم ڏسين ٿو؟“
”ڪهڙو ڪم؟“
”ڏاڍو منافعي بخش اٿئي. نہ سيڙپ نہ نقصان.“
”پنڻ واري ڌنڌي ۾ سيڙپ ئي ڪانهي.“
”ها، جيڪي چالاڪ ۽ ڦڙتيلا فقير آهن. اهي وڏيڪ ڪمائين ٿا. مان گلستان جوهر ۾ هڪ دڪان تي ڪم ڪندو هيس. ڪيترائي فقير منهنجي دڪان جي آڏو گذرندا هيا. انهن ۾ هڪڙو فقير جنهن جي اکين تي ڪارو چشمو ۽ هٿ ۾ ڏانگ هوندي هئي. اڪثر نعتون ڳائيندو ايندو هيو. آواز ۾ ڏاڍو ميٺاس هوندو هيس. ماڻهو ان کي انڌو سمجهي خيرات ڏيندا هيا. الائي ڇو هو مون کي انڌو نہ لڳندو هيو. ۽ هو جڏهن بہ ايندو هيو تہ منهنجو اکيون هن کي غور سان ڏسنديون هيون ۽ ڪجهہ جا ڇينديون هيون. ڇاڪاڻ تہ ان ڪان پهرين مون اهڙو فقير ڏسي چڪو هيس جو هر موڙ جي بس اسٽاپ تي. سو هي بہ فقير انڌو نہ هو. هو اڪثر اوپر ڪان ايندو هيو. نعتون ڳائيندي. هن پيري هي اولهہ طرف ڪان آيو پئي ۽ هن سان گڏ عورت فقيراڻي بہ هئي.“
”...“
”فقير بابا.“ فليٽ جي بالڪوني مان سڏ ٿيو.

# پاڻ جھاتي جھان ۾



شيام ڪمار

**”اڪيلو آهيان، ماڻهوئڙن جي ميڙ ۾.“** (سچل)

**ائين** لڳيم پيو ڄڻ هينئر منهنجو سمورو خاڪي وجود هڪ پڃري ۾ تبديل ٿي ويو آهي جنهن اندر منهنجا باغياڻا ۽ باھ جي اُلن ۾ ٻُڏل خيال، ويچار ۽ نظريا ڇپين جيان لياڪا پائيندا رهن ٿا.

بائيبل ۾ ڄاڻايل آهي، ”خدائي روح پاڻين مٿان سدائين هلندو، سُرڪندو رهي ٿو. بي حساب ۽ اٿاھ 'پاڻي' جيڪي سدائين متحرڪ ۽ ڇُلڪندا پسجن ٿا، ۽ 'زندگي' ۽ 'تخليق' سان سدائين سٽيل آهن. پر، انهن سڀني اپرجدائڪ لقائن ڪان علاوه پنهنجي وجود ۾ سرو وياپڪ (immanent) ابدي حقيقت ۽ ذهانت بہ سمايل آهن.“

پر، انسان گهڻو ڪري ان ابدي حقيقت ۽ ذهانت جي جوت ڪان نِرِوهيو رکيو ويو آهي. خاص طور پاڻ ڪي پسي ان پسماندگي جو شديد ڇيڪو محسوس ٿيندو اٿم.

'سب ڪچھ سيکھا ہم نے
نہ سيکھي ہوشياري۔'

موزارت گهٽي جتن ۽ مٿاڪٽ باوجود پيروميٿيئس ڪي زنجيرن ۾ جڪڙيل ڇڏي مري ويو. پر، اهو بيٿووين هو جنهن هرڪيولس جو روپ ڌاري انهن زنجيرن ڪي ٽوڙڻ ۾ سوڀارو ٿيو. مان تہ هرڪيولس واري عمر ڪان گهڻو مٿي چڙهي اڳتي نڪري آيو آهيان. سُڌِ نہ اٿم تہ منهنجو بيٿووين ڪهڙي پُڙاءُ تي ملندم؟

**'عدم جي راھ، ڪيڏي نہ هموار آهي**
**جنهن هيڪر مٿس پير ڌريو**
**تنهن وري ڪنڌ ورائي پوئتي ڪونہ ڏٺو.'**

مذڪوره مقولي جي اوٽ مان حفيظ شيخ عدم جي پناھ گاھ مان لياڪو پائيندو پسجي رهيو اٿم. هُو بہ سموري ڄمار زندگي جي اَٽاوَن ڇيندڙ پٿريلي رستن تي ٿيڪندو رتو رت ٿيندو رهيو هو ۽ حيات جي آخري گهڙي تائين ڪٿي بہ ٿانئيڪو ڪونہ ٿي سگهيو. مون ڪي چٽيءَ طور ياد آهي تہ نومبر، 1971ع جي هڪ اُداس ۽ اڪيلي خنڪ رات ٿاٽي، ڪنهن مهل، پنهنجي غيرآباد ۽ ويران ٻني جي ٽڪري تي اَڏيل 'بي ساهي' پونگي جي خاموش ڪنڊ ۾ آخري پساھ ڪنيا هئائين. سنڌس 'ڏيرا والڻ' گهر واري، جنهن سان بيحد پيار هئس. اسان جي گهر ٽڪيل هئي. صبح سويري اطلاع ملندي ئي سينٽرل جيل لڳ اڏيل پونگي تي پهچي وياسون. ۽ ساڳئي وقت اسان ٻنهي جون نظرون ويران ڪنڊ ۾ رکيل پڳل ٽٽل کٽ مٿان پيل سنڌس بي جان جسم تي پئجي ڄڻ پنڊ پهڻ ٿڄي ويون هيون.

ڪلاڪ ٻن جي وڇوٽي اندر ماڻهن، دوستن، مٽن مائٽڻ جي آمد شروع ٿي وئي: تنوير عباسي، قائم علي شاھ، غوث علي شاھ، ڊاڪٽر انور علي شيخ، غلام محمد راجپوت، نسيم ڪرل، گل منگي، هادي بخش لاڙڪ، ايس ايم غوث ۽ سنڌس سالا وغيره. ان مهل سنڌس اوچتي لاڏاڻي جي اپار پيڙا پوڳيندي، ڪنڊ ۾ رکيل بي جان جسم ڪي تڪيندي ۽ گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي ڪنهن طرفان آسري، اجهي ۽ آٿت لاءِ شديد خواهش اپرندي محسوس ڪئي هئم.

پر، ان خواهش دوران ئي ڄڻ 'سوفوڪليس' ڪيل جي ان سين جو پردو اچانڪ هيٺ اچي ڪريو ۽ نئين سين جو پردو مٿي کڄندو نظر آيم. هڪ طرف فيصلي موجب حفيظ جي جُسي ڪي حيدرآباد ڪٽي وڃڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون ۽ ٻئي پاسي حفيظ جا 'ڏيرا والي' سالا جهوپڙي اندر ٽڙيل پکڙيل خالي بوتلون، خالي دٻا، ڪِنَ جهڙا ٿانوَ ٿپا ۽ تڇ جهڙي سامان ڪي سميٽڻ، گڏ ڪرڻ ۾ ائين جنبجي ويا ڄڻ بينگال جي وڏي ڏڪار جا پيڙت ماڻهو اُڇلايل وکر ميڙي رهيا هجن. ۽ هيڏي وڏي هاڃي جو مٿائن ڪو اثر نظر نٿي آيو بلڪ 'پاپي صاحب' ڪي بہ ان ڪُڌي ۽ اڻ وسهندڙ حرڪت تي 'تحسين' جي نگاهن سان ڏانهن نهاريندي ڏٺم.

وڇوڙي مهل حفيظ جي عمر 41 ورهيہ هئي ۽ هينئر 41 سالن ڪانپوءِ ساڳيو 'سوفوڪلين' الميہ ڊراموا سانجي زندگي ۾ ٻيهر ورجائجي رهيو آهي. صرف ڪردار بدليل آهن. عمل سوچ ذهنيت ساڳي بلڪ پهرين ڪان بہ وڌيڪ ڪريل ۽ نيچ آهي. هُتي 'ڏيرا والڻ' هئي ۽ هِتي 'ٽريچاٽي' ننهن ۽ ساڪرو پٽ ۽ سنڌس in-laws وغيره.

ٻيئي عورتون ٻُتَ ريگستاني خطي جي پوءِ-ڊائي (upstart) ڪٽنب ۾ جنميل، سپاءُ ۾ شڪ لالچ ڪوڙ ويساھ گهاتي دغا (بقول فتاح ملڪ ميسٽائپ بہ) جي گهاتڪ اُٽن ۽ جزن سان سٽيل ۽ جوڙيل. اهڙين فريبي جيوَ. آتمائن سان جيوليس سيزر جو تاريخي جملو، 'You too Brutus' ڪيڏو نہ نهڪي اچي ٿو.

سخت محنت ڪشالن ۽ زندگي جي جوت جهڪي ٿيڻ تائين 'ماءُ ۽ پيءُ' 41 ورهين، بلڪ ان ڪان بہ اڳ، جي ڊگهي مدت اندر ڳهي ڳهي ڪک ڪک ڪري پن پن ڪري 'گهر ۽ سامان' جوڙيو هو. جڏهن ٻنهي ڄڻن (ٽريچاٽي ۽ ساڪرو پٽ) ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تہ پيرسن ۽ بيمار ماءُ سرحد جي هُنَ پار آهي ۽ پيرسن بيمار پيءُ ڪراچي ويل آهي تہ موقعو غنيمت ڄاڻندي حفيظ جي سالن وانگر 'زن مريد' پٽ ماءُ پيءُ جو 41 ورهين ۾ جوڙيل سمورو اثاثو 'شاهي ڪارٽنن' ۾ پيڪ ڪري، جادوگر ٽريچاٽي جي ابرو جي اشاري سان، گاڏي ۾ وجهي ڪري ائين وڃي inlaws ۽ جادوگرڻي وٽ پناھ ورتي ڄڻ سنڌس ڪو پڇاڻو ڪونہ ٿي سگهندو. ائين پئي پاسيم ڄڻ گهر ۽ قيمتي سامان لٽِ ۽ ڦر جو مال هو ۽ ڪيس بہ سنڌس جوءِ سوڌو لٽڻ ڦرڻ جو پورو پورو اڌيڪار حاصل هو.

هڪ ڀيري روچي رام سان بہ 'ٽرين' جي ان مخصوص 'ڪرپ ڏيارينڊڙ ذهنيت' جو ڪليءَ طور اظهار ڪيو هئم. ۽ وراڻي ۾ پڇيو هئائين تہ سنڌس حيثيت ڪهڙي خاني ۾ فِٽ ٿيڻ جڳائي؟ ڪيس جواب ڏيڻ مناسب ڪونہ سمجهيم. منهنجي آزمودي، مشاهدي موجب اڻ پڙهيل يا پڙهيل ٽري، عام يا خاص ٽري، دئيت يا ديوتا ٽري، پروفيشنل يا نان پروفيشنل ٽري، ڌرمي يا اڌرمي ٽري، بدنصيب يا نصيبن وارو ٽري، ڳوٺاڻو يا شهري ٽري، دانشور يا غير دانشور ٽري، عام طور، ڪيفيت ۽ ڪميت جي لحاظ ڪان صرف مٿي ڄاڻايل هڪ ئي مخصوص خاني اندر فِٽ ٿيڻ جوڳا آهن. پٽ ڪي ڏسي، پرجهي ان جهوني چوٽي: 'سنگ تاري ڪسنگ ٻوڙي' يا 'ڪارو ويهي ڪبري سان رنگ نہ مٽي پر عادت ضرور مٽي' تي وشواس پختو ٿي ويو اٿم.

ڪن ماڻهن جي وجود ۾ نہ وسهڻ ۾ ايندڙ ڪُڍنگائي سان گڏ ڪوڙ ۽ پاڪنڊيپڻو ڄائي ڄم ڪان پروش پائيندو رهي ٿو. ان ڪي موروثي ڇئي سگهجي ٿو. ساڪرو پٽ جي ٽريچاٽي وني اهڙي بدبودار وجود جو بي مثل نمونو آهي. جيئن تہ اهي اوَ گڻ خيبالي ناهن بلڪ حقيقت آهن. انڪري انهن جا هاڃا ڪٽنب ۽ سماج لاءِ ڀينڪر ثابت ٿي سگهن ٿا.

سترهين صدي عيسوي ۾ 'داور' جي زميندار ملڪ جيون بلوچ پنهنجي ساٿين سان گڏجي داراشڪوه سان تاريخ جو اهو ڪُڌو 'دوھ' ۽ ڪرپ ڏيارينڊڙ عمل دهرايو هو جيڪو ڪانئس سترهن صديون اڳ روم جي بروٽس جيوليس سيزر سان ورتايو هو. غداري ۽ احسان فراموشي جو اهو عمل بلوچ تاريخ ۾ اڄ بہ هڪ بدنما دائمي داغ جي حيثيت سان شهرت رکي ٿو. ساڪرو پٽ ۽ سنڌس گهرواري جو ساڳيو هڪجهڙو اُبتڙ ڏيندڙ عمل بہ سنڌي هندن جي تاريخ ۾ ڪوڙھ جي چٽي جيان ياد رکيو ويندو.

ٽک حرص و ہوا کو چھوڑ مياں
نِت ديس بديس پھرے مارا
قزاق اجل کا اٹوٹ ہے
دن رات بجاکر نقارہ
سب ٹھاٹھ پڑا رہ جائے گا
جب لاد چلے گا بنجارہ۔

جاپاني هائيڪو ياد پيو اچيم:

چور چورايو سامان
ڇڏي ويو دريءَ تي
چنڊ ۽ آسمان.

پر هيءُ ساڪرو چور ۽ سنڌس ٽريچاٽي وني جاپاني چور ڪان بہ گوءِ ڪٽي ڪيس مات ڏئي ويا. پنيان چنڊ ۽ آسمان تہ پري جي ڳالھ آهي، ڪاري وارا ڪک بہ ڪونہ ڇڏيائون.

انساني حياتي جي گهڙيال جو 'لڏڪٽو' آخري گهڙين تائين ڏک ۽ سک جي وچ ۾ جهولندو رهي ٿو. تانجو 'عدم' جي اڻ-پار اونهائي جي ڪناري وٽ پهچي يڪطرفو ٿيو وڃي.

پر، شومي ئي قسمت سببان منهنجي زندگي جو 'لڏڪٽو' ڄائي ڄم ڪان هڪ طرف ئي-ڏک- جهڪيل رهيو آهي. مان حيات ۾ ئي 'عدم' جي ڪناري پيڙو تي 'يڪطرفو' ٿي ويو آهيان. (هلندڙ)



**ناز سنائي، حيدرآباد.**

**سوجهرو** پڙهيم. محترم سليم نور حسين صاحب جي خط پڙهڻ جو موقعو مليو آهي. جنهن صاحب جو ڄم جو نالو سليم احمد. اهو پهريون خواجہ سليم هو، پوءِ سليم احمد ٿيو ۽ هاڻي سليم نور حسين جي نالي سان وڃي گوشائتو ٿيو آهي. جيتوڻيڪ اوهان ڪيس زبردست جواب ڏئي چڪا آهيو. مون کي پتو نہ پيو پوءِ بہ پاڻ سليم نور حسين صاحب کي ڪهڙين ڳالهين مان محسوس ٿيو تہ مان سراج، محمد ابراهيم جويي، پير حسام الدين راشديءَ، جي ايم سيد، ڊاڪٽر غلام علي الانا جهڙين شخصيتن کي لوڻ ٿو ڳهران. مونکان هن ڪجھ سوال پڻ پڇا آهن. انهن جي جواب ۾ مختصراً عرض آهي تہ:

(الف) پروفيسر علينواز جتوئيءَ ۽ سراج جي اها ڏي وَٺ، ماهوار نئين زندگي جي مختلف پرچن ۾ ڇپيل آهي نہ رڳو انهن ٻن جي پر ان سلسلي ۾ ٻين جا رايا پڻ رڪارڊ تي موجود آهن. سليم صاحب اسان جو بزرگ آهي، ڇا ان اهي نہ پڙهيا آهن يا انهن جو ڪڏهن تذڪرو بہ نہ ٻڌو اٿائين؟

(ب) ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو اُهو مضمون مان نہ پڙهي سگهيو آهيان. پر سراج ان تي جنسي رُنو هو ۽ جويي جي معرفت ڪيرت کي خط لکرايو هئائين. مون سان اها ڳالھ سائين جي ايم سيد ڪئي هئي. پر حسن اتفاق سان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، سائين جي ايم سيد کي جيڪو خط، ان خط جي جواب ۾ لکيو هو اُهو سائين جي ايم سيد جي اديبن عالمن جي خطن واري مرتب ڪيل ڪتاب 'اڄ پڻ ڇڪيم ڇاڪ' ۾ موجود آهي. ڇا سليم صاحب جي نظر مان سائين جي ايم سيد جو اُهو خطن وارو ڪتاب نہ گذريو آهي؟

(د) سائين جي ايم سيد جي مان انتهائيءَ گهڻو قريب هوس. سليم صاحب لکي ٿو، 'ڇا سنائي صاحب سائين جي ڪَن ۾ سرباٽ ڪرڻ جيترو ويجهو هو؟' سليم صاحب کي افسوس آ تہ تِرَ جي بہ خبر ڪانهي. ورنہ سائين جي ايم سيد جا پيروڪار، سڄي سنڌ جا اُهي ماڻهو جيڪي سائينءَ سان مِلندا جلندا هئا. اهي منهنجي ۽ سائينءَ جي ويجهڙائپ جا گواهہ آهن. ڪنن ۾ سرباٽ ڪرڻ وارو بہ هوس تہ سرعام چوڻ جي جرئت رکندو هوس. اهي بہ ٽي خط مون پڙهيا هئا. سائين وٽ. ڪيرت وارو بہ سائين ڇپائي ڇڏيو آهي پر مون کي شڪ ٿو پوي تہ ڪيرت بہ سائين وارو خط ڪٿي ضرور ڇاپرايو هو. شايد ڪيس سنڌ مان ويل خطن واري مجموعي ۾.

(هه) سليم صاحب پڇي ٿو، 'سراج صاحب پنهنجي اُن ڪتاب تان هٿ ڪڍڻ جو اعلان ڪٿي ۽ ڪڏهن ڪيو هو؟' اها تہ عجيب ڳالھ ٿي. اُهو ڪتاب چاليهن سالن جي لڳ ڀڳ عرصي کانپوءِ ٻيهر ڇپيو سو بہ سنڌس پيڻ جڏهن بوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرپرسن ٿي تڏهن ورنہ سراج کان ڪيترائي پبلشر ان ڪتاب جي ڇپائڻ لاءِ اجازت گهرندا رهندا هئا پر هُن ڪڏهن بہ اهڙي اجازت نہ ڏني. ان جو پهريون پبلشر مرحوم احمد خان شيخ، زيب ادبي مرڪز وارو مون سان گڏ جيل ۾ هو ۽ اُن مونکي اُتي ٻڌايو تہ سراج صاحب ڪهڙي طرح ان ڪتاب جون سموريون ڪاپيون ڪٺايون ويو. ماڻهو ان ڪتاب کي ڳوليندا رهيا. مرحوم احمد شيخ مونکي ٻڌايو تہ جڏهن ڏاڍي گهٽي پڇا ٿي تہ مون سراج کان ٻئي ڇاپي جي اجازت گهري تہ هُن سختيءَ سان منع ڪئي هئي. هڪڙا اعلان نہ ٿيندا آهن. ماڻهو انهن ڳالهين جا گواهہ هوندا آهن. هاڻي هڪڙي ٻي ڳالھ بہ اڻ اعلانيل ٻڌو. قربان بگٽي، سائين جي ايم سيد جي ڪتاب 'جيئڻ ڏنو آهي مون' تي قسطوار 'رهبر ڊائيجسٽ' ۾ بہ مضمون لکيا. سائين جي ايم سيد مون کي چيو تہ تون لاڙڪاڻي وڃ. منهنجا سمورا ڪتاب بگٽيءَ کي منهنجي طرفان ڏئي اچ ۽ چئو تہ مهرباني ڪري اوهان منهنجن سمورن ڪتابن تي تنقيد لکو. جڏهن مون لاڙڪاڻي ۾ بگٽيءَ کي اُهي ڪتاب پهچايا تہ بگٽي مرحوم وڏي رڙ ڪري چيو، 'ناز، مار جي ايم سيد ايڏو وڏو ماڻهو آهي؟ پر يار ظلم ٿي ويو. ڪالهہ ئي عابد لغاري ايڊيٽر رهبر ڊائجسٽ مونکان انهن مضمونن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ ڇاپڻ جي اجازت تحريري طور وٺي ويو آهي. منهنجو ضمير هاڻي اهو نہ چاهيندو سو تون مون تي احسان ڪر. هتان پهرين حيدرآباد وڃ. ان اجازت نامي کي منسوخ ٿو ڪريان. اهو خط عابد لغاريءَ کي پهچائي پوءِ سَنَ وڃجان. مون ائين ڪيو ۽ پوءِ سائينءَ سان اها ڳالھ سربستي ڪئي تہ وري سائين چيو تہ غلطي ٿي وئي. تنقيد نگار وڃايو سين.'

قربان بگٽيءَ جا ٻيا تنقيدي مضمون تہ ڪتابي صورت ۾ آيا پر سائينءَ لاءِ لکيل سنڌس مضمون سنڌس منع ڪري هنن ڪونہ ڇپايا. سليم نور حسين صاحب، هاڻي اوهان وري پڇندا تہ اهو اعلان ڪٿي ڇپيو؟ تہ اوهان جي اطلاع لاءِ عرض تہ ڪونہ ڇپيو پر بگٽي صاحب جي منع کانپوءِ اهي ڪتاب بہ ڪونہ ڇپيا.

(د) سليم صاحب پڇي ٿو تہ س،م، لاهوتيءَ (سراج ميمڻ) جيڪي سائينءَ ۽ سنڌ جي قومي تحريڪ تي الزام هنيا. ڇا مان انهن جي اپٽار ڪري سگهندس؟ ان لاءِ منهنجي گذارش تہ جڏهن سراج ميمڻ ۾ اها اخلاقي جرئت ڪانہ هئي تہ اهي اجايا غلط/ ڪوڙ بدوڙ وارا ڪالم پنهنجي نالي تي لکي نہ سگهيو. جند ان ڪري نہ ڇڏائي سگهيا آهيون جو سائين جي ايم سيد تہ جواب ڪنهن کي ئي ڪونہ ڏنو. پاڻ ٻين کي جهليندو هو. تنقيد ڪندڙن کي پائيندو هو، سلام ۾ دعا ڏياري موڪليندو هو. پر حق هجن ها تہ سراج اُهي گڏي پنهنجي نالي تي مجموعو نہ ڇپرائي وجهي ها.

(ز) عجيب احمقاڻو سوال پڇيو ويو آهي هڪ سينئر دوست طرفان تہ پيٽي صاحب طرفان سراج کي جي ايم سيد ۽ سنڌس خلاف پنڊٽي پارڻ جو جيڪو ٽاسڪ ڏنو ويو، اُهو ٽاسڪ ڏيڻي وقت مان تڏي تي موجود هوس؟ نہ مان تڏي موجود ڪونہ هوس، پر سيني ڏٺو تہ پيٽي سراج کي هلال پاڪستان جو ايڊيٽر بنايو ۽ سراج روزانہ سائين جي ايم سيد ۽ سنڌس تحريڪ خلاف لکندو هو. جي اُهو پيٽي جو ڪيس ڏنل ٽاسڪ نہ هو ۽ سراج جو پنهنجو هو تہ پوءِ ڪيس پيٽي ايڊيٽرشپ تان لاٿو چو ڪونہ؟

پيٽي ساڳيو ٽاسڪ تہ شيخ اياز کي وائيس چانسلر ڏيڻ وقت ۾ ڏنو هو تہ هو سنڌ يونيورسٽيءَ مان جيئي سنڌ تحريڪ جون پاڙون پٽي ڇڏي. ان ٽاسڪ وقت بہ مان تڏي تي موجود ڪونہ هوس پر سيني ڏٺو ۽ ڪيترن ماڻهن اهو لکيو آهي تہ پيٽي، اياز کي وائيس چانسلر چو ڻاهيو هو؟

سراج، پيٽي صاحب کي سنڌي ڪتابن تي بندش وجهڻ لاءِ جيڪا پنهنجي هٿ اکرن ۾ لسٽ ناهي ڏني هئي. اها مون ضرور ڏني هئي. ڇاڪاڻ تہ اطلاعات وارو مشير ان وقت پير علي محمد راشدي هو. اهو سائينءَ جي ويجهو هو، سائينءَ کيس ميار ڏني تہ تنهنجو هي ڪارنامو خراب اکرن ۾ لکيو ويندو تہ راشدي صاحب سائينءَ کي سراج جي هٿ اکرن واري لسٽ ڏياري موڪلي ۽ پنهنجي هڪڙي اهڙي نوٽ سان جو مان اُهي لفظ لکڻ کان ڪيٻايان ٿو. اها لسٽ سائينءَ جي ڪاڳرن ۾ اڃا بہ موجود آهي. راشدي صاحب جي رڪارڊ ۾ بہ موجود هوندي. مون وٽ تہ ڪانهي. مان تہ رڳو گواهہ آهيان. ٻي ڳالھ تہ سليم صاحب ان معاملي ۾ صفا ڪورو ٿو لڳي ڪيس خبر ئي ناهي ڇا تہ ان معاملي تي 'ٽريبونل' بہ نهي هئي. ڪيترن ليکڪن/ ايڊيٽرن/ سياستدانن جا بيان رڪارڊ ٿيا هئا. برسات ميگزين ۽ روزانہ برسات توڙي ٻين اخبارن ۾ اُهي ڪارروايون روز ڇپبيون هيون. پر سليم صاحب تي ڪا ميار ئي ڪانهي. هو پاڻ ان زماني ۾ 'چاٽو' ڪرڻ ۾ پورو هوندو هو. ڪيسو گرم ڪرڻ کانپوءِ وري جو گم ٿيندو هو تہ وري خالي ٽين تائين ورندو ئي ڪونہ هو ۽ ورتندو هو نالا ۽ تخلص مٽائيندو. سليم نور حسين صاحب جو هڪڙو ئي ڪتاب 'ڪهاڻيون سارونيون' ڇپيل منهنجي نظر مان گذريو آهي. ان ۾ پاڻ هُن ڪيترين ئي شخصيتن کي لوڻ جي واهہ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڪيس پنهنجي لکيل هنن ڳالهين جي اهميت جو اندازو ڪونهي ڇا؟

1- "نسيم کرل کي ايس.ايم. ڪاليج جي سالياني مخزن جي سنڌي ڀاڱي جو ايڊيٽر ڪيو ويو. اها ايڊيٽري شايد ڪاليج جي پرنسپال سيد غلام مصطفيٰ شاهہ جي سنڌس هاءِ ڪورٽ جي جج چاچي جي طفيل ملي هئس." (ص 85)

ٿوري دير لاءِ اها ڳالھ ڪٿي قبول بہ ڪجي تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو هڪ ايماندار جج، پنهنجي ڀائيٽي (ناني) جيڪو ان ڏوڙ ۾ ئي هڪ ڪهاڻيڪار طور مڃي اُڀري آيو هو، ان کي ڪاليج مئگزين جي ايڊيٽرشپ لاءِ ڪاليج جي پرنسپل کي سفارش ڪري سگهي ٿو؟ ڇا اها ڪا وڏي نوڪري هئي؟ ٻيو تہ انهيءَ واقعي کان اڳ گڏريل مئگزين لاءِ

غلام رباني آگري کي پلا ڪنهن جي سفارش تي ڪاليج مئگزين جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو؟ هو ته مسڪين پرائمري ماستر عبداللطيف ٻگهيي جو پٽ هو. اهي سڀ ڳالهيون خواجه صاحب جو هٿناٺ آهن. جيڪو پنهنجي جسماني ڪامپليڪسز جي ڪري انومان ڊوڙائي پيو ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪندو آهي. سنڌ ۾ هڪڙا اهڙا اديب به آهن جن جا پاڻ ۾ دوستن ڪان وڌيڪ مائٽاڻا تعلقات آهن. پر سندس ڪتاب جي صفحي 90 تي هن جو ڪجهه لکيو آهي. اهو به يڪطرفو ۽ بدنيتي تي ٻڌل آهي. جنهن جو مقصد ڪنهن شريف ماڻهو جي ڪردارڪشي ڪان گهٽ نه آهي.

نسيم ڪرل اهل ڪونه هو. ان کي سندس چاچي جي جج هئڻ ڪري سيد غلام مصطفيٰ شاهه ميگزين جي سنڌي ڀاڱي جو ايڊيٽر مقرر ڪيو هو. اها ڳالهه سطحي، محدود ۽ معمولي آهي. ان کي پنهنجي مرضي جو رنگ ڏيئي نسيم ڪرل جي ادبي شخصيت کي لوئڻ جي برابر آهي.

مون ته سندس جيان ڪنهن به ڪردار کي لوئيو نه آهي. باقي سليم صاحب ان ڪتاب ۾ جيڪي پاڻ بابت لکيو آهي ته هو ون يونٽ خلاف پمفليٽ ڇاپيندو هو، ورهائيندو هو، پوليس ان جي پويان هوندي هئي اُن لاءِ مان هن ڪان ڪي به سوال ڪونه پڇندس ڇو ته سندس بين يارن ڪتي به ان جو نالو نه لکيو آهي. نه شاهد، نه گواهه ته مان سوال ڪهڙا هن ڪان پڇان؟

**حنيف عاطر، جُهڏو.**

شاعري ۾ هيئت (structure) جي عمده ترڪيب، اسلوب، ابلاغ، فڪر ۽ خيال جي عظمت کي وڏي اهميت حاصل آهي. ۽ اهڙي ئي عمل کي آفاقي قدرن جو امين چيو ويو آهي. ڪو منهنجي ڳالهه سان اتفاق ڪري يا نه ڪري پر فن ۾ استحڪام اهڙن قدرن جي وسيلي ئي پيدا ٿيندو آهي. ۽ آئون اهڙي مثالي ادب تي يقين رکان ٿو. مذڪوره حقيقت کي جيڪڏهن سامهون رکندي جائزو وٺون ته محسوس ٿيندو ته اسان جي تعميري ادب تي ماٺار ڇانيل آهي.

تعميري ادب جي موضوع تي ڪيترائي پيرا تاج بلوچ 'ٽچ مي پليز...' ۾ انهي ڳالهه جو اظهار ڪري چڪو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ تازن شمارن ۾ سائين حليم جوش به دوستن جي شاعري ۾ ڪيترين ئي غلطين جي نشاندهي ڪري چڪو آهي ۽ جونئير شاعرن کي ڪنهن سني ڄاڻو شاعر ڪان مشورو وٺڻ جي تلقين به ڪئي آهي. پر 'خاڪم به دهن' کي دوست پاڻ کي همعصر عهد جي ناليوارن شاعرن کي ته ڇڏيو، پر مرشد لطيف سرڪار جي قد برابر سمجهڻ لڳا آهن. مون جڏهن ڪان سوجهرو پڙهڻ ۽ ان ۾ لکڻ شروع ڪيو آهي، مون کي وڌيڪ تعيمري پهلو نظر آيا آهن. سوجهرو جي زرخيز زمين پنهنجي ڪک مان ڪيترن ئي قلمڪارن کي جنم ڏنو آهي. ۽ روشني جا نوان گس ڏيکاريا آهن. انهن ۾ هي ناچيز به شامل آهي. باقي نالن جي تفصيل طويل آهي. ڪيترائي دوست مختلف وقتن تي اظهار ڪندا رهندا آهن ته 'اسان سوجهرو جي بدولت هن مقام تي پهتا آهيون.'

سچ اهو آهي ته، سوجهرو نوجوان قلمڪارن کي گمنامي جي انڌي جهان مان ڪڍي، شهرِ عام ۽ بقاءِ دوام جي پُر رونق مجلس ۾ ڪٽي ٻيهاريو آهي. ڏک انهي ڳالهه جو آهي ته اسان جا نوجوان ادب کي سنجيد گي سان نٿا وٺن. مشاهدي ۽ مطالعي جي کوٽ سبب تڙ تڪڙ جا عادي ٿي چڪا آهن. ۽ پاڻ ئي نٿا سمجهن ته هو ڇا لکي ۽ چئي رهيا آهن.

جنهن تخليقڪار ۾ تخيل جو جوهر ۽ انفراديت جو عنصر موجود آهي اهو ادب جي افق تي سدائين چمڪندڙ ستاري جيان جرڪندو رهندو.

مئي وارو سوجهرو ۾ عزيز گل نامي شاعر جي ڇپيل خط تي تاج صاحب سينئر ۽ جونيئر دوستن ڪان راءِ گهري آهي. انهي تناظر ۾ مذڪوره ڳالهيون منهنجي نيڪ جذبن ۽ خيالن جي عڪاسي ڪن ٿيون. ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ، ڪنهن جي ذات تي حملو ڪرڻ منهنجو قطعي مقصد ناهي. هڪ اديب، شاعر جي حيثيت ۾ اخلاقي، اصلاحي پهلو اجاگر ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو. غزل تي راءِ ڏيڻ ڪان اڳ موصوف جي خط جي ڪجهه جملن ڏاڍو ڏک رسايو. جيئن ته هن هڪ هنڌ لکيو آهي، 'ان ڪانپوءِ پنجون نمبر خيال (جنهن جي تاج اصلاح ڪئي آهي) ڪٽ جي واڏڻ مان شيدي وانگي منهن ڪڍي اچي ٻيهي رهيو آهي.'

عرض آهي ته هن قسم جو جملو اسان جي سنڌي معاشري ۾ سنڌي قوم جي ڪنهن هڪ ذات تي ٺٺول ڪرڻ جهڙو ناهي؟ اهو جائز آهي؟ مشڪري طور پيش ڪرڻ غير اخلاقي ۽ غير مهذب رويو ناهي؟ انهي جملي سنڌي تاريخ جي جوڌي 'مر ويسون سنڌ نه ڏيسون' نعري جي خالق هوش محمد شيدي جو روح ناهي رنجايو؟ شيدي محنت ڪش سنڌي آهن. موجوده اليڪشن ۾ ٽڪ نمبر: NA227 تان مگهڻ شيدي پورهيت طبقي سان تعلق رکندي به مير منور ٽالپر جي سامهون سينو ساهي اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو. ڪيس ڪيترين ئي لالچون آڇيون ويون. پر هن ضمير جو سودو نه ڪيو. جنهن جي عظمت کي سلام آهي. شاعر ته وسيع سوچ رکندڙ انسانيت جو علمبردار هوندو آهي. موصوف جي ايڏي هلڪي سوچ انسانيت جي عظمت کي داغدار ڪرڻ جي مترادف آهي. موصوف جي علم ۾ هئڻ گهرجي، 'شيدي انجنيئر، ٽيچر، ڊاڪٽر، شاعر، اديب، راڳي ۽ صاحب ڪتاب آهن. مان اهوئي چوندس ته، 'انسانذات لاءِ روح ۾ نرم گوشي جو هئڻ ئي وڏي انسانيت ۽ انسان دوستي آهي.'

'ارتو' لفظ جنهن کي 'ارتو عرف ڏٽي پرتو' چئي نه رڳو لفظ جي حُرمت/اهميت/حيثيت کي مجروح ڪيو آهي بلڪ اردو جو لفظ چئي شاهه سائين جي روح کي به تڙپايو آهي. لفظ 'ارتو' جي معنيٰ 'رت مليل لڙڪ' آهي. بنا ڪنهن سوچ ويچار جي راءِ ڏيڻ ڪم عقلي ۽ لاعلمي کي ظاهر ڪري ٿو.

موصوف جو غزل 'فاعلاتن فاعلاتن فاعلن' تي رچيل آهي. الائي ڪٿي ڪٿي غزل جا ڪاڪڙا ڪريل هئا. پر اصلاحي غزل ۾ مٿي ڄاڻايل وزن نڪتو. سڄو غزل Blind ۽ Hunchback آهي. تاج صاحب جي اصلاح ڪانپوءِ به غزل متاثر ناهي ڪري سگهيو ڇاڪاڻ ته غزل جو رديف تنگ ۽ ۽ غير معنويت جي ور چڙهي ويو آهي. رديف غزل کي بامقصد بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندو آهي. جڏهن 'ٻيو ڇا ڪپي' طربيه ڪيفيت ۾ پر لطف لڳندو. مثلن: 'رنل اوچتو ٿهي ويو ٻيو ڇا ڪپي؟' 'محبوب مون کي پنهنجي هٿ سان ماني کارائي ٻيو ڇا ڪپي؟' 'مون مسڪين کي مفت ۾ پلاٽ ملي ويو. ٻيو ڇا ڪپي؟' وغيره.

هتي ته قصوئي ٻيو آهي.

درد جو رڻ ٿيڻ ڪپي ٻيو ڇا ڪپي
توکي ڪاوڙجڻ ڪپي ٻيو ڇا ڪپي

هن ۾ ڪهڙو اڌمو، ڪهڙو جذبو ۽ ڪهڙي معنيٰ رکندڙ لفظيات شامل آهي؟ موصوف ڇا ٿو چوڻ چاهي؟ سمجهه کان بالاتر آهي. المياتي انداز ۾ رديف 'ٻيو ڇا ڪپي' غير مانوس، اوپرو ۽ بي معنيٰ لڳي ٿو. تاج صاحب پهرين مصرع کي 'درد کي وگهرڻ ڪپي ٻيو ڇا ڪپي.' چئي 'گپَ' جي گهيري مان ڪڍيو آهي ۽ رديف سان نياءُ به محسوس ٿئي ٿو. پر تڏهن به هيٺ واري ثاني سٽ، 'توکي ڪاوڙجڻ ڪپي ٻيو ڇا ڪپي' مطلع کي مضبوط بنياد تي ڪونه ٿي ٻيهاري. اهو سلسلو مسلسل غزل جي پڇاڙي تائين احساس ڏياريندو رهي ٿو. (تاج بلوچ جي اصلاحي سٽن کي ڇڏي) مگر پوءِ به نوآموز شاعر پنهنجي هوڏ تي قائم آهي.

**سليم نور حسين، ڪراچي.**

(1) 'سوجهرو' (مئي 2013) ۾ مون واري خط تي تنهنجي تبصري تي تبصري ڪان پرهيز ڪندي هڪ وضاحت: جنهن عرصي دوران مونکي 'ادبي دنيا مان غائب' ڄاڻايو اٿي، تنهن ۾ مون به ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ لاءِ سنڌيءَ ۾ الٿايا يا 'سنڌيا يا' هُئا: پهرين بوڪاشيو جو 'ڊيڪئمران مان آکاڻيون' جي نالي سان ۽ پوءِ لئمبرڪ جو 'سنڌ - هڪ عام جائزو' جي نالي سان. پوئين ڪتاب جي، 'سنڌي ٻولي' واري باب ۾، ياد ٿو پويم ته، ڪاڪي ڀيرومل، ڊاڪٽر الانا ۽ سراج صاحب جي سنڌي ٻوليءَ جي موضوع تي جوڙيل پاڻ وٽ موجود ڪتابن مان حاشئي طور جيڪي ٻه چار حوالا ڏنا هئم، تن مان ڇپيل الٿي ۾ رڳو ڪاڪي وارو موجود آهي ۽ بس.

(2) 'سرڪاري ادارن ۾ ويٺل يا انهن سان لاڳاپيل ڪير ڏيندڙ ڳابن لاءِ' منهنجي ڪُن لاٽار ۽ سافٽ ڪارنر بابت تون پنهنجي راءِ محفوظ نه رک. پلي پڙ تي آڻ: 'چشم ما روشن- دلِ ماشاد.' اهڙي ڪن لاٽار ۽ سافٽ ڪارنر سُوڌو انهن لاءِ به ته ٿي سگهي ٿي، جيڪي نه سرڪاري ادارن ۾ ويٺل آهن ۽ نه انهن سان لاڳاپيل ڪير ڏيندڙ ڳابيون آهن، ڇوجو هن حياتيءَ جي 'حمام' ۾ الله لوڪن ۽ درويشن کي ڇڏي اسين سڀ اگهاڙا آهيون.

*(آئون درويش نه ئي الله لوڪ. پر 'هن حياتي جي حمام' ۾ 'اسين سڀ اگهاڙا' وارن ۾ بنهه شامل ناهيان. ت-ب)*

**رضا لانگاهه، مورو.**

ڪراچي يونيورسٽي طرفان نوجوان شاعر ۽ محقق شير مهراڻي جي ٿيسز، 'شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات' کي منظور ڪرڻ تي ڪيس مبارڪون. ڊاڪٽر شير جي انهيءَ محنت، مطالعي ۽ جذبي جي پويان اوهان جو پڻ وڏو هٿ آهي. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي اندر سنڌي ادب جي ڪيتر ۾، 'سوجهرو' جيڪي نالا متعارف ڪرايا آهن. انهن ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي پڻ شامل آهي. اهڙي هاڪاري ڪردار ادا ڪرڻ تي ڪي خوش ٿيا آهن ته ڪي ناراض. ان هوندي به توهان جيڪو ادبي سفر جاري رکيو پيا اچو ۽ ڪٿي به ٿَڪُ محسوس ڪونه ٿا ڪرايو. اهڙي اٽڪ ادبي سفر کي ڪو به باشعور ماڻهو وساري نٿو سگهي. توهين سمجهون ٿا ته، هر نکرندڙ رسالي ۾ وقت سان گڏ ذهن جو پورهيو پڻ

شامل هجي ٿو. اهو پورهيو ڇپجڻ ڪانپوءِ پبلشر ۽ ليکڪ سان گڏ عوام جي ملڪيت ٿي وڃي ٿو. انهيءَ پورهئي کي عوام/پڙهندڙ ڪيتري موٽ ڏئي ٿو. اهو عوام/پڙهندڙ تي ڇڏيل آهي.

پازيٽو ته پازيٽو هجي ٿو پر Negative موٽ کي انتهائي شانائتي انداز ۾ مُنهن ڏيڻ جهڙي تهڙي ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر آهي. جنهن کي توهان گذريل پندرهن سالن کان وٺي منهن ڏيندا پيا اچو. ۽ يقينن ڏيندا رهندا. غلام آدرش جي ڪتاب، ’توکان پوءِ‘ تي ڊاڪٽر شير مهراڻي، ’روشني ٿي وئي‘ جي عنوان سان جيڪو تبصرو ڪيو آهي. اهو اڻپورو لڳو. ڇاڪاڻ ته ان تبصري ۾ شير جي اها دلچسپي نظر ڪانه آئي، جيڪا هڪ تبصري نگار وٽ هجڻ گهرجي؟ غلام آدرش جي شاعريءَ مان شير جيڪي پنهنجي پسند جون سِٽون ڪنيون آهن. انهن ۾ پڻ تضاد موجود آهي. ڇوته ڊاڪٽر شير مؤنث ۽ مذڪر جي صِيغي کي نظر انداز ڪري پنهنجي تبصري تي جڻ پاڻي ڦيري ڇڏيو آهي؟ شاعريءَ ۾ مذڪر ۽ مؤنث سان گڏ جيڪڏهن اعراب (زير-زبر-پيش) جي ٿوري به غلطي ٿي وڃي ته، انهيءَ سِٽ يا بند جو مفهوم ئي مٽجي وڃي ٿو. ڊاڪٽر صاحب اهڙي غلطي ڇو ڪئي. ان جي ڪيس خبر ئي نه هوندي؟

دَردُ رستو ڏسي وئي آهي،
زندگي جڻ ڪسي وئي آهي.
(آدرش)

’دَردُ‘ لفظ مذڪر آهي. تنهنڪري مذڪر جي صِيغي سان ’رديف‘ به مذڪر هجڻ گهرجي نڪي مؤنث؟ ان ڪري ’دردُ‘ لفظ سان رديف ’وئي آهي‘ نه پر ’ويو آهي‘ وڌيڪ بهتر لڳندو. ان کان علاوه ڊاڪٽر شير جيڪو ٻيو غزل پسند ڪيو آهي. انهيءَ ۾ پڻ روايتي وائڙپ جو رنگ چڙهيل آهي.

سار ڪاڏي ڪيان
يار ڪاڏي ڪيان
روح کي پاڻ کان
ڏار ڪاڏي ڪيان
(آدرش)

ڪنهن به ڪتاب تي اهڙي قسم جو وائڙو ۽ غير دلچسپ تبصري کان بهتر آهي ته تبصرو نه ڪجي. ج.ع.منگهاڻي، نسرين الطاف، حنيف عاطر، ساٿي محبوب زنگيجو، ولي ٽگڙ، نماڻو صديق مهيسر، شير هاليپوٽو، رضا بخاري، اداسي جکراڻي ۽ ذوالفقار گاڏهي جي شاعريءَ ۾ جيڪا سونهن، سندرتا ۽ حسناڪيءَ جي تازگي نظر آئي. انهيءَ روح خوش ڪري ڇڏيو. ان کان علاوه حسين جاگيراڻي جي هنن سِٽن پڻ ڏاڍو متاثر ڪيو.

جاهل ترين آهيان
مان بهترين آهيان
زرخيز ڪنهن خطي جي
بنجر زمين آهيان.

اها حقيقت آهي ته، هن بدبوءِ دار سماج ۾ اهي ماڻهو ڏاڍا خوش آهن. جيڪي جاهل آهن. جيڪي خوشي ڇاهي يا خوشي ڇا کي ٿو چئجي؟ ڏاهو ماڻهو جڻ انهن سوالن کان اڻ واقف هجي. ڇاڪاڻ ته ڏاهو ماڻهو ميڻ مثل هوندو آهي. جنهن کي سماج جي ٿوري به بي رُخي ڳاري ناس ڪري ڇڏيندي آهي. جاگيراڻي صاحب اهڙي ڪربَ کي ڏاڍو خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي. جنهن لاءِ ڪيس جس هجي. ٽڄ مي پليز ۾ رومانيت، جدت، جديديت پڄاڻان (post-modrensim) ماڊرنٽي، ماڊرن اِزم ۽ ماڊرنائيزيشن کي جهڙيءَ ريت توهان سادن ۽ مختصر لفظن ۾ سمجهايو آهي. اها وڻندڙ لڳي.

ڊاڪٽر غفور ميمڻ سماجي فلسفي جي مضمون ۾، ’بي معنويت ۽ زندگي‘ کي جنهن طريقي سان پيش ڪيو آهي، اهو وڻندڙ ضرور آهي. پر عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿانهون آهي. شوڪت لوهار جي مضمون، ’سون-سريڪا هٿ‘ ۾ مزدور جي عظمت ۽ ڪَربَ کي ڏاڍي ڪارائتي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ۽ تعريف جوڳو آهي.

رسول ميمڻ جي ڪهاڻي، ’ڪرفيوءَ ۾ اڏامندڙ ڪاغذ‘ پير عبيد راشديءَ جي ڪهاڻي، ’احساس جي پاڇاري‘ ۽ پروفيسر امر لغاريءَ جي ڪهاڻي، ’وڻ-ويڙهي‘ سان گڏ شيام ڪمار جون پتڪڙيون ڪهاڻيون، اُتساهه سان گڏو گڏ سماجي شعور پڻ ڏيندڙ لڳيون.

*(ادا سائين، ڪو به موضوع جيستائين ڪچي عمر کان مطالعي هيٺ اچي ٿو ته پوءِ اڳتي هلي ان لاءِ مائينڊ سيٽ به جڙي ٿو. ۽ پوءِ اها ڳالهه ماڻهو/نقاد کي سمجهه ۾ به اچي ٿي. ڊاڪٽر غفور هڪ پرجهل، انتهائي پورهيت، گهڻ پڙهيو ۽ جاکوڙي فيلسوف ۽ قلمڪار آهي. ان کي يا ان جي فيلسوفاڻي لکٽي کي سمجهڻ لاءِ ايترو ته وقت کپندو جيتري ڊاڪٽر صاحب سيڙپ ڪئي آهي. ’دَردَ‘ تي پيش ڏيئي اوهان پاڻ لاءِ پريشاني پيدا ڪئي آهي. اصل ۾، ’دردَ-رستو‘ آهي. يعني، ’هوءَ درد جو رستو ڏيکاري، زندگي جڻ ڪسي وئي آهي.‘ شعري اظهار جي ترسيل ٿئي ٿي. پر جيئن اوهان چئو ٿا اهو درست ناهي. البته شعر ۾ ’ابهام‘ ضرور آهي، جيڪو عروضي شاعريءَ جي تنگ دائري ۾ جائز آهي. ت-ب)*

**نصير سومرو، ڪراچي.**

ناز سنائي جي حوالي سان رڳو نظر ’چوريءَ‘ (آهي/ناهي) تائين ٽڪيل نه رکڻ گهرجي. پر ڇپائيءَ جي حقن ۽ واسطن جي اخلاقيات ۽ قانوني ضمانت جي ضمانت پڻ ڏيڻ گهرجي. خاڪروب کي ٻهاري ڏيڻ جو پورهيو ملي ٿو ۽ ليکڪ ڇا خاڪروب کان ٻه ويو، جو سندس حقن ۽ واسطن جا مزا ٻيا پيا لٽين ۽ ڦُرين ۽ حقدار جيڪو مظلوم آهي جي حق ۾ ڳالهائڻ جو ساهس ساهيون.

هتي ’چوري‘ ۽ ’سينا زوريءَ‘ جي جوابدار کي معتبريءَ جي پڳ پارائي سندس ميڄتا ۾ تاڙيون پيا وڄايون. رڳو سموسن ۽ چانهه پاڻيءَ جي قيمت ۾. ظالم طبقو مظلومن کي سٽن لقبن سان ياد نه ڪندو آهي. مظلوم طبقي جا ابوجهه ۽ سادا روح ئي ظالم لاءِ چند ٽڪن عيوض مهان، عظيم، برک، منفرد، يڪتا، جهڙن مثالي ۽ نڪور خطابن جون صفتون لڳائي تاريخ جو چهرو مسخ ڪندا آهن. انهي کي وائيٽ ڪالر ڪرائيم چئبو آهي. ’اچو لٽو، ڪَمُ ڪُڏا.‘ گڏجي ۽ ونڊي ورهائي کائيندڙ فيصلو ڪندا ته ڪنهن کي ڇا ڏيٽو آهي. ۽ ڇا نه ڏيٽو آهي؟ انهن ڪرتا ڌرتا سان، ڪنهن کي به ڏسندؤ ته اختيار ۽ وس ڌٽين جو گهڻ گهرو هوندو.

پراڻي ساختيات (structuralism) جي نئين شڪل ساختيات پڄاڻان جي لسانياتي گهن چڪر ۾ ظاهر ٿي چڪي آهي. ادبي چوري ۽ سينا زوريءَ جو بهترين مثال نشر و اشاعت جو ماشاخور سنڌيڪا جو حضرت عالي جناب علامه محقق ۽ دانشور نور احمد ميمڻ آهي. مجال آهي، جو ڪاپي رائيٽ تحت ليکڪ کي هن جو پورهيو ڏئي. جتان وٽيس مواد چورائي پنهنجي ڌار ڌار فرضي نالن يا پنهنجي نالي ڇپائي ڇڏي.

جيڪڏهن Piracy ۽ Plagiarism جي سنڌيءَ ۾ ترقي يافتا شڪل آهي ته اها سنڌيڪا ئي آهي. ڪاپي رائيٽ جي لتاڙ ڪانپوءِ سرڪاري ڪمن، قوم پرست ۽ مذهبي ڌر جي پورهيي جي والار جو سهرو به موصوف پنهنجي سر تي رکيو آهي. لاوارث ملڪيت تي ڪير به قبضو ڪري سگهي ٿو. اصل حقدار جيستائين پهنجا تڪرار (نظرياتي/ڏيتي ليتي) نبيري ڪا واٽ وٺن، تيستائين وکر ٻين جي جهول ۾.

سنڌيڪا جا ڪجهه ڪتاب جيڪي سندم مطالعي هيٺ آيا، بلڊپريشر وڌائڻ جو باعث پاسيا. هڪ ڪتاب، ’تهذيبن جو ٽڪراءُ‘ پڙهيم. ته ڪاريءَ وارا کڪ.ڪتاب نظر جي دوکي (optical illusion) جو اهڙو تجربو ثابت ٿيو. Delusion پڻ دوکو نڪتو. سمجهيم ته سنڌيءَ ۾هي ڪتاب پڻ سيميول پي. هنٽنگٽن جي ڪتاب The Clash of Civilization ۽ Remaking of World Order جون سِڪون لاهيندو پر مايوسي پلئي پئي.

سنڌيڪا جو ٻيو مواد Dogmaticism ۽ Appocryphia جو عڪاس آهي، جيڪو نئين نسل کي سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي بلند افق ڏانهن وٺي وڃڻ جو موجب بڻجندو!!

**پچن لال، ڪراچي.**

مئي 2013 جو سوجهرو ڏاڍي دلچسپ مواد سان سنواريل آهي. انهي سنوار جي پويان اوهان ۽ اوهان جي اداري جي ڪارڪنن جو پندرهن سالن جو پورهيو شامل آهي. ماڻهو تجربي جي بنياد تي ئي کي چڱا اُپاءُ وٺي سگهندو آهي. سٺي شاعري، سٺيون ڪهاڻيون ۽ فلسفي جون دل لُڀائيندڙ ارڏايون وڏي علمي خزاني طور اسان جي سينن ۾ هڪ نئين روشني اُپاريو ڇڏين ٿيون. سڀني دوستن کي مبارڪون. ■



## غزل

**گل محمد خاصخيلي**

رهيو هر وقت لهجو
اوهان جو سخت لهجو
ڪساڻا لفظ سندر
ٿيو رت رت لهجو
ٿياسين آمهون سامهون
ٿيو بي ربط لهجو
وساري ڪونه سگهبو
اوهان جو مست لهجو
بدن ۾ تيرگي وانگي
ٿيو پيوست لهجو
ڪري پيو روح اندر
پرين جو گشت لهجو
رهيو ’گل‘ پيار جو آ
مٺو ۽ لسٺ لهجو.

(گل صاحب کي سالگره جون واڌايون-ادارو)